سال (18) خميس 23 آڪٽوبر 2025ع 29 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (31)

ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO.-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 23 آڪٽوبر 2025ع 29 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (69)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi — Thursday 23rd October 2025
Daily Ibrat Hyderabad — Thursday 23rd October 2025
سال (18) خميس 23 آڪٽوبر 2025ع 29 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (31)

سنڌ ۾ بدامني خلاف حڪومتي قدمن سبب 72 ڌاڙيلن شڪارپور ۾ گهرو وزير ۽ آءِ جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا

پوليس لائن گرائونڊ تي منعقد تقريب ۾ صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ڊي جي رينجرس ۽ ٻين عملدارن جي شرڪت

هٿيار ڦٽا ڪندڙن ۾ ياسين، شهداد، معشوق، جمال الدين، عبداللطيف تيغاني، علي مراد، ستارسبزوئي، نادربنگلاڻي، عبدالعزيز بنگلاڻي ۽ ٻيا شامل

شهيدن کي ڪريڊٽ ڏيان ٿو جن جي شهادت سبب اڄ پوليس ۽ رينجرس کي ڪاميابي ملي اڄ 72 ڌاڙيلن پيش پيا آهن: گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار

امن پاليسي تحت ٻه ڪميٽيون مانيٽرنگ ۽ امليمينٽنگ جوڙيون ويون آهن، جن تحت ڌاڙيلن کي پيش ڪش ڪئي ويندي ته هٿيار ڦٽا ڪن يا مقابلن لاءِ تيار رهن

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) شڪارپور جي پوليس لائين ۾ گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ آڏو 72 ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري گرفتاري پيش ڪري ڇڏي آهي. شڪارپور جي پوليس لائن گرائونڊ تي منعقد ڪيل ڌاڙيلن سرينڊر تقريب ۾ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، آءِ جي ايم اين اي محمد شهريار مهر، وزيراعليٰ سنڌ جو مشير مير بابل ڀيو، اڳوڻو وفاقي وزير عابد حسين

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار آءِ جي سنڌ ۽ ڊي جي رينجرز ڌاڙيلن پاران هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري تقريب ۾ اسٽيج تي ويٺل آهن ٻئي طرف ڌاڙيلن پاران انتظاميا حوالي ڪيل هٿيار پيل آهن

بلاول ڀٽو زرداري پاران جاپان جي پهرين عورت وزيراعظم سانائي تاڪائچي کي مبارڪباد

مان هر ان عورت کي سلام پيش ڪيان ٿو جيڪا رڪاوٽون ٽوڙي اڳتي وڌي ٿي: بلاول ڀٽو

پاڪستان جاپان جي ماڻهن ۽ خاص طور تي انهن جي عورتن سان هن غيرمعمولي جمهوري لمحي ۾ گڏ بيٺو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جاپان جي پهرين عورت

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران غزه ۾ قابض اسرائيلي فوج جا حملا صدر ٽرمپ جي امن معاهدي جي ڀڃڪڙي قرار

امن معاهدي باوجود اسرائيل فلسطينين تي حملا ڪري، خلاف ورزي ڪئي آهي، نتيجي ۾ ڪيترن ئي انساني جانين جو زيان ٿيو آهي، حملن جي سخت مذمت ڪريون ٿا: پرڏيهي ترجمان

اهڙي طرح جا قدم شرم الشيخ ۾ مسلم ۽ عرب دنيا، آمريڪا، يورپ ۽ گڏيل قومن جي قيادت جي موجودگي ۾ طئي ٿيندڙ امن معاهدي جي روح جي خلاف آهن

عالمي برادري اسرائيل جي خلاف ورزين جي خاتمي لاءِ فوري ۽ موثر قدم کڻي ۽ جنگبندي تي مڪمل عملدرآمد ۽ فلسطيني شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائي

1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد، خودمختيار، قابل عمل ۽ لاڳاپيل فلسطيني رياست جي قيام، جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان غزه ۾ قابض اسرائيلي فوج جي تازي حملن جي شديد مذمت ڪئي آهي جن کي تيجي ۾ ڪيترن ئي انساني جانين جو زيان ٿيو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته اهڙي طرح جا قدم شرم الشيخ ۾ مسلم ۽ عرب دنيا، آمريڪا، يورپ ۽ گڏيل قومن جي موجودگي ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

دالبندين ۾ فتنہ الهندستان خلاف سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي، 6 دهشتگرد مارجي ويا

بلوچستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ امن امان جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون آپريشنون ڪارروايون جاري

دهشتگردن جابلو غار ۾ پناهه ورتي هئي جن تي فضائي نگراني ذريعي مسلسل نظر رکي وئي: سيڪيورٽي فورسز جا عملدار

دالبندين ۾ اهم ڪاميابي سيڪيورٽي فورسز ۽ ڳجهن ادارن جي بهترين هم آهنگي ۽ اثرائتي رابطي جو نتيجو آهي

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي دالبندين علائقي ۾ ڪارروائي دوران فتنہ الهندستان جا 6 دهشتگرد مارجي ويا

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اتر ڪوريا پاران بيلسٽڪ ميزائلن جا وڌيڪ تجربا ڪيا ويا

سيئول (اي پي پي) اتر ڪوريا پاران بيلسٽڪ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي رومانيہ جي هم منصب سان ملاقات

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فضائيه جي سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي رومانيہ جي ايئر فورس جي سربراهه

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صدر پاران سعودي قيادت ۾ گڏيل ميري ٽائيم ٽاسڪ فورس تحت ڪارروائي مثالي قرار

صدر آصف زرداري نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف ۽ يرموڪ جي عملي کي شاندار ڪاميابي تي خراج تحسين پيش

منشيات جي خاتمي واري اها ڪارروائي عالمي امن ۽ سامونڊي سلامتي جي لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي اجاگر ڪري ٿي

پاڪستان نيوي جو ڪردار عالمي سطح تي پاڪستان جي ساک ۽ مثبت تشخص کي مضبوط بڻائيندو رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري سعودي عرب جي قيادت ۾ گڏيل ميري ٽائيم ٽاسڪ فورس تحت ڪيل ڪارروائي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

غزه لاءِ امداد ۾ واڌ ۽ زخمين جي واپسي لاءِ تيار آهيون: يورپي يونين

موڪليل انساني امداد کي بهتر ڪرڻ ۽ زخمين کي اتان ڪڍڻ لاءِ تيار آهيون

برسلز (اي پي پي) يورپي يونين اعلان ڪيو آهي ته غزه لاءِ موڪليل انساني امداد کي بهتر ڪرڻ ۽ زخمين کي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان وفاقي سيڪريٽري اطلاعات عنبرين جان جي الوداعي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان سيڪريٽري اطلاعات

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان سوات جي ساڄي وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ملاقات ڪري رهيو آهي

اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن پاران ٽئنڪ تي گاڏي تي پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي، 6 شهري سڙي فوت

فتنہ الخوارج دهشت ڦهلائڻ لاءِ ظلم جي انتها ڪندي هڪ گاڏي تي پيٽرول هاري باهه لڳائي ڇڏي

سيڪيورٽي فورسز علائقي کي گهيري ۾ وٺي خوارجين جي ڳولها لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو

اهو ڪهڙو اسلام آهي جو اهڙو ظلم آهي جو معصوم ماڻهن کي ناحق بنيادن تي قتل ڪيو وڃي: شهري

راولپنڊي (اي پي پي) فتنہ الخوارج جي دهشتگردن اتر وزيرستان ۾ هڪ گاڏي تي پيٽرول هاري باهه لڳائي ڇڏي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو زرداري سان اڳوڻن ۽ موجوده اڳواڻن جون ملاقاتون

قائم علي شاهه، نفيسه شاهه، ۽ غلام علي ٽالپور سميت ٻين اڳواڻن ملاقات ڪئي

بلاول ڀٽو کي خيرپور، بدين، اسماعيل ملڪ سکر، گلشن حديد جا مسئلا حل ڪرڻ جي هدايت

عبدالقادر پليجو، ساجد جوکيو ۽ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب ٻين ملاقاتون ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان اڳوڻي وزيراعليٰ سيد قائم علي شاهه ۽ علي ٽالپور جي ملاقات، عبدالقادر پليجو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان گڏيل عرب امارات لاءِ نامزد سفير شفقت علي خان جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان گڏيل عرب امارات لاءِ نامزد سفير

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جو سيڪريٽري جنرل بيرسٽر سلمان اڪرم راجا ڪراچي پهتو

پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سان سندن والد جي وفات تي تعزيت ڪئي

عمران خان جي آزادي لاءِ پارٽي مڪمل طور متحد ۽ سرگرم آهي: سلمان اڪرم راجا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جو سيڪريٽري جنرل

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ ترقي جي رستي تي آهي، اسان وزير نه، عوام جا خادم آهيون: شرجيل انعام ميمڻ

ملڪ جو قيام صنعتڪارن جي ڪري هلي رهيو آهي، سنڌ حڪومت صنعتڪارن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

ڪيماڙي واري علائقي ... بهتر ماحول ... عالمي معيار جي سهولتن سان گڏ ... لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون

خيرپور اڪنامڪ زون ... عالمي سطح تي ... سنڌ حڪومت جي منصوبن جو ثبوت آهي

بهترين ماحول ... سنڌ حڪومت صنعتڪارن ... سهولتون مهيا ڪري رهي آهي

ڪراچي (ڪورنگي) ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جي تقريب ۾ سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي جي آفيس جو دورو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽريز پاران سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ کي شيلڊ پيش ڪئي پئي وڃي

نوشڪي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، 2 پوليس اهلڪار شهيد

نوشڪي جي علائقي غريب آباد ۾ نامعلوم هٿياربندن پوليس تي حملو ڪيو

سپاهي رزاق ۽ سپاهي عبدالله ڏاڍي ٿي ٿي مارجي ويا، حملو ڪندڙ جوابدار فرار

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي ضلعي نوشڪي جي علائقي غريب آباد ۾ نامعلوم هٿياربندن پوليس اهلڪارن تي حملو ڪري

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آذربائيجان ۽ وزيراعظم يوٿ پروگرام وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيح

وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود سان آذربائيجان جي سفير جي ملاقات

ٻئي ملڪ هڪ ٻئي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم تي قائم آهن: چيئرمين وزيراعظم يوٿ پروگرام

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان سان آذربائيجان جي سفير ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ”انڪليوسو سٽي“ منصوبي جي منظوري، خاص ماڻهن لاءِ پاڪستان جو پهريون جديد شهر ٺهندو: وڏو وزير

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت ۾ 75 ايڪڙ تي ٻڌل منصوبي جو ماسٽر پلان منظور معذور ماڻهن لاءِ مڪمل ڪميونٽي ماڊل تيار

منصوبي ۾ رهائش، علاج، تعليم، بحالي، فني تربيت، اسپورٽس ڪمپليڪس ۽ سماجي سهولتن جا جديد مرڪز شامل

ڪي اليڪٽرڪ، سوئي گيس، واٽر بورڊ ۽ ٻين ادارن کي بنيادي سهولتن ۽ ماحولياتي تحفظ لاءِ خاص هدايتون، پهريون مرحلو ڇهن مهينن ۾ مڪمل ٿيندو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ وزيراعليٰ هائوس ۾ انڪليوسو سٽي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ 75 ايڪڙ تي ٻڌل منصوبي جي جامع ماسٽر پلان جي منظوري ڏني وئي. هي منصوبو خاص ماڻهن ۽ معذور شهرين

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ سردار محمد بخش خان مهر پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

وزيراعظم پاران ملڪ ۾ منشيات اسمگلنگ کي روڪڻ تاڪيد

بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ڪاوشن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري پاران سنائي تاڪائچي کي جاپان جي پهرين عورت وزيراعظم بڻجڻ تي مبارڪباد

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو سعودي پرڏيهي وزير سان رابطو، غزه سميت تازو علائقائي اڳڀرائي تي ڳالهيون

ٻنهي اڳواڻن علائقائي امن، استحڪام جي لاءِ گڏيل ارادن جو اظهار ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي رابطا برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو

نائب وزيراعظم پاران علائقائي ۽ عالمي مسئلن تي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ سعودي عرب سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سعودي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو جنهن ۾ علائقائي صورتحال خاص طور تي غزه ۽ فلسطين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي پرڏيهي وزارت طرفان جاري ڪيل بيان موجب ٻنهي اڳواڻن غزه ۽ فلسطين سميت

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان وڏو وزير مراد علي شاهه پ پ اڳواڻ اسلام الدين شيخ ۽ ارسلان شيخ ملاقات بعد گڏ بيٺل آهن

سنڌ حڪومت جو وڏو زرعي رليف پيڪيج، ڪڻڪ جي امدادي قيمت 3500 رپيا في مڻ مقرر، 12 لک ٽن خريداري هدف مقرر

هي ڪل 55 ارب رپين جي رليف پيڪيج جو حصو آهي، آبادگارن جي آمدني ۾ بهتري لاءِ ڊي اي پي ۽ يوريا ڀاڻ تي وڏيون سبسڊيون شامل آهن: مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت آبادگارن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت مقرر ڪرڻ جي حمايت ڪري ٿي جنهن سان انهن کي پنهنجي محنت جو منصفاڻو معاوضو ملي ٿو

وفاقي حڪومت ۽ آءِ ايم ايف جي شرطن سبب شروعاتي ڏکيائين بيش آيون ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش سان وفاقي منظوري حاصل ٿي

هاڻي قومي سطح تي اتفاق آهي ته سڀ افغان پناهگير پنهنجي ملڪ واپس ويندا، سنڌ حڪومت وفاقي پاليسي تي مڪمل عمل ڪندي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اعلان ڪيو ته صوبائي حڪومت ڪڻڪ جي امدادي قيمت 3500 رپيا في مڻ مقرر ڪئي آهي جڏهن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

جج الڳ الڳ هجڻ جو تاثر ڏنو پيو وڃي، سينئر ججن کي تسليم ڪرڻو پوندو: جسٽس مندوخيل

جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 8 رڪني آئيني بينچ 26هين آئيني ترميم خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

16 رڪني فل ڪورٽ جوڙي وڃي (عدالت کي استدعا) اسان ڪن ۽ اکيون بند ڪري ڪنهن کي رليف نٿا ڏئي سگهون: جسٽس شاهد

بينچ ۾ وڌيڪ جج شامل ڪرڻ جو اختيار سپريم جوڊيشل ڪائونسل وٽ آهي، اسان جج شامل نٿا ڪري سگهون: جسٽس محمد علي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ آئيني بينچ ۾ ٻڌڻي هيٺ 26هين آئيني ترميم خلاف ڪيس ۾ جسٽس شاهد بلال حسن ريمارڪس ڏنا ته اسان ڪن ۽ اکيون بند ڪري ڪنهن کي رليف نٿا ڏئي سگهون جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 8 رڪني آئيني بينچ ٻڌڻي ڪئي. اڳوڻي سينيئر افراسياب خٽڪ جي وڪيل خواجا احمد احسن دليلن ۾ اپيل

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان اڳوڻو وڏو وزير قائم علي شاهه ۽ ايم اين اي نفيسہ شاهه بيٺل آهن

گريٽر ڪراچي ريجنل پلان ڪراچي جي ترقيءَ لاءِ انقلابي منصوبي تي پيش رفت جو جائزو

ناصر حسين شاهه جي صدارت ۾ اجلاس ۾ گڏيل شهري، ماحولياتي ۽ اقتصادي ڍانچي ۾ تبديليءَ جو عزم

چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه طرفان ٽريفڪ ۽ يوٽيلٽي ادارن جي هم آهنگي تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گريٽر ڪراچي ريجنل پلان 2047 بابت بي پروجيڪٽ اسٽيئرنگ ڪاميٽي جو اجلاس سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ بلديات کاتي جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي شرڪت سان منعقد ٿيو. اجلاس دوران

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جي ڪاليجن ۾ لائبريري ڪلاس شروع ڪرڻ نصاب ۾ جديد سڌارا آڻڻ جو فيصلو

سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس ۾ 72 ڪاليجن ۾ تعليم ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ هدايتون

بسمير ۾ انٽر ڪاليج ”اسپورٽس هفتو“ جو اعلان، شاگردن ۾ مثبت سرگرمين ۽ مطالعي جي عادت کي فروغ ڏيڻ تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ حيدرآباد علائقي جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بيگم نصرت ڀٽو جي 14 هين ورسي 23 آڪٽوبر تي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي

لاهور (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سرجاني ٽائون ۾ هڪ شخص عمارت تان ڪرڻ سبب فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون جي سيڪٽر 12 ۾ هڪ شخص تعمير هيٺ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان متحده عرب امارات لاءِ مقرر ڪيل سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ معذورن لاءِ قانونن تي عملدرآمد نه ٿيڻ تشويشناڪ آهي: الطاف ڪوسو

تعليم ۽ روزگار ۾ معذورن لاءِ برابر موقعا نه ڏيڻ اقوام متحده معاهدي جي ڀڃڪڙي آهي

ٺڪيز جي شفافيت، داخلا ڪوٽا تي عمل ۽ انڪلو سو ايجوڪيشن ڊائريڪٽوريٽ کي نعال ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ پلس سوسائٽي (پلين) جي چيئرمين الطاف ڪوسو سلما حبيب ڀٽو ۽

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ماڻهن کي پئسا بينڪ ۾ رکڻ بجاءِ اسٽاڪ ۾ لڳائڻ گهرجي: سپريم ڪورٽ

جسٽس امين الدين جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي پنج رڪني آئيني بينچ سپر ٽيڪس بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

پارٽ ۾ ماڻهو سالن کان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سرمائيڪاري ڪري رهيا آهن: جسٽس امين الدين خان جا ريمارڪس

اسٽاڪ مارڪيٽ ڪمپني جي وڪيل مرزا محمود احمد دليل ڏنا، هو اڄ به پنهنجا دليل جاري رکندو

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ ۾ آئيني بينچ جي سربراهه جسٽس امين الدين خان ريمارڪس ڏنا آهن ته ماڻهن کي پئسا بينڪ ۾ رکڻ جي بجاءِ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ لڳائڻ گهرجن جسٽس امين الدين جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

نائب وزير محمد اورنگزيب جرمن ڪمپنين کي پاڪستان ۾ سرمائيڪاري جي دعوت ڏئي ڇڏي

جرمن سفير انالييبل جي اڳواڻي ۾ سرمائيڪارن ۽ واپارين جي وفد وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب سان ملاقات ڪئي

معيشت هاڻ مضبوط بنيادن تي استحڪام طرف آهي، ناڻي جي مئاسنا جا ذخيرا اڍائي مهينن جي درآمدات جي برابر ٿي چڪا آهن: محمد اورنگزيب

حڪومت ٽيڪس، توانائي، نجڪاري ۽ پبلڪ فنانس ۾ گهري اصلاحاتي قدمن تي عمل پيرا آهي، 34 سرڪاري ادارا نجڪاري ڪميشن حوالي ڪيا آهن

اسلام آباد (م د) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جرمن ڪمپنين کي پاڪستان ۾ سرمائيڪاري جي دعوت ڏئي ڇڏي آهي جرمن سفير اناليبل جي اڳواڻي ۾ سرمائيڪارن ۽ واپارين جي وفد وفاقي ناڻي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

شاهه محمود قريشي، ڊاڪٽر ياسمين راشد ۽ محمود الرشيد سميت ٻين جوابدارن خلاف 9 مئي جي ڪيس ۾ جيل ٽرائل رڪيل جو لاءِ داخلا

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سينيٽر پادري رابرٽ ميڪ ڪلڪ جي گورنر سنڌ سان ملاقات

ملاقات ۾ مذهبي هم آهنگي، رواداري، تعليم ۽ صحت جي واڌاري تي بحث

سنڌ جي ماڻهن لاءِ صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ ڪوششون قابل تعريف آهن: ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيٽر پادري رابرٽ ميڪ ڪلڪ گورنر هائوس ۾ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايف آءِ اي جي ڪارروائي، غير ملڪي ڪرنسي انعامي بانڊ ۽ سونا سڪا هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي جي وڏي ڪارروائي لکين رپين جي غير ملڪي ڪرنسي، انعامي بانڊ ۽ سون جا سڪا هٿ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ سان يو اين او ڊي سي جو ڪنٽري ريپريزنٽيٽو ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪيماڙي ۾ پوليس مقابلو هٿيار ۽ موٽرسائيڪل هٿ، 2 ڌورو مارجي ويا

ملزمن ويگو ڊرائيور کي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پوليس پهچڻ تي فائرنگ شروع ٿي وئي

جوابي فائرنگ ۾ ٻئي ڌورو مارجي ويا، هٿان ٻن پستولن ۽ موٽرسائيڪل جي برآمدگي

لاش سول اسپتال منتقل، مارجي ويلن جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ جيڪسن ٿاڻي جي پوليس سيبنا مقابلي ۾ 2 ملزم مارجي ويا پوليس موجب ڪيماڙي گيٽ نمبر 15 ويجهو ملزمن هٿيارن جي زور تي ويگو گاڏي جي ڊرائيور کي ڦر جي ارادي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

نيوسعيدآباد ۾ مبينا افغاني پناهگيرن جا ڪئمپ آباد، پوليس جا ڇاپا، هڪ گرفتار

افغاني پناهگيرن جا جڳهيون خريد ڪري رهائشون اختيار ڪرڻ جا اطلاع، علائقي ۾ تشويش

افغانستان جو جهنڊو ڦڙڪائي شهر ۾ گشت ڪندڙ شخص کي پوليس گرفتار ڪري ورتو

نيوسعيدآباد (ت ر) نيوسعيدآباد ۾ غير قانوني طور مبينا افغاني پناهگيرن جا ڪئمپ آباد ٿيڻ جا اطلاع، جڳهيون ۽ ٻيون ملڪيتون مقامي ايجنٽن معرفت خريد ڪري رهائشون اختيار ڪري ورتيون. افغاني پناهگيرن خلاف پوليس جا ڇاپا، شهر ۾ افغانستان جو جهنڊو ڦڙڪائي گشت ڪرڻ تي هڪ افغاني پناهگير گرفتار ڪيو ويو نيوسعيدآباد شهر جي گورنمينٽ مخدوم

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هڪ ڪاريگر ٻارن جي راند واري ڪار ٺاهي رهيو آهي

ڪراچي سيف سٽي اٿارٽي ٽيم ڪئميرا جي مدد سان سنگين ڪيسن ۾ گهربل هڪ ملزم کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيف سٽي اٿارٽي ٽيم هڪ خاص فيچر ڪئميرا جي مدد

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

جاتي: لوئر پنجاري ڪئنال ۾ 2 ارب رپين جي ڪرپشن جا انڪشاف

ٺيڪيدار ۽ عملدارن جي ملي ڀڳت سان قومي خزاني کي وڏو نقصان، پاڻي جو نظام درهم برهم

زمينون سڪڻ، چوپايو مال ۽ آبي جيوت تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي رهي آهي: آبادگار

جاتي (ن ع) لوئر پنجاري جي ڪئنال ۾ ڪرپشن جا نوان انڪشاف 2 ارب رپين جي لاڳت سان ٺهندڙ هي اهم منصوبو اقرباپروري ۽ بدعنواني جي ور چڙهي ويو جنهن سبب پاڻي جي فراهمي جو نظام درهم برهم ٿي ويو آهي معتبر ذريعن موجب ڪم ۾ هلڪڙ پاڻي ۾ ڪئنال جون

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

انڊس 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ ۽ جابلو علائقن ۾ ٿڌ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم خشڪ ۽ جابلو علائقن ۾ ٿڌي رهڻ جو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

خيرپور لڳ موٽر سائيڪل ۾ رڪشا ڦاسي پيو عورت ڪري فوت، گهر ۾ ڪهرام

منگهنواري اسٽاپ وٽ حادثي ۾ ڦهيبا زال مشاهد سهاڳ سخت زخمي ٿي پئي

ڪيس اسپتال نيو پئي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

خيرپور (ڊ ا) خيرپور لڳ منگهنواري اسٽاپ وٽ موٽر سائيڪل جي چيئن ۾ عورت جو رڪو ڦاسي پيو جنهن ڪري

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سهراب ڳوٺ ۽ پرپاسي آپريشن، ڪيترائي افغاني شهري گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پوليس جي هڪ وڏي نفري سهراب ڳوٺ آصف اسڪوائر ۽ آن جي آس پاس جي علائقن ۾ آپريشن دوران ڪيترن ئي افغاني شهرين کي حراست ۾ ورتو وفاقي حڪومت جي پاليسي موجب

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار هارون اختر گڏجاڻي ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽو ۾ شهيد ناظم جوکيو جي بيواهه شيرين جوکيو جي مبينا ٻي شادي جو انڪشاف

آصف جوکيو خلاف وسندي جوکيو جون عدالت ۾ درخواستون، تحفظ ۽ خرچ جي به گهر

مڙس تشدد، ڌمڪيون ۽ معصوم نياڻي کسڻ جي ڪوشش ڪئي: وسندي جوکيو

ٺٽو (د ر) هاءِ پروفائيل ڪيس جو سبب بڻيل شهيد ناظم جوکيو جي بيواهه شيرين جوکيو جي مبينا طور ٻي شادي جو انڪشاف ٿيو آهي معاملو ٺٽي جي عدالت ۾ پهچي ويو آهي شيرين جوکيو سان شادي ڪندڙ آصف جوکيو نالي شخص خلاف سندس پهرين گهرواري وسندي جوکيو سيشن ڪورٽ ٺٽو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ سماجي تحفظ اٿارٽي ذريعي جلد مستحق ماڻهن جو ڊيٽا نادرا ۽ بي آءِ ايس پي سان ڳنڍيو ويندو: سعيد غني

ان سان مستحق ماڻهن کي نه صرف مالي مدد ۾ تعليم، صحت ۽ عورتن کي حمل دوران هر قسم جي سهولتن ڏانهن پهچ به ممڪن بڻائي سگهبي

هن وقت سماجي تحفظ اٿارٽي تحت صوبي جي گهڻن ضلعن ۾ ڪم جاري آهي، پر اسان جو مقصد آهي ته اهو ڪم هر ضلعي ۽ هر مستحق تائين وڌايو وڃي

سنڌ حڪومت شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو جي منشور تي مڪمل عمل ڪندي سماجي تحفظ جي فروغ ۾ سرگرم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير محنت افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته سنڌ حڪومت شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي منشور جي روشني ۾ سماجي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪنڌي لڳ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، ٻه سڳا ڀائر قتل

نبي سر ٿر ۾ موٽرسائيڪل تي آيل هٿياربندن هوٽل تي ويٺل ٻن سڳن ڀائرن تي فائرنگ ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب جان محمد ۽ صابر ولد راڻو چانڊيو ٿڏي تي مارجي ويا، هڪ ٻچي جان بچائي

اطلاع تي سنڌن وارث ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهتي لاش ڪٽائي اسپتال آندا، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

ڊي ايس پي ڪنڌي جي اڳواڻي ۾ مخدوم ٿاڻي جي وڏي نفري پهچي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا، ٻي جوابدار گرفتار ٿيڻ جا اطلاع

ڪنڌي (ن ع) ڪنڌي لڳ نبي سر ٿر ۾ موٽر سائيڪل تي آيل هٿياربندن هوٽل تي ويٺل ٻن سڳن ڀائرن تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ ٻه نوجوان ڀائر جان محمد ۽ صابر ولد راڻو چانڊيو ٿڏي تي مارجي ويا

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪنڌي: هٿياربندن هٿان قتل ٿيل ٻن ڀائرن جا (فائيل فوٽو)

پنگريو پرسان ٽريڪٽر ٽرالي ۽ رڪشا ۾ ٽڪر ٿيڻ ۽ پٽ زخمي

اوليا موڙ مراد وٽ حادثي سبب سڪندر ملاح ۽ سندس پٽ آصف زخمي ٿي پيا

زخمين اسپتال منتقل ڪيو ويو، نازڪ حالت سبب آصف حيدرآباد اسپتال ريفر

پنگريو (ن ع) پنگريو پرسان پنگريو ڪنڊو ٻاگو روڊ تي اولياءِ موڙ مراد وٽ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ رڪشا ۾ آمهون سامهون ٽڪر ۾ ٻه زخمي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

پنوعاقل پرسان ڪورائي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي

ڳوٺ رستم ڪورائي ۾ سڱاوتي تڪرار تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي عبدالعزيز، غلام محمد، بشير، تنوير، نهير، اڪرم ۽ امجد کي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل پرسان ڏالوءُ ڪورائي برادري جي ٻن ڌرين ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو 7 ڄڻا زخمي ڏالوءُ ٿاڻي جي حد ڳوٺ رستم ڪورائي ۾ سڱاوتي تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران عبدالعزيز، غلام محمد، بشير تنوير نهير، اڪرم ۽ امجد ڪورائي زخمي ٿي پيا زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال آندو ويو

راولپنڊي: پاڪستان ۽ ڏکڻ آفريڪا وچ ۾ ٻيو ٽيسٽ ميچ دوران رانديگر راند کيڏي رهيا آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
خميس 23 آڪٽوبر 2025ع

ڇا ڪچي جا ماڻهو هاڻ سک جو ساهه کڻي سگهندا؟

سنڌ حڪومت پاران ڪچي جي علائقن ۾ ڏاڙيلن لاءِ سرينڊر پاليسيءَ جو اعلان ۽ ان تحت پنجاهه ڏاڙيلن جو رضاڪارانه طور هٿيار ڦٽا ڪرڻ، هڪ اهم ۽ تاريخي قدم آهي، جيڪو نه رڳو سنڌ ۾ امن جي بحاليءَ ڏانهن نئين اميد پيدا ڪري ٿو پر رياست جي ان عزم جو به اظهار آهي ته هاڻي دهشت، ڏوهه ۽ بيچينيءَ جا دور ختم ٿيڻ گهرجن. ڪچي جي زمين، جيڪا سالن کان بدامني، اغوا ۽ خوف جي علامت بڻيل رهي، هاڻي نئين سجاڳي حاصل ڪرڻ ڏانهن وڌي رهي آهي. اها سجاڳي امن، استحڪام ۽ سماجي ترقيءَ جي آهي.

صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ سنڌ حڪومت پاران منظور ڪيل هيءَ پاليسي حقيقت ۾ هڪ نئين سوچ جي علامت آهي. ماضيءَ ۾ ڪچي جا علائقا انتظامي غفلت، سماجي نابرابري ۽ معاشي وسيلن جي کوٽ سبب ڏوهارين لاءِ پناهه گاهه بڻيا رهيا. ماڻهن جي محروميءَ ۽ بي وسي مان جنم وٺندڙ مايوسي ڪيترن کي ڏوهه جي رستي تي ڌڪي ڇڏيو. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن رياست هٿيار ڦٽا ڪرڻ وارن کي عزت سان قومي ڌارا ۾ شامل ڪري ٿي ته اهو فقط امن جو واعدو نه پر انسانيت تي ڀروسو بحال ڪرڻ جي ڪوشش به آهي. پر ان سڄي عمل جي حقيقي ڪاميابيءَ لاءِ رڳو تقريبون ۽ اعلان ڪافي نه هوندا. حڪومت کي ان عمل کي هڪ ڊگهي ۽ منظم حڪمت عمليءَ سان ڳنڍڻو پوندو. ڪچي ۾ هٿيار ڦٽا ڪندڙن لاءِ فني تربيت، روزگار ۽ تعليم جا موقعا فراهم ڪرڻ جو واعدو سٺو آهي. پر ان واعدي کي حقيقت بڻائڻ ئي سڀ کان وڏو امتحان هوندو. جيڪڏهن اهي ماڻهو هٿيار ڦٽا ڪري پڻ بيروزگار ۽ سماجي طور لاوارث رهندا ته مايوسي ٻيهر سندن ذهن ۾ جنم وٺندي ۽ پوءِ ڪچي ۾ امن جا سڀ خواب هڪ ڀيرو ٻيهر رت ۽ بارود ۾ ٻڏي ويندا.

حڪومت سنڌ جو اهو بيان ته هيءَ پاليسي عام معافي نه پر امن لاءِ آهي، سٺو پيغام ڏئي ٿو ته رياست کي اهو ڏيکارڻو آهي ته رحم ۽ انصاف گڏ هلي سگهن ٿا. هٿيار رکڻ وارن کي قانوني عمل مان گذرڻو پوندو، پر انهن جي گهر ڀاتين کي تنگ نه ڪرڻ جو فيصلو انسانيت جي احترام جي علامت آهي. ساڳئي وقت انهن ڏوهن خلاف سخت ڪارروائي ضروري آهي جيڪي انهن ڏاڙيلن جي پٺڀرائي ڪري، سندن هٿيارن ۽ بارود پهچائيندا رهيا آهن. جيڪڏهن انهن اثر رکندڙ ماڻهن کي ڇڏي ڏنو ويو ته اهو عمل امن جي هر ڪوشش کي ڪمزور ڪندو. سنڌ جي تاريخ ۾ جڏهن به ڏاڙيل ڪلچر وڌيو آهي، ته ڳوٺ ويران ٿي ويا آهن، جن ماڻهن جا ٻار اسڪول کان پري رهيا، جن عورتن کي علاج لاءِ ڪلاڪن جو سفر ڪرڻو پيو، جن نوجوانن کي روزگار بدران بندوق ملي ۽ اهي ماڻهو ڏاڙيل بڻيا. تنهن ڪري حڪومت کي هاڻي صرف هٿيار گڏ ڪرڻ نه پر انساني زندگين کي نئين رخ تي آڻڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. تعليم، صحت، روزگار ۽ سماجي انصاف جا در کولي رڳو ڪچي نه پر سڄي سنڌ ۾ هڪ نئين امن جو بنياد رکڻ گهرجي. ان لاءِ ضروري آهي ته حڪومت جون ٺهيل مانيٽرنگ ڪميٽيون موثر ثابت ٿين. ماضيءَ ۾ ڪيترا ئي اهڙا منصوبا ڪاغذن تائين محدود رهيا، جن مان ماڻهن جو اعتماد ئي ختم ٿي ويو. جيڪڏهن هاڻي به اها غلطي ورجائي وئي ته سرينڊر پاليسي سياسي ڏيک بڻجي ويندي. تنهنڪري ضرورت آهي ته هر مهيني جائزو وٺڻ وارو عمل شفاف بڻايو وڃي ۽ مقامي برادرين جي معتبر ماڻهن کي ان ۾ شامل ڪيو وڃي، جيئن عوام پاڻ به امن جي حفاظت ۾ حصو وٺي سگهي. اسان کي اهو به سمجهڻو پوندو ته امن ڪا عارضي شيءِ نه آهي، جيڪا حڪومتي حڪم سان اچي وڃي. امن تڏهن قائم ٿيندو جڏهن ماڻهن کي انصاف، روزگار، عزت ۽ تحفظ ملي. ڪچي جا جيڪي ماڻهو هٿيار ڦٽا ڪري رهيا آهن، اهي حقيقت ۾ رياست تي پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪري رهيا آهن. هاڻي ذميواري حڪومت جي آهي ته اهو اعتماد ٽٽڻ نه ڏي، پر وڌيڪ مضبوط ٿئي. سنڌ جو امن رڳو ڪچي تائين محدود نه آهي، اهو سڄي صوبي جي سماجي بقا، معيشت ۽ سياسي استحڪام سان جڙيل آهي. جيڪڏهن ڪچي ۾ امن قائم ٿيو ته اهو لاڙ، وچولي ۽ اتر سنڌ تائين خوشحاليءَ جو پيغام بڻجي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن هن ڀيري به سنجيدگيءَ سان ڪم نه ڪيو ويو ته اهو هڪ ضايع ٿيل موقعو ثابت ٿيندو.

عوام دوست شخصيت، رئيس الطاف چانڊيو!



فهد چانڊيو

اسان وٽ عام طور هڪ اصطلاح استعمال ٿيندو آهي ’راڄوڻو‘، يعني راڄ وارو. هونئن ته سنڌ راڄن سان ڀري پئي آهي پر انهن مان گهڻا ڪري اڳين جي ڳالهين تي نظر ايندا آهن. جيڪي پنهنجي راڄ لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن، اهڙا ماڻهو، جيڪي پنهنجي راڄ لاءِ سلطنت جي ستون واري حيثيت رکندڙ هجن ۽ عام طور تي سلطنت ۽ بادشاهه جو مفهوم طبقاتي حوالي سان الڳ معنيٰ ۾ ورتو وڃي ٿو. ...

اهڙن اعليٰ ماڻهن ۾ رئيس الطاف چانڊيو جو به شمار ٿئي ٿو جيڪو سنڌ جي نامور ۽ معزز چانڊيو سڪائي خاندان جو هڪ روشن ستارو هو. ...

نوڪري ڪئي ۽ ڪيس نوڪريءَ کان وڌيڪ عوامي خدمت سان لڳاءُ هو. ان ڪري ڪجهه عرصي بعد هو پوليس کاتي جي نوڪري ڇڏي، عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار ٿي سياسي ۽ سماجي ميدان ۾ لهي پيو. سندس سياسي سوچ، فڪر علمي ۽ اصولي رستي سان همڪنار هئي. پاڻ مولانا سيد ابوالاعليٰ مودوديءَ جي فڪر سان گهري دلچسپي ۽ وابستگي رکندڙ هو ۽ سياسي حوالي سان جمهوريت ۽ انصاف جو حامي ۽ متلاشي رهيو. جڏهن ملڪ ۾ جنرل ضياءُ الحق جو مارشل لا نافذ ٿيو، تڏهن رئيس الطاف چانڊيو نه رڳو ان جو سخت مخالف هو پر همت، حوصلي ۽ بهادريءَ سان ايم آر ڊي تحريڪ ۾ شامل ٿي ڪري جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ قربانيون ڏنائين هن جا، پنهنجي ذات سياسي ۽ سماجي لاڳاپا سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي نامور سياستدانن سان رهيا، جن ۾ نواب احمد سلطان چانڊيو مولانا شاهه احمد نوراني، نواب اڪبر بگٽي، شهيد فاضل راهو، رسول بخش پليجو، مير رسول بخش ٽالپر، پروفيسر غفور احمد، مير اعجاز علي ٽالپر مير حيدر علي ٽالپر مخدوم محمد امين فهيم، بشير خان قريشي، مخدوم جاويد هاشمي، سردار عطاءُ الله مينگل ۽ ٻيا شامل آهن. پاڻ هر وقت عوام سان ويجهو رهيو. هو راڄ ڀاڳ جي ماڻهن جي خوشين ۽ غمين ۾ ساڻن هميشه گڏ هوندو هو. عام ماڻهن جي تڪليفن ۾ ڀاڳي ڀائيوار ۽ سندن ڀلائيءَ لاءِ هر وقت فڪرمند رهندو هو. رئيس الطاف پنهنجي پوري سچائي، ايمانداري، انصاف، مهمان نوازي ۽ محبت جي ڪري علائقي ۾ ’سچائيءَ جو رئيس‘ سڏبو هو. ڪيس ڪيترين ئي ٻولين تي عبور حاصل هو جنهن سبب هو مختلف قومن ۽ علائقن جي ماڻهن سان آسانيءَ سان ڳالهائي سگهندو هو بلڪ سندن ڳالهين کي گهرائيءَ سان سمجهڻ جي صلاحيت به رکندو هو. کيس شاعريءَ سان گهري انسيت ۽ چاهه هو. شاعري سندس روح جو سڪون ۽ احساسن جو اظهار جو وسيلو هئي. هو دوستن جو دوست ۽ ڪچهريءَ جو مور هو. هن وٽ ويهندڙ ماڻهو پنهنجا غم وساري ويهندا هئا، ڇو ته رئيس الطاف جي شخصيت ۾ مسڪراهٽ، حوصلو ۽ محبت گڏجي هڪ اهڙي چمڪ ۽ چمڪ جو سبب هوندي هئي، جيڪا هر دل کي موهي رکندي هئي. هن جو نالو هميشه انهن ماڻهن ۾ شمار ٿيندو، جن پنهنجي زندگيءَ کي عوامي خدمت، ايمانداري ۽ اصولن تي عملي طور وقف ڪيو. ان قسم جي جستجو هميشه تاريخ جي ورقن ۾ پنهنجي الڳ حيثيت سان محفوظ رهندي آهي ته وري مان ۽ مرتبي جو منفرد باب هوندي آهي. زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ جاکوڙ جا جبل جهاڳيندي جهاڳيندي ڪجهه وقت بيماريءَ ۾ مبتلا رهڻ سبب، رئيس الطاف چانڊئي کي حيدرآباد جي اسرا اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو.

ڏياري، هڪ عالمي تهوار..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

آئون هن وقت ٽورنٽو، ڪينيڊا ۾ موجود آهيان ۽ ڏياريءَ جي خوشيءَ جي موقعي تي اوهان سڀني کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪيان ٿو. هن سال ڪينيڊا ۾ 20 آڪٽوبر جو ڏينهن سرڪاري طور ’ڏياري ڏڻ‘ يعني ڏياريءَ جو ڏينهن قرار ڏنو ويو آهي. ڪينيڊا جي موجوده وزيراعظم مارڪ ڪارني به اڳوڻي وزيراعظم جسٽن ٽروڊو جيان مذهبي هم آهنگي ۽ گڏجي خوشيون ملهائڻ واري روايت کي جاري رکندي ڏياريءَ جي تقريبن ۾ حصو ورتو. ڪينيڊا جي مختلف شهرن جهڙوڪ ٽورنٽو، وينڪوور، ڪيلگري، ۽ اوٽاوا ۾ ڏياريءَ جو جشن هفتن تائين جاري رهندو آهي. ان دوران رستا، بازار، مندر ۽ عمارتون رنگين بتين ۽ ڏيئن سان روشن ڪيا ويندا آهن. هن سال ڏياري جي شروعات کان ٿورا ڏينهن اڳ مسيسي ساگا سٽي ڪائونسل (يعني مڪاني انتظاميه) هندو ڪميونٽي سان گڏ هڪ اهم گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڏياري جي ڏينهن آتشبازي تي ڪا پابندي نه لڳائي ويندي. هن فيصلي سان ڪينيڊا ۾ رهندڙ هندن ۾ وڏي خوشي جي لهر ڇانئجي وئي ۽ گڏوگڏ هن ملڪ جي عالمي سڃاڻپ به مذهبي آزادي ۽ برداشت جي لحاظ سان وڌيڪ مضبوط ٿي وئي. آمريڪي ميڊيا جي رپورٽن موجب، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران وائيٽ هائوس ۾ ڏياري جي شاندار تقريب رٿي وئي. ان موقعي تي ٽرمپ ڏياري جي خوشين تي سڀني کي مبارڪباد ڏني ۽ شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ته هن ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. هن ڳالهه ٻولهه ۾ ٻنهي اڳواڻن واپار وڌائڻ ۽ علائقي ۾ امن کي مضبوط ڪرڻ بابت ڳالهايو ۽ ٽرمپ طرفان مودي کي اهو به چيو ويو ته پاڪستان سان جنگ ڪرڻ بدران ڳالهه ٻولهه ذريعي مسئلا حل ڪيا وڃن. ڏياري جا جشن صرف وائيٽ هائوس تائين محدود نه رهيا، پر سڄي آمريڪا ۾ نيويارڪ ڪيليفورنيا، لاس اينجلس، ٽيڪساس ۽ شڪاگو تائين پکڙجي ويا. خاص طور تي نيويارڪ جي ٽائيمز اسڪوائر تي ٿيندڙ ساليانو ڏياري فيسٽيول ۾ هر سال هزارين ماڻهو گڏ ٿين ٿا، جتي هر پاسي موسيقي، گيت ۽ رنگ برنگي بتيون خوشين جو سما ٻڌي ڇڏين ٿيون. هيءَ منظر اهو ثابت ڪري ٿو ته سڄي دنيا جي ماڻهن جا ڏک ۽ سُک ساڳيا آهن. نيويارڪ ۾ ڏياريءَ جي انهن تقريبن ۾ رڳو هندو نه، پر مسلمان، عيسائي، يهودي ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو به وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪن ٿا، جيڪو مذهبي رواداري، انسانيت ۽ ڀائيچاري جو زنده مثال آهي.

اڄ جيڪڏهن دنيا جي وڏن ميڊيا چينلن ۽ اخبارن جو جائزو وٺجي، ته صاف نظر اچي ٿو ته ڏياري صرف آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾ نه، پر آسٽريليا، يورپ، آفريڪا ۽ وچ اوڀر سميت تقريبن هر ملڪ ۾ ملهائي پئي وڃي. هر هنڌ ڏياري جي موقعي تي حڪومتن ۽ ماڻهن طرفان هڪ ٻئي کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ عالمي ميڊيا تي مختلف ملڪن جون اوچيون عمارتون، برج ۽ مارڪيٽون رنگين بتين سان چمڪندي نظر پيون اچن. مون اڳ به ڪيترن موقعن تي اهو خيال ظاهر ڪيو آهي ته روشنيءَ جو هيءَ تهوار ’ڏياري‘ هاڻي سڄي دنيا ۾ امن، اميد ۽ چڱائيءَ جي ڪاميابيءَ جي علامت بڻجي ويو آهي. هي ڏينهن اهو سبق ڏئي ٿو ته روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو به اونداهه ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. برائيءَ جون طاقتون ڀلي ڪيترين به زورآور ڇو نه هجن، آخرڪار چڱائيءَ کان هارائي وينديون آهن. ظلم، ناانصافي ۽ مايوسيءَ جي اونداهه پري رات، ڀلي ڪيتري ڊگهي هجي، پر آخر هڪ ڏينهن ضرور ختم ٿيندي آهي. اڄ، 21هين صديءَ جي هن ڊجيٽل دور ۾، ڏياري جون روشنائون ڏکڻ ايشيا جي روايتي سماج کان نڪري ترقي يافته ملڪن تائين پهچي ويون آهن. آئون جڏهن اڄ آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾ ڏياريءَ کي ايتري محبت ۽ جوش سان ملهائيندي ڏسان ٿو ته مون کي اهي ڏينهن ياد اچن ٿا، جڏهن انگريزن جي اچڻ کان اڳ وارو هندستان هڪ اهڙو ملڪ هو جتي مختلف مذهبن جا ماڻهو گڏجي، خوشي سان رهندا هئا ۽ هڪ ٻئي جا مذهبي ڏهاڙا به دل سان ملهائيندا هئا. هاڻي ڏياري رڳو ڪنهن هڪ خاص مذهب تائين محدود نه رهي آهي پر اها سڄي دنيا ۾ مختلف مذهبن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه، ڀروسو ۽ گڏيل احترام وڌائڻ جو هڪ سُنهري موقعو بڻجي چڪي آهي. اڄ آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾ ٿيندڙ ڏياري جون تقريبون ان ڳالهه جي علامت آهن ته مغربي دنيا نه رڳو مذهبي آزاديءَ کي پنهنجن ملڪي قانونن جو حصو بڻايو آهي، پر ان کي عملي طور تي به اختيار ڪيو آهي. مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ته هتي چرچ، مسجد، مندر ۽ گردوارا سڀ هڪ ئي پاڙي ۾ آهن ۽ هتي جا ماڻهو هڪ ٻئي جي مذهبي موقعن ۾ وڏي احترام ۽ پائيي سان حصو وٺن ٿا. هتي جا تعليمي ادارا به ٻارن کي مختلف مذهبن جي عيدن ۽ جشنن بابت آگاهي ڏين ٿا ته جيئن ننڍپڻ کان ئي سندن اندر برداشت، رواداري ۽ محبت جو جذبو پيدا ٿئي. اسڪولن جي ڪيلينڊر ۾ ڏياري، عيد، ڪرسمس، هنوڪا ۽ ايسٽر جهڙا اهم مذهبي ڏينهن شامل ڪيا ويندا آهن ته جيئن ٻار سمجهي سگهن ته هر مذهب جو بنيادي پيغام امن، محبت ۽ انساني ڀائيچارو آهي. پر جڏهن مون ڏياري جي انهن تقريبن ۾ شرڪت ڪئي ته مون کي اهو احساس تمام گهڻو شدت سان ٿيو ته ثقافتي سفارتڪاري (يعني دنيا آڏو پنهنجي ملڪ جي سٺي سڃاڻپ اجاگر ڪرڻ) جي ميدان ۾ پاڪستان اڄ به تمام پٺتي آهي. ڏياري رڳو ڀارت ۾ رهندڙ هندن جو نه پر پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ رهندڙ هندن جو گڏيل ۽ وڏو مذهبي تهوار آهي. اهڙيءَ ريت، هندو مذهب جو ٻيو وڏو تهوار ’هولي‘ به موجوده پاڪستان جي شهر ملتان ۾ قائم ’پراهلاد مندر‘ مان شروع ٿيو هو. اڄ به پاڪستان ۾ هندو برادري آباديءَ جي لحاظ کان ٻئي نمبر تي وڏي اقليت آهي پر افسوس جو هولي ۽ ڏياري جي مبارڪبادن جا پيغام رڳو اسان جي پاڙيسري ملڪ ڀارت تائين محدود آهن. منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن منهنجي تجويز مطابق پاڪستان ۾ ڏياري جي ڏينهن عام موڪل ڏني وڃي ۽ حڪومت پاڪستان جي سطح تي ڏياري جو تهوار عوامي انداز ۾ ملهائجي ۽ ٽي وي چينلن تي ڏياري جون رنگين تقريبون لائيو ڏيکاريون وڃن ته پوءِ نه رڳو پاڪستاني ماڻهن کي ڏياري جي حقيقي پيغام يعني نيڪيءَ جي بدين تي فتح بابت شعور حاصل ٿيندو پر ساڳئي وقت دنيا کي به اهو واضح پيغام ملندو ته پاڪستان ۾ هر مذهب جي ماڻهن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي. منهنجي نظر ۾ اهو قدم اسان جي سماج ۾ مذهبي هم آهنگي، رواداري ۽ ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ تمام اثرائتو ثابت ٿي سگهي ٿو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هر سال اسان اهڙن اهم مذهبي تهوارن کي ڪڏهن اصل ڏينهن کان اڳ ته ڪڏهن پوءِ نمائشي انداز ۾ ملهائي، انهن جي اهميت وڃائي ويهون ٿا.

مادرِ جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو



نور سنڌي

اڄ 23 آڪٽوبر تي ملڪ جي خاتون اول رهندڙ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ قربانيون ڏيندڙ بيگم نصرت ڀٽو جي 14 ورسي آهي. بيگم نصرت ڀٽو رحم دل، سخي، ڀاڄهاري ذهين ۽ پاڪستان جي پهرين خاتون هئي، جنهن ڀٽو صاحب جي دور ۾ خاتون اول جو لقب ماڻيو. پاڻ ور ۽ بعد ۾ ٻن جوان پٽن جا لاش کنيا، سندس جيءَ جهري پيو هو. پر پاڻ همٿ نه هاري، جنرل ضياءَ جي آمريت واري دور ۾ نه صرف پارٽيءَ جي قيادت سنڀاليائين پر آمريت خلاف جدوجهد به ڪئي ۽ عوام ۾ وڏو اتساهه پيدا ڪيو. ڪڏهن به صبر جو دامن هٿان نه ڇڏيو. نصرت ڀٽو جو والد مرزا محمد عراق جي شهر شاهه نجف ۾ ڄائو هو، جيڪو واپاري هو ۽ پاڻ ڪاروبار سانگي اصفهان جي تاريخي ثقافتي سونهن جي پيشِ نظر اتي اچي رهيو. جتي نصرت ڀٽو 23 مارچ 1929ع ۾ جنم ورتو. سندس والد جڏهن هندستان گهمڻ ويو ته بمبئي شهر سندس دل کي وڻي ويو ۽ پاڻ اصفهان مان لڏي اتي اچي رهيا، جتي صابڻ جو ڪارخانو لڳايو. بيگم نصرت ڀٽو ابتدائي تعليم کان وٺي سنيئر ڪيمبرج پاس اتي ڪيائين ۽ انهيءَ ڪاليج مان نصرت ڀٽو فوجي ٽريننگ به حاصل ڪئي. هوءِ جڏهن پنهنجي ڀائيچي فخري بيگم سان گڏ بمبئي ۾ مشهور تفريح گاهه ڪنڊالا ۽ لوڻا گهمڻ وئي ته اتي ذوالفقار علي ڀٽي جي ڀيڻ منور الاسلام، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻيو خاندان ان تفريحي مقام تي گهمڻ آيا هئا. انهن ڏينهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي فيملي به ممبئي ۾ رهندي هئي، ان تفريح واري مقام تي منور جي نصرت ۽ فخري بيگم سان ملاقات ٿي ۽ هن کين ٻڌايو ته هو لاڙڪاڻي جي سر شاهنواز ڀٽو جي فيمليءَ جا گهرڀاتي آهن. هتان تنهن جي اها ملاقات دوستيءَ ۾ بدلجي وئي، اهي ٽئي پاڻ ۾ ساهيڙيون بڻجي ويون. ڪجهه عرصي بعد مرزا محمد بمبئي کان ڪراچي لڏي آيو. انهن ڏينهن ۾ منور اسلام جي شادي ٿي ۽ هن پنهنجي ٻنهي ساهيڙين کي پنهنجي وليمي جي دعوت ڏني. نصرت جي ذوالفقار علي ڀٽو سان پهرين ملاقات ان وقت ٿي جڏهن نصرت وليمي جي دعوت ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجي لاڪر ۾ رکيل سونا زيور ڪڍڻ آئي. ذوالفقار علي ڀٽو به پنهنجي والده خورشيد سان گڏ ان بئنڪ ۾ آيو. جتي هنن جي ملاقات ٿي ۽ خورشيد، نصرت کي ٻڌايو ته هيءَ منهنجو پٽ زلفي آهي. ان ملاقات بعد هنن جي ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ ذلفي کيس شاديءَ لاءِ راضي ڪري ورتو.

سيپٽمبر 1951ع ۾ هنن جي شادي ٿي ۽ پاڻ مثالي جيون ساٿي وارو ڪردار ادا ڪيائون. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وڪالت ۽ پوءِ سياست شروع ڪئي ته بيگم نصرت ڀٽو سندس ٻانهن ٻيلي بڻيل هئي. ڀٽو صاحب جي، صدر ايوب سان بغاوت ڪرڻ ڪري ڪيس نظربند ڪرڻ کان وٺي احتجاجي تحريڪ هلائڻ تائين پ پ جي قيام کان وٺي اقتدار تائين بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي ور جي باقاعده مددگار رهي. حڪومت دوران پاڻ ذوالفقار علي ڀٽو جي باقاعده صلاحڪار وارو ڪردار ادا ڪيو. کيس خاتون اول جو لقب ڏنو ويو. پاڻ عورتن جي حقن، انهن جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ ۽ عوام جي خدمت جي حوالي سان ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. پاڻ ڀٽو صاحب سان غير ملڪي دورن ۾ پاڪستان جي وفدن جي نمائندگي ڪئي. جڏهن ملڪ جي پهرين چونڊيل وزير اعظم جي حڪومت جو تختو سندس وفادار سمجهيو ويندڙ آمر جنرل ضياءَ اونڌو ڪري ذوالفقار علي ڀٽو کي جيل ۾ بند ڪيو ته اها بيگم نصرت ڀٽو ئي هئي، جنهن همٿ حوصلي سان پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي ۽ جنرل ضياءَ جي مارشل لا خلاف تحريڪ هلائي، احتجاجي مظاهرا ڪيا، ۽ قذافي اسٽيڊيم ۾ احتجاج دوران قانون نافذ ڪندڙ ادارن پاران لٺيون کاڌيون ۽ رت ۾ ڳاڙهي ٿي وئي پر همٿ حوصلو نه هاريو. 3 اپريل 1979ع تي بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمه بينظير ڀٽو جي جيل اندر ذوالفقار علي ڀٽو سان آخري ملاقات ڪرائي وئي، جيڪا 3 ڪلاڪ جاري رهي.

پاڻ 4 ڀيرا قومي اسيمبليءَ جي ميمبر رهي، پاڻ عوام مان ڪڏهن به خفا نه ٿي. پنهنجي ور جي شهادت بعد پٽ شاهنواز ڀٽو، ان بعد مير مرتضيٰ جي شهادت کيس نهوڙي ڇڏيو. سندس يادداشت ختم ٿي وئي. جڏهن قذافي اسٽيڊيم ۾ سندس مٿي تي لٺيون لڳڻ ڪري گهرا گهاءَ ٿيا، جن کيس ڪينسر جهڙو مرض ڏيئي ڇڏيو. مرتضيٰ جي شهادت بعد کيس بيهوشيءَ جا دورا پوڻ لڳا ۽ پاڻ ڪوما ۾ هلي وئي، کيس دبئي جي هڪ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي 15 سال موت سان جهيڙيندي نيٺ 23 آڪٽوبر 2011ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي، کيس ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيدن جي قبرستان ۾ ڌرتيءَ ماءُ جي هنج حوالي ڪيو ويو.

اختيار ۽ ڀڃائي جو فيصلو رياست جي هٿ ۾ ڇو هجي؟

اسلامي ۽ قانوني اصولن مطابق، ڪنهن به فرد يا غير سرڪاري گروهه کي جنگ يا قتال جو فيصلو ڪرڻ جو اختيار ناهي. تاريخ ۽ تجربا ظاهر ڪن ٿا ته جڏهن طاقت ذاتي مفادن لاءِ استعمال ٿئي ٿي ته ان جو انجام هميشه انتشار، فساد ۽ سماجي افراتفريءَ جي صورت ۾ اچي ٿو.

انساني جان کي انتهائي اهميت ڏني وئي آهي ۽ صرف مرڪزي، نمائنده ادارا ئي اهڙو فيصلو ڪري سگهن ٿا، جيڪو قانوني، اخلاقي ۽ سماجي لحاظ کان درست هجي. اهڙي اختيار جي رياستي سطح تي موجودگي ئي معاشرتي استحڪام، امن ۽ قانون جي بالادستيءَ کي يقيني بڻائي ٿي.

پاڪستان ۾، ملي پاليسي جي طور تي، ”پيغام پاڪستان“ تي عمل ڪيو ويو، جنهن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته نفاذِ شريعت يا مذهبي عنوان هيٺ طاقت جي استعمال جي اجازت نه آهي. علماءَ ۽ قانوندانن جي اتفاق موجب، غير قانوني ۽ فردي ڪارروايون بغاوت جي زمري ۾ اچي وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ ته اهي رياستي حاڪميت ۽ شهري سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهن ٿيون.

ماهرين جو چوڻ آهي ته قتال جي اختيار سان گڏ شفاف عدالتي ۽ قانوني نظام موجود هجڻ ضروري آهي، جنهن ۾ احتساب، ثبوت جي جانچ ۽ انساني حقن جي حفاظت شامل هجي. گڏوگڏ سماجي پاليسيون جهڙوڪ نوجوانن لاءِ تعليم، روزگار جا موقعا ۽ مذهبي رواداريءَ جي فروغ جا پروگرام انتهائي اهم آهن، ڇو ته اهي انتهاپسنديءَ کي روڪڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا.

نتيجتاً، رياست جي مرڪزي اختيار بغير نه صرف قانون ۽ امن کي نقصان پهچي سگهي ٿو پر مذهبي اصولن جو صحيح نمونو لاڳو ٿيڻ به ناممڪن ٿي وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو قومي استحڪام، سماجي امن ۽ انساني تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ اختيار رياست جي هٿ ۾ هجڻ لازمي آهي.

اچو ته فيچر لکڻ سکون!

ڪنهن ڪتاب ۾ فيچر بابت پڙهيو هئم ته ’it is not easy to define‘ تنهن هوندي به ڪجهه ڪجهه فيچر ۽ فيچر ڪيئن لکجي جي موضوع تي لکڻو پئجي ويو. سو فيچر جي وصف بابت ايترو چئي سگهجي ٿو ته اهو ماڻهن، ماڳ ۽ مڪانن، واقعن، نت نون يا عجيب ۽ غريب رجحانن جي موضوعن تي لکيو ويندو آهي. ان کان سواءِ اهو به ٻڌايو ۽ لکيو وڃي ٿو ته فيچر هڪ غير افسانوي تحريري مواد کي چيو ويندو آهي، جيڪو اڪثر حقيقتن تي آڌاريل هوندو آهي ۽ ان جي معلومات جا ذريعا ماڻهن سان ڪيل گفتگوءَ مان ملندا آهن. سڀ کان پهرين صحافت جي لحاظ کان فيچر ڇا آهي يا ڪنهن کي چئبو آهي؟ ان سوال جي جواب ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته ’فيچر به هڪ قسم جي تحرير آهي، جيڪو پرنٽ ميڊيا ۾ اخبار ۽ مئگزين ۾ ڇپيو آهي.‘ ڪنهن به فيچر جو سڀ کان وڌيڪ عمومي مقصد اهو هوندو آهي ته پڙهندڙن کي نه صرف باخبر ڪجي پر هُن کي پڙهڻ ۾ دلچسپي به مهيا ڪجي. ان ڪري جيڪي مواد به فيچر ۾ لکبو آهي، اهو نه صرف تفريح خبرن وانگر حقيقت تي مبني هجي پر ان ۾ دلچسپيءَ وارو پهلو پڻ شامل ڪجي. فيچر ۾ ليکڪ کي ان ڪري اها اجازت هوندي آهي ته هو حقيقت تي مبني ڄاڻ سان گڏ پنهنجو ذاتي رايو يا تجزيو به ان فيچر جي write-up ۾ لکي سگهي ٿو.

جيئن دنيا جي مڙني يونيورسٽين جي ميڊيا ۽ جرنلزم جي شعبن ۾ خبر لکڻ جو هنر سيکارڻ لاءِ 5 Ws and H جو فارمولو پڙهايو ويندو آهي. اهڙي طرح منهنجي خيال ۾ فيچر لکڻ لاءِ هيٺين فارمولي، يعني ’To write feature walk in streets and talk with people‘ تي اگر عمل پيرا ٿجي ته ماڻهو آساني ۽ ڪاميابيءَ سان فيچر لکڻ جي صلاحيت تي گرفت حاصل ڪري ويندو.

ميڊيا جي شعبي ۾ ڪرايل هڪ ورڪشاپ دوران سنڌي ٻوليءَ جي نامور صحافي ۽ ناول نگار ڪليم ٻٽ جو فيچر بابت ليڪچر ٻڌڻ اها ڳالهه سامهون آئي ته ’ڪنهن به فيچر جي سائيز عام طور تي 8 سئو لفظن ۽ ٽن تصويرن تي مبني هجي ٿو. ان کان علاوهه سڀ کان اهم ۽ مشڪل مرحلو هوندو آهي ته فيچر ڪهڙي موضوع تي لکجي. سو ڪنهن به فيچر جي لکڻ لاءِ موضوع جي ڳولها به هڪ اهم ۽ شروعاتي عمل آهي. انهن سڀني پهلوئن، يعني سٺي موضوع جي تلاش، گهٽ ۾ گهٽ 8 سئو لفظ لکڻ ۽ موضوع سان لاڳاپيل ٽي تصويرون هٿ ڪرڻ جي لاءِ اگر اسان مٿي ڄاڻايل فارمولي تي عمل ڪريون ته لکڻ جو سامان، يعني ڊائري پين، رڪارڊنگ جو سامان، يعني ريڪارڊر ۽ ڪئميرا واري سمارٽ فون کڻي پنهنجي علائقي يا شهر جي گهٽين ۾ گهمون ڦرون ته اسان ضرور ڪون ڪو دلچسپيءَ وارو موضوع ڳولهي وٺنداسين. پوءِ ڪجهه پنهنجي مشاهدي مطابق ۽ ڪجهه 8 يا 10 ماڻهن کان ان موضوع يا مسئلي تي گهربل ڄاڻ مطابق انٽرويو وٺي ۽ ڪجهه ڪتابن مان لاڳاپيل بنيادي ڄاڻ جي تحقيق ڪري هڪ ’سٺو ۽ منفرد فيچر‘ لکي سگهون ٿا. انهن مڙني ڳالهين کان علاوهه هڪ ڳالهه جيڪا لازمي آهي، اها هيءَ آهي ته فيچر لکڻ لاءِ اسان کي پاڻ ۾ passion پيدا ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ ارادي جو پختو (determination) جو هجڻ ضروري آهي.

بهرحال اها فطري حقيقيت آهي ته فيچر رائيٽنگ هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن کي شروعات ۾ ڪجهه مشڪل محسوس ڪري سگهجي ٿو پر اهو لکڻ ناممڪن نه آهي. ان کان علاوا فيچر رائيٽر ٿيڻ لاءِ اهو به لازمي ناهي ته اوهان اڳ ئي ڪنهن اخبار يا مئگزين جا ايڊيٽر يا صحافي هجو بلڪ اوهان مستقل مزاجي ۽ محنت ڪرڻ جي نتيجي بعد فيچر رائيٽنگ جي هنر تي مهارت حاصل ڪري هڪ freelance صحافي طور گهر ويٺي به ڪم ڪري سگهو ٿا. فيچر رائيٽنگ کي وڌيڪ آسان بڻائڻ ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ اهو به ڪري سگهجي ٿو ته ان کي موضوع جي چونڊ ڪرڻ بعد ڪن به لاڳاپيل 8 يا 10 ماڻهن سان انٽرويو ڪري انهن جي بنياد تي لڳ ڀڳ هڪ سئو لفظن جا 8 پيراگراف لکجن ۽ پوءِ انهن پيراگرافن کي هڪ ٻئي سان ترتيبوار ڳنڍي سگهو ٿا. ان سان فيچر جي گهٽ ۾ گهٽ 8 سئو لفظن واري سائيز جي گهرج پوري ٿي ويندي ۽ لکڻ لاءِ به نه فقط حوصلو بلڪ آساني پڻ محسوس ٿيندي. باقي رڳو ويهي فيچر لکڻ لاءِ فقط سوچيو ته پوءِ ڪڏهن به لکي نه سگهبو.

ان ڪري فيچر لکڻ جي شروعات موضوع جي ڳولا کان ڪرڻي پوندي، اهو انڪري جو انٽرنيٽ تي موجود فيچر رائيٽنگ بابت مواد کي ذريعو بڻائي اهو چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن اوهان کو موضوع يا آئيڊيا ڳولي ورتو ته پوءِ ائين سمجهو ته اوهان 70 سيڪڙو فيچر رائيٽنگ جو ڪم پورو ڪري ورتو. باقي پوءِ ان موضوع تي لکڻ جو ڪم 30 سيڪڙو وڃي بچندو. جيڪي به ان موضوع تي بنيادي ڄاڻ جي تحقيق ۽ 8 کان 10 لاڳاپيل ماڻهن سان انٽرويو يا غيررسمي ڪچهري ڪري ان مواد جي بنياد تي لکي پورو ڪري سگهجي ٿو. پر موضوع جي ڳولا ۽ چونڊ جي مرحلي دوران اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ به ضروري آهي ته فيچر لکڻ لاءِ، جيڪو به موضوع يا آئيڊيا ڳولجي ان ۾ لکڻ واري جي پنهنجي دلچسپي ضرور هئڻ گهرجي.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

عاشق چئُو مَ اُنَ کي، مَ ڪِيِ چئُو معشوق؛
خالق چئُو مَ خام تون، مَ ڪِيِ چئُو مخلوق؛
سَلِجُ تنهن سُلوڪ، جو ناقِصئا نِگيو.
(سُر ڪلياڻ)

اڄوڪو ڏينهن ..... 23 آڪٽوبر

مخدوم عبدالواحد سيوستاني

مخدوم عبدالواحد سيوستاني پنهنجي دور جو جيد عالم، فقهِ حنفيءَ جو ماهر ۽ تصوف جو وڏو ڄاڻو هو. سندس ولادت 1737ع ڌاري سيوهڻ شريف ۾ ٿي. هن ڪيترائي منجهيل مذهبي مسئلا پنهنجي فتوائن سان حل ڪيا. هن جي فتوائن جو ڪتاب ”جمع المسائل اعليٰ حسب النوازل“ جي نالي سان ٽن جلدن ۾ موجود آهي. هن لڳ ڀڳ 40 ڪتاب قلمبند ڪيا. هن بزرگ 23 آڪٽوبر 1909ع تي راهه رباني ورتي.

فقير يار محمد مري

فقير يار محمد هڪ صوفي منش انسان هو جيڪو يڪتاري ۽ ڪنڌال تي صوفي ڪلام ڳائيندو هو. سندس واسطو سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ ڪاهيءَ سان هو. البته سندس جنم جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. هو محمد فقير ڪتياڻ جو طالب هو. محمد فقير جي ڪلامن کان متاثر ٿي پاڻ به ڪلام ڳائيندو هو ۽ وجد ۾ اچي صوفي انداز ۾ اهي ڪلام ڳائيندو هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ”طالب علي“ تخلص استعمال ڪيو آهي. مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب ”ياد رفتگان“ ۾ هن جي وفات جي تاريخ 23 آڪٽوبر 1982ع لکي آهي.

مير رسول بخش ٽالپر

اڄ مشهور سياستدان مير رسول بخش ٽالپر جي پيدائش جو ڏينهن آهي. هن جو جنم حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود ۾ 23 آڪٽوبر 1920ع ۾ ٿيو. جامعه مليه دهلي ۽ سنڌ مدرسة الاسلام جهڙن مشهور تعليمي ادارن مان علم جي اُڃ اجهايائين. جيتوڻيڪ پاڻ هڪ سڪئي ستابي ۽ زميندار گهراڻي جو چشم و چراغ هو پر سادي سڀاءَ وارو ۽ فقير منش انسان هو. سماجي خدمتن ۾ هميشه اڳڀرو رهيو. تانگا يونين، ليبر يونين، ٽيڪسٽائيل يونين، ٻيڙي مزدور يونين ۽ هارين جو روح روان ۽ رهنما رهيو. 21 ورهين جي ڄمار ۾ حيدرآباد ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو. 1965ع وارين بنيادي جمهوريت وارين چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيائين. 29 اپريل 1972ع تي سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو. 12





تعليم حاصل ڪئي. هوءِ مشهور سياستدان حسين بخش ناريجي جي گهرواري آهي. لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. هوءِ اڄا ستين ڪلاس جي شاگرديائي هئي جو سندس ٻاراڻي ڪهاڻي رسالي ”گل ڦل“ ۾ شايع ٿي. ان بعد هن جا سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ لکيل ڪالم ۽ ٻيا ليک هڪ ڊگهي عرصي تائين سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن جو سينگار بڻجندا رهيا. سياست ۾ به هن جڳو ڪردار ادا ڪيو. پاڻ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري ۽ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي پڻ ميمبر رهي. هن سائوٿ ايشيا تنظيم (آسا) کي ترجمو ڪرايو ته جيئن انهيءَ تنظيم جا ميمبر ترجمي مسئلن جو پنهنجي اکين سان مشاهدو ڪري سگهن.



پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش ڀٽ

اڄ سنڌ جي مشهور سرجن رسول بخش ڀٽ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هو نامور شاعر ۽ ليکڪ الهڏنو ڀٽ جو وڏو پٽ آهي. سندس جنم 23 آڪٽوبر 1965ع تي سانگهڙ ضلعي جي شهر جهول ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم جهول مان حاصل ڪئي ۽ يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان سانگهڙ مان پاس ڪيا. اڳتي هلي هن لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) ڄامشوري مان ايم بي بي ايس ۽ جنرل سرجري ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي. هن هڪ ڊگهي عرصي تائين لياقت يونيورسٽيءَ ۾ مختلف اعليٰ عهدن تي رهي ڪم ڪيو آهي. پاڻ 7 ڀيرا انهيءَ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جو ميمبر رهيو هو. يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس يونيورسٽيءَ جو صدر رهيو ۽ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽس افيئرس طور پڻ ڪم ڪيائين. يونيورسٽيءَ کي هڪ معالج انتظامي سربراهه ۽ جنرل سرجريءَ جي پروفيسر طور زندگيءَ جا 34 سال ارپيندڙ هي املهه انسان ڪلهه



مختيار آزر

ڳوٺ قرهٽي پانڌيءَ ۾ الهچائي شيخ جي گهر ڄائو. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مقامي مدرسن مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ اديب فاضل سنڌيءَ جو امتحان 1967ع ۾ پاس ڪيائين. 1972ع ڌاري سنڌي فائنل جو امتحان ٽنڊي باگي مان پاس ڪيائين. هن سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت بابت تحقيق ڪري بيش بها ڄاڻ جو خزانو گڏ ڪيو. خاص طور تي بدين ضلعي جي علم، ادب، تاريخ، ماڳن مڪانن ۽ ٻين موضوعن بابت سنڌس ڪوجنا تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکي ويندي شروع ۾ هو ’ابن الله بچايو‘ جي نالي سان لکندو هو. سندس پهريون ڇپيل ڪتاب ’آڌي رات‘ آهي جيڪو آر ايچ احمد حيدرآباد مان 1955ع ڌاري ڇپجي پڌرو ٿيو. هن جي ٻين ڪتابن مان (1) بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ (2) بدين ضلعي جو مطالعو (3) ڪڇين جا قول (4) سنڌ جا زيور (5) تاريخ الشعراءِ لاڙ (6) بدين ضلعي جا مشاهير (7) سنڌي اورڻ جا تبادلا ۽ (8) سنڌ جون سورميون خاص ذڪر جي لائق آهن. پاڻ ڀلوڙ شاعر پڻ هو سندس شاعريءَ جو مجموعو ’ٿوها ۽ ٿونهان‘ 1971ع ۾ لاڙ ادبي سوسائٽيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. لاڙ ادبي سوسائٽيءَ جو پايو وڌو ۽ ڪيترن اديبن جا ڪتاب ڇپرايائين. سنڌي ادب جي هن 23 آڪٽوبر 1986ع تي دم ڏئي حوالي ڪيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي فوتگيءَ جي تاريخ 23 بجاءِ 24 آڪٽوبر ٻڌائي وئي آهي.

لطف علي لطف

لطف علي لطف هڪ عمدو سگهڙ ۽ شاعر هو. سندس جنم 22 سيپٽمبر 1939ع تي ٽنڊي شيرعلي ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو غربت سبب ٽنڊي شيرعليءَ جي پرائمري

پروفيسر محمد شريف شاد پنهنجي ڪتاب ”ادبي تاريخ تعلقي لکيءَ جي“ ۾ هن جي شاعريءَ جا ڪجهه نمونا شامل ڪيا آهن. هن 23 آڪٽوبر 2005ع تي هن دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو.

سهراب فقير

سهراب فقير سنڌ جو مشهور صوفي راڳي هو. هن جو جنم 1934ع ڌاري خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ ٿيو. سندس والد حمل فقير هڪ سٺو طبلي نواز، سارنگي نواز ۽ ڳائڻو هو. هن جا وڏا جيسلمير واري علائقي جا رهواسي هئا. هن راڳ جا بنيادي نڪتا پنهنجي پيءُ ۽ چاچي کان سکيا. اڳتي هلي روهڙيءَ جي استاد ڪيتي خان کان موسيقيءَ جي سکيا ورتائين. شروع ۾ پنهنجي استاد سان گڏ طبلو وڄائيندو هو ۽ پوءِ يڪتاري ۽ ڪنڌال تي سُر وڪرڻ شروع ڪيائين. شروع ۾ بزرگن جي مزارن ۽ ميلن ملاڪڙن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. مشهور شاعر تنوير عباسيءَ کيس ريڊيو پاڪستان خيرپور تي متعارف ڪرايو. اڳتي هلي خيرپور ريڊيو سان گڏ بهاولپور ۽ حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشنن تي به سندس آواز گونجڻ لڳو. پاڪستان ٽيليويزن تي به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيائين. هن پاڪستان سان گڏ برطانيه، جرمني، بيلجيم، نيدرلينڊس، ناروي ۽ فرانس وغيره ۾ به سنڌ جي صوفي راڳ کي متعارف ڪرايو. هن کي پاڪستان سرڪار پاران حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو ويو. تاريخ 23 آڪٽوبر 2009ع تي هن سريلي فنڪار جي زندگيءَ جو سفر پڇاڙيءَ تي پهتو.



سيد قمرالزمان شاهه

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان، زرعي ماهر ۽ زميندار سيد قمرالزمان شاهه جي ورسي ملهائي پئي وڃي شاهه صاحب جو جنم 12 سيپٽمبر 1933ع تي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي شهر ٽکڙ ۾ ٿيو. هن 1957ع ۾ بي اي ۽ 1959ع ۾ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون. سياسي طور تي سڄي عمر پ پ سان لاڳاپيل رهيو. هو 1973ع کان 1977ع تائين پاڪستان



بقايا 1 — بلاول ڀٽو مبارڪباد

وزيراعظم سانائي تاڪاچي (@takaichi_sanae) کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني آهي بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو ته جاپان جي پهرين عورت وزيراعظم کي دل سان مبارڪون پيش ڪريان ٿو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جيڪا پاڪستان ۽ اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هئي، جو فخرمند پٽ هئڻ جي ناتي سان ڄاڻان ٿو ته اهڙا سنگ ميل ايندڙ نسلن لاءِ ڪيئن الهام بڻجن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته مان هر ان عورت کي سلام پيش ڪيان ٿو جيڪا رڪاوٽون ٽوڙي اڳتي وڌي ٿي پاڪستان جاپان جي ماڻهن ۽ خاص طور تي انهن جي عورتن سان هن غيرمعمولي جمهوري لمحي ۾ گڏ بيٺو آهي مان اميد ظاهر ڪريان ٿو ته نئين وزيراعظم جاپان ۽ سڄي دنيا ۾ خوشحالي ۽ عورتن جي بااختياري کي وڌيڪ اڳتي وڌائيندي بلاول ڀٽو زرداري جو هي پيغام عالمي سطح تي عورتن جي قيادت ۽ جمهوريت ۾ سندن ڪردار جي ساراهه طور ڏٺو پيو وڃي

بقايا 2 — ڀڃڪڙي قرار

ٽينڊ امن معاهدي جي روح جي خلاف آهن ترجمان عالمي برادري تي زور ڏنو ته اها انهن خلاف ورزين جي خاتمي جي لاءِ فوري ۽ موثر قدم کڻي ۽ جنگبندي تي مڪمل عملدرآمد ۽ فلسطيني شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائي هن فلسطيني عوام جي لاءِ پاڪستان جي اڻٽڪ حمايت جو ورجاءُ ڪيو ۽ اسرائيلي ڪاروواين کي فوري طور تي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ترجمان جون 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد، خودمختيار قابل عمل ۽ لاڳاپيل فلسطيني رياست جي قيام جي لاءِ پنهنجي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪيو جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي

بقايا 3 — سڙي فوت

لڳائي ڇڏي جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي ۾ موجود 6 معصوم شهري فوت ٿي ويا. واقعي جو اطلاع ملڻ تي سيڪيورٽي فورسز علائقي کي گهيرو ڪري خوارجين جي ڳولها لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي فتنۃ الخوارج جي ان بربريت تي مير علي جي عوام حڪومت کي درخواست ڪئي آهي ته اسان کي انهن جانورن کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي اهو ڪهڙو اسلام يا ڪهڙو جهاد آهي جو ان ظلم وسيلي معصوم ماڻهن کي ذاتي بنيادن تي قتل ڪيو وڃي شهرين چيو ته الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ سورت الحجرات جي آيت 9 ۾ فرمائي ٿو ته جيڪو گروهه بغاوت ڪري رهيو آهي ان سان ان وقت تائين وڙهو جيستائين هو الله جي حڪم طرف واپس نه اچي وڃي

بقايا 4 — ملاقات

شفقت علي خان الوداعي ملاقات ڪئي ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم سفير شفقت علي خان جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي حيثيت سان ڪردار کي ساراهيو هن پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي گهري پائيدار لاڳاپن کي اجاگر ڪندي نامزد سفير تي زور ڏنو ته هو اهم لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پنهنجي تجربي مان فائدو کڻي هن نامزد سفير کي هدايت ڪئي ته هو گڏيل عرب امارات ۾ رهندڙ پاڪستانين جي ڀلائي کي ترجيح ڏي

بقايا 5 — ملاقاتون

جو اظهار عوامي مسئلن ۽ ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ پيش ڪئي وئي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي خيرپور بدين اسٽيل ملز ڪالوني ۽ گلشن حديد جي مسئلن بابت آگاهي ڏني وئي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان عوامي مسئلن جي جلد حل جي هدايت ڪئي وئي

بقايا 6 — وڏو وزير

لاءِ پاڪستان جي پهرين مڪمل ۽ جديد ڪميونٽي ماڊل جي حيثيت سان تيار ڪيو پيو وڃي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، معذور ماڻهن جي بااختياري (DEPD) جو سيڪريٽري طه فاروقي سلطان الانا، منير ڪمال سروين لوبس مشتاق چاپڙا، ارشد شاهه عبدالله صوبيه سلطان ۽ فاروق مظهر شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو ته انڪليوسو سٽي معذور ماڻهن لاءِ صحت، تعليم رهائش ۽ روزگار جي سهولتن سان گڏ رسائي شموليت ۽ بااختياري جي هڪ بهترين ۽ جديد جاءِ بڻجندي. هي منصوبو 75 ايڪڙ زمين تي تعمير ڪيو پيو وڃي جيڪو سنڌ حڪومت جي بغير رڪاوٽن ۽ برابريءَ واري سماج جي ويزن جي عڪاسي ڪري ٿو. سيڪريٽري DEPD طه فاروقي ۽ معمار شاهه عبدالله وڏي وزير کي منصوبي جي ڊيزائن ۽ تجويز ڪيل سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. مراد علي شاهه ٻڌايو ته انڪليوسو سٽي ۾ رهائشي بلاڪ، تعليمي ۽ تربيتي ڪمپليڪس بحالي مرڪز معذور ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ اين جي اوز جا آفيسون اسپتالن جا ان پيشينٽ ۽ آئوٽ پيشينٽ بلاڪ او پي ڊي، فني تربيت جا ادارا ۽ غير سرڪاري تنظيمون گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ زونز شامل هوندا. هن چيو ته هي شهر جامع بحالي جي اصول تي ٻڌل هوندو جتي تعليم علاج بحالي، روزگار ۽ رهائش جي سهولتن کي هڪ ئي نظام ۾ گڏ ڪيو ويندو ته جيئن خاص ماڻهو سماج جي سرگرم رڪن جو حصو بڻجن. وڏي وزير DEPD جي سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته منصوبي ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس پڻ شامل ڪيو وڃي ته جيئن ذهني ۽ جسمي چيلينجن سان جهيڙيندڙ ٻارن لاءِ تفريحي ۽ صحتمند سرگرمين کي هٿي ملي. يوٽيلٽي ۽ انفراسٽرڪچر: اجلاس ۾ مختلف لاڳاپيل ادارن سان رابطن جو جائزو ورتو ويو جن ۾ PD مليرايڪسپريس وي/ BRT، نيشنل ريفائنري لميٽيڊ، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KWSC)، سوئي سدرن گيس ڪمپني (SSGC)، سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ، ڪي اليڪٽرڪ، پي ٽي سي ايل ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) شامل هئا. ڪي اليڪٽرڪ ٻڌايو ته منصوبي لاءِ 4.9 ميگاواٽ بجلي 11 ڪلو وولٽ جي خاص فيڊر ذريعي فراهم ڪئي ويندي جيڪا اسپتالن وانگر لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ هوندي. ادارن کي سفارش ڪئي وئي ته اوورهيڊ ٽرانسميشن لائينن کان گهٽ ۾ گهٽ 60 فوٽ افقي ۽ 20 فوٽ عمودي فاصلو رکيو وڃي ته جيئن حفاظت جا معيار پورا ٿين. سوئي سدرن گيس ڪمپني آگاهي ڏني ته گيس جو ڪنيڪشن ڪورنگي روڊ تان ڏنو ويندو ۽ پائپ لائينون رنگ روڊ سان گڏ هر عمارت تائين پهچنديون. وڏي وزير چيو ته گيس جي ڪوٽ جي پيش نظر ايل پي جي کي متبادل ۽ پائيدار حل طور غور هيٺ آندو وڃي. ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ٻڌايو ته منصوبي جي ويجهو ڪو به نيڪال نظام موجود ناهي تنهن ڪري سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽس لڳايا ويندا جيڪي گندو پاڻي آبپاشي لاءِ قابل استعمال بڻائيندا، جڏهن ته صاف ٿيل پاڻي درياءِ ملير ۾ خارج ڪيو ويندو. پيئڻ جي پاڻي لاءِ ٻڌايو ويو ته 33 انچ قطر واري قيوم آباد پائپ لائين ڪافي ناهي تنهن ڪري وڏي وزير آن سائيٽ ريورس آسموسس (RO) پلانٽ لڳائڻ جي منظوري ڏني. KMC آگاهي ڏني ته ويجهو موجود منظور ڪالوني نالي طوفاني نيڪاسي وارو نالو برسات ۾ ڀرجي ويندو آهي ڇاڪاڻ ته منصوبي جي زمين نيچلي سطح تي آهي تنهنڪري وڏي وزير متبادل نيڪاسي نظام جي منظوري ڏني جنهن ۾ اسٽارم واٽر ريچارج پٽس، ذخيرا ۽ چينلز شامل هوندا ته جيئن ڊگهي مدي واري سيلابي تحفظ کي يقيني بڻائي سگهجي. منصوبي جي اڳڀرائي: منصوبي جي بائونڊري وال مڪمل ٿي چڪي آهي جڏهن ته سڙڪن نيڪال بجلي سيوريج ۽ گيس جو ڪم ايندڙ ٻن مهينن ۾ مڪمل ٿيڻ جي اميد آهي. پهريون مرحلو ڇهن مهينن ۾ مڪمل ڪيو ويندو جنهن ۾ ان پيشينٽ اسپتال او پي ڊي، بحالي مرڪز فني ۽ جامع اسڪول اسسٽڊ لونگ يونٽس ۽ عملي لاءِ رهائشي سهولتون شامل آهن. وڏي وزير سڀني کاتن کي هدايت ڪئي ته بين المحڪماتي هم آهنگي کي تيز ڪيو وڃي ۽ سڀ مسئلا وقت سر حل ڪيا وڃن ته جيئن انڪليوسو سٽي هڪ مڪمل منصوبابندي ۽ سماجي شموليت جي مثال طور سامهون اچي. مراد علي شاهه چيو هي رڳو هڪ ترقياتي منصوبو ناهي پر سنڌ جي هر شهري لاءِ برابري، همدردي ۽ وقار جو پيغام آهي.

بقايا 7 — هدف مقرر

ته فصل 2025-26 دوران 8 لک کان 12 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي. وڏي وزير ٻڌايو ته هي قدم 55 ارب رپين جي رليف پيڪيج جو حصو آهي جنهن ۾ پوک جي وڌندڙ خرچن کي گهٽائڻ ۽ آبادگارن جي آمدني ۾ بهتري لاءِ ڊي اي پي ۽ يوريا ڀاڻ تي وڏيون سبسڊيون شامل آهن. پريس ڪانفرنس ۾ وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير شرجيل ميمڻ، سردار محمد بخش مهر ۽ مخدوم محبوب زمان پڻ موجود هئا. مراد علي شاهه چيو ته ڪڻڪ جي خريداري مارڪيٽ جي استحڪام ۽ آبادگارن کي وچولين جي استحصال کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي. حڪومت جو مقصد اهو آهي ته ڀاڻ جي وقت سر فراهمي شفاف خريداري ۽ آبادگارن کي فوري ادائيگي يقيني بڻائي وڃي ته جيئن اهي گندم جي پوک ۾ دلچسپي برقرار رکن ۽ خوراڪ ۾ خودڪفالت حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت آبادگارن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت مقرر ڪرڻ جي حمايت ڪري ٿي جنهن سان انهن کي پنهنجي محنت جو منصفاڻو معاوضو ملي ٿو. وڏي وزير چيو امدادي قيمت آبادگارن کي اعتماد ڏئي ٿي ته انهن جي محنت جي قدر ڪئي پئي وڃي. مراد علي شاهه ٻڌايو ته وفاقي حڪومت ۽ آءِ ايم ايف جي شرطن سبب شروعاتي ڏکيائون پيش آيون پر چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش سان وفاقي منظوري حاصل ٿي. هي ڪاميابي محدود مالي وسيلن باوجود گڏيل حڪمت عملي سان ٿيل اتراتي ڳالهين جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿي. هن چيو ته 2023-24 ۾ سنڌ حڪومت جي ڪامياب ڪڻڪ خريداري مهم مارڪيٽ کي مستحڪم رکيو اٽي جي ڪوٽ کان بچايو ۽ قيمتي زرمبادلي جي بچت ڪئي. وڏي وزير ٻڌايو ته سنڌ حڪومت شروع ۾ 4000 رپيا في من جي سفارش ڪئي هئي پر آبادگارن کي جلد فائدو پهچائڻ لاءِ وفاقي سطح تي مقرر ٿيل 3500 رپيا جي شرح قبول ڪئي وئي. هن چيو ته هن سال سنڌ حڪومت 8 کان 12 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪندي ۽ ضلعي انتظاميا کي شفاف ۽ وقت سر ڪارروائي لاءِ متحرڪ ڪيو ويو آهي. رليف پيڪيج ۾ هر ايڪڙ لاءِ هڪ ڊي اي پي ۽ ٻه يوريا جا ٿلها ڏيڻ جو منصوبو پڻ شامل آهي. وڏي وزير چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت هيٺ سنڌ حڪومت پنهنجي پاليسين لاءِ وفاق کان منظوري حاصل ڪئي جن ۾ منصفاڻي امدادي قيمت، زرعي ٽيڪس ۾ نظرثاني ۽ ٽيڪ پيرا ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کي ملتوي ڪرڻ شامل آهي. هن چيو ته مستحڪم گهٽ قيمتن جي پاليسي مهانگين درآمدن کان بچائي مقامي پيداوار کي همٿايو آهي. مراد علي شاهه تسليم ڪيو ته ڀاڻ جي ڪوٽ ۽ ٻيا مسئلا فصل تي اثرانداز ٿيا پر صوبائي حڪومت سڌي مدد ذريعي انهن کي حل ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. زرعي آمدني ٽيڪس جي حوالي سان وفاق سان ڳالهين کان پوءِ آبادگارن کي عارضي رليف ڏنو ويو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت متوازن زرعي ترقي ۽ معاشي استحڪام کي اوليت ڏئي رهي آهي. فوڊ ۽ زراعت وارا کاتا گڏجي گندم جي خريداري ۽ ڀاڻ جي ورهاست کي يقيني بڻائيندا. قانون ۽ امن جي صورتحال: هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته حڪومت شهري ۽ ڳوٺاڻي سنڌ ٻنهي ۾ امن امان قائم رکڻ تي مڪمل ڌيان ڏئي رهي آهي. هن چيو اسان کي ٻه وڏا چئلينج آهن ڳوٺاڻن علائقن ۾ ڌاڙيلن جو مسئلو ۽ شهري مرڪزن ۾ اسٽريٽ ڪرائم. ڪجهه فرقيواراڻي واقعا به پيش آيا پر انهن کي سختي سان منهن ڏنو پيو وڃي. وڏي وزير ٻڌايو ته سنڌ پوليس کي جديد تربيت، ٽيڪنالاجي ۽ بهتر هم آهنگي سان مضبوط ڪيو پيو وڃي ته جيئن اهي خطرن کي وڌيڪ مؤثر طريقي سان منهن ڏئي سگهن. افغان شهرين جي واپسي پاليسي: وفاقي حڪومت جي افغان شهري موڪلڻ بابت فيصلي تي ڳالهائيندي وڏي وزير چيو هي قومي سطح تي اتفاق آهي ته سڀ افغان پناهگير پنهنجي ملڪ واپس ويندا. هن چيو ته سنڌ حڪومت وفاقي پاليسي تي مڪمل عمل ڪندي ۽ يقيني بڻائيندي ته اهو عمل پرامن ۽ قانوني طريقي سان مڪمل ٿئي. وڏي وزير ٻڌايو ته پنجاب حڪومت پاران سرٽيفائيڊ ٻج جي نقل و حرڪت تي پابندي واري فيصلي بابت هن سنڌ جي چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي آهي ته هو پنجاب جي چيف سيڪريٽري سان ڳالهه ٻولهه ڪري مسئلو حل ڪري. ڊينگي وبا تي ڳالهائيندي مراد علي شاهه چيو ته صحت کاتي کي متحرڪ ڪيو ويو آهي ۽ مڪاني ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته مڇر مار اسپري جي مهم کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ته جيئن شهري محفوظ رهن.

بقايا 8 — ملهائي ويندي

جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي گهرواري بيگم نصرت ڀٽو جي 14 هين ورسي 23 آڪٽوبر تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي ان سلسلي ۾ لاهور سميت سڄي ملڪ ۾ پي پي جي انتظام هيٺ قرآن خواني ۽ دعائن وارين تقريبن منعقد ڪيون وينديون ان ئي ڏينهن اليڪٽرانڪ ميڊيا پروگرام نشر ۽ پرنٽ ميڊيا تي فيچرز شايع ڪيا ويندا.

بقايا 9 — فوت

عمارت مان ڪرڻ سبب فوت ٿي ويو سندس لاش عباسي شهيد اسپتال پهچايو ويو ان حوالي سان هيڊ محرر سرجاني ٿاڻي ملڪ فاروق چيو ته فوت ٿيل شخص سڃاڻپ 45 سالن جي عظيم جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته شروعاتي معلومات مان ظاهر ٿئي ٿو ته واقعو ڪم دوران تعمير هيٺ عمارت جي چوٿين منزل تان ڪرڻ سبب پيش آيو جڏهن ته فوت ٿيل شخص مزدور ٻڌايو پيو وڃي. ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو ويو آهي ۽ واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪري رهيو آهي جڏهن ته سرجاني پوليس ان حوالي سان وڌيڪ معلومات حاصل ڪري رهي آهي

بقايا 10 — سپريم ڪورٽ

سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي پنج رڪني آئيني بينچ سپر ٽيڪس بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ اسٽاڪ مارڪيٽ ڪمپني جي وڪيل مرزا محمود احمد دليل ڏنا، هو اڄ به پنهنجا دليل جاري رکندو ٻڌڻي دوران جسٽس امين الدين خان چيو ته ٻاهر ۾ ماڻهو سالن کان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سرمائيڪاري ڪري رهيا آهن پاڪستان جي ماڻهن کي به بينڪن ۾ رکڻ جي بجاءِ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سرمائيڪاري ڪرڻ گهرجي

بقايا 11 — گرفتار

طالب المولىٰ ڪاليج سامهون امن سٽي، جمالي ڪالوني سميت تعلقي جي مختلف علائقن ڪاري ڪيٽي مارڪ واهه ،بکرجمالي ۽ ٻين علائقن ۾ افغاني پٺاڻن جون بستيون قائم هئڻ جا اطلاع مليا آهن. جڏهن ته نيوسعيدآباد شهر ۾ هڪ افغاني پٺاڻ ايوب خان پٺاڻ ديده دليري سان افغانستان جو جهنڊو هٿن ۾ کٽي ٽوڪائي شهر جو گشت ڪيو پاڪستان جي مخالفت ۽ افغانستان جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي جنهن دوران اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي ڪيس گرفتار ڪري ورتو نيوسعيدآباد پوليس جي انسپيڪٽر نادر علي پٽي موجب افغانستان جو جهنڊو لڏڪائيندڙ هڪ افغاني پٺاڻ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. نيوسعيدآباد ۾ وڌيڪ افغاني پٺاڻن جي رهڻ جا اطلاع مليا آهن جن خلاف آپريشن ڪيو ويندو

بقايا 12 — انڪشاف

مشينون لڳائي بنا ليول جي ڪم ڪري رهيا آهن ٺيڪيدار ۽ عملدارن جي ملي ڀڳت سان قومي خزاني کي وڏي نقصان پهچايو ويو آهي علائقي جا سوين آبادگار ۽ هاري سخت پريشان آهن جن جو چوڻ آهي ته ڪرپٽ عملدارن ۽ ٺيڪيدارن خلاف فوري ڪارروائي نه ڪئي وئي ته سندن زمينون سڪي وينديون لکن جي تعداد ۾ چوپايو مال زميت آبي جيوت سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي ۽ فصل تباهه ٿي پوندا. ساجاوند تنظيم ۽ زميندار ايڪشن فورم جي اڳواڻن عادل لغاري، سنڌ ترقي پسند جي ڪامريڊ اشرف ڦهيم پاران تعلقي ۽ ضلعي سطح تي وڏي احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو آهي

بقايا 13 — گرفتار

سان سنگين ڪيسن ۾ گهربل هڪ ملزم کي گرفتار ڪيو تفصيل موجب ڪراچي ۾ سيف سٽي اٿارٽي جي جديد ڪيمرائن جي مدد سان دهشتگردي، قتل ۽ پوليس مقابلن ۾ گهربل هڪ خطرناڪ ملزم عبدالعظيم کي گرفتار ڪيو ويو ڊي جي سيف سٽي اٿارٽي آصف اعجاز شيخ چيو ته ملزم جي سڃاڻپ جديد اي اين پي آر ڪئميرا ذريعي ڪئي وئي جڏهن هو موٽرسائيڪل تي گذري رهيو هو آصف اعجاز شيخ چيو ته جيئن ئي ڪئميرا ۾ ملزم جو چهرو ظاهر ٿيو ته هڪ نازڪ الرٽ جاري ڪيو ويو جنهن کان پوءِ اي آر وي عملي فوري ڪارروائي ڪئي ۽ ان کي ڊيٽا ڪارنر جي ويجهو حراست ۾ ورتو

بقايا 14 — سعيد غني

تحفظ جي واڌ ويجهه لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهي. سعيد غني چيو ته سنڌ سماجي تحفظ اٿارٽي جي ذريعي جلد ئي صوبي جي مستحق ماڻهن جو ڊيٽا نادرا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سان ڳنڍيو ويندو جنهن سان مستحق ماڻهن کي نه صرف مالي مدد ۾ تعليم صحت ۽ عورتن کي دوران زچگي هر قسم جي سهولتن تائين پهچ به ممڪن بڻائي سگهبي. اهڙو اظهار هن گڏيل ڏينهن سنڌ سماجي تحفظ اٿارٽي جي آفيس ۾ آڪسفورڊ پاليسي مينيجمينٽ جي صلاحڪارن محمد عثمان چاچڙ ۽ بلال لاشاري سان ملاقات دوران ظاهر ڪيا. ان موقعي تي سنڌ سماجي تحفظ اٿارٽي جا چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سميع الله شيخ ۽ ٻيا آفيسر به موجود هئا. صوبائي وزير سعيد غني چيو ته سماجي تحفظ اٿارٽي اهڙي جامع پاليسي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جنهن جي ذريعي مستحق ماڻهن لاءِ هڪ منظم ڊيٽا بيس تيار ڪيو وڃي جيڪو نادرا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سان ڳنڍيل هجي. ان ڊيٽا جي بنياد تي سنڌ حڪومت جا مختلف کاتا جن ۾ صحت، تعليم ليبر ۽ پاپوليشن ويلفيئر شامل آهن. گڏجي مستحق ماڻهن خاص طور عورتن کي سماجي تحفظ، صحت، تعليم ۽ روزگار جون سهولتون فراهم ڪري سگهن. سندس چوڻ هو ته ان مقصد لاءِ هڪ جامع تحقيق (اسٽيڊي) شروع ڪئي پئي وڃي، جنهن سان سڀ ڊيٽا هڪ هنڌ گڏ ٿيندو ۽ حڪومت مستحق ماڻهن کي نقد ادائيگي، ويڪسينيشن دوران زچگي عورتن جي فوري مالي مدد، تعليم ۽ روزگار جا موقعا مهيا ڪري سگهي. سعيد غني وڌيڪ چيو ته هن وقت سماجي تحفظ اٿارٽي تحت صوبي جي گهٽ ضلعن ۾ ڪم جاري آهي، پر اسان جو مقصد آهي ته اهو ڪم هر ضلعي ۽ هر مستحق تائين وڌايو وڃي ته جيئن سماجي تحفظ جو دائرو وسيع ٿئي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي منشور تي مڪمل عمل ڪندي سماجي تحفظ جي فروغ ۾ سرگرم آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته مستحق ماڻهن جو ڊيٽا جلد کان جلد تيار ڪيو وڃي ته جيئن سندن فوري مدد ممڪن بڻائي سگهجي. ان موقعي تي آڪسفورڊ پاليسي مينيجمينٽ جي صلاحڪار محمد عثمان چاچڙ چيو ته هن سلسلي ۾ جلد ئي سڀ اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت سان تحقيقاتي عمل شروع ڪيو ويندو ۽ ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته هن سال جي آخر تائين اها تحقيق مڪمل ڪري ڊيٽا کي نادرا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سان ڳنڍيو وڃي.

بقايا 15 — انڪشاف

۾ تحفظ جي درخواست داخل ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪانئس نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ سول ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي وسندي جوکيو پاران سندس مڙس سان گڏ سندس ۽ شيرين جوکيو جا پريل وڊيوز عدالت ۽ ميڊيا کي پڻ فراهم ڪيا ويا جنهن ۾ آصف جوکيو سان گڏ بيڊ تي سندس گهرواري وسندي جوکيو ۽ شهيد ناظم جوکيو جي بيواهه شيرين جوکيو نظر اچي رهيون آهن سيشن جج ٺٽو جي عدالت ۾ تحفظ واري درخواست تي ٻڌڻي دوران وسندي جوکيو عدالت آڏو انڪشاف ڪندي چيو ته سندس مڙس آصف جوکيو شيرين جوکيو سان 8 مهينا اڳ شادي ڪئي آهي ڪجهه مهينا اڳي پاڻ ۾ گڏ رهيا پر هاڻي ڪيس سندس مڙس آصف جوکيو تشدد ڪري ٿو ڪيس ڪانئس تحفظ ڏياريو وڃي. سيشن جج ٺٽو ميڊم مشتري خانم جي عدالت ۾ الزام هيٺ آيل وسندي جوکيو جي مڙس آصف جوکيو شيرين جوکيو سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو عدالت پاران ڪيس سخت حڪم جاري ڪندي سندس پهرين گهرواري وسندي جوکيو کي حراسان نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا 16 — امڪان

امڪان آهي جڏهن ته گلگت بلتستان ۽ ڪشمير ۾ ڪجهه رهڻ کان سواءِ هلڪي برسات جي اميد آهي موسميات کاتي مطابق مسلسل خشڪ موسم ۽ فضائي گدلاڻ سبب اپر پنجاب جا ضلعا سموگ جي اثر هيٺ رهندا شهرين کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وڃي ٿي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ ٿڌي رهي اربع ڏينهن رڪارڊ ڪيال وڌ کان وڌ گرمي پد ملير 40، ٽربت، لسٻيلو ۽ چور ۾ 39 سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 17 — مارجي ويا

سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ڦورن ڊرائيور کي ڪڪر هنيس پوليس به موقعي تي پهچي وئي جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي، پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ 2 ڦورو مارجي ويا، پوليس مارجي ويل ملزمن جي قبضي 2 پسٽول، 125 موٽرسائيڪل هٿ ڪئي ، ڊرائيور قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل پوليس ٿاڻي تي پهچي ويو لاش سول اسپتال منتقل ڪيا ويا پوليس موجب مارجي ويلن ملزمن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي

بقايا 18 — گرفتار

— هڪ جوابدار گرفتار ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي زون جي ڪارروائي ڊي جي ايف آءِ اي جي هدايت تي عمل ۾ آندي وئي. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب ڪارروائي پي اي سي ايڇ ايس ڪراچي ۾ ڪئي وئي، جتان حوالا هنڊي ۽ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث جوابدار محمد حارث کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدار جي قبضي مان 5169 آمريڪي ڊالر 276 سعودي ريال، 9450 موزمبيقو ميٽيڪل، 100 ٿائي بهات، برطانوي پائونڊ، مالديپ روفيه ۽ يو اي اي درهم هٿ ڪيا ويا. ان کان علاوه 12 لک 50 هزار رپيا نقد، 1500 رپين ماليت جا 51، 750 رپين ماليت جا 165 ۽ 200 رپين ماليت جا 183 پرائز بانڊ، جڏهن ته 0.5 گرام کان 1 تولي تائين وزن وارا 12 سون جا سڪا به برآمد ٿيا. ايف آءِ اي موجب جوابدار بنا لائسنس ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار ڪري رهيو هو. گرفتاري دوران موبائل فون ۽ ڊجيٽل شاهديون به هٿ ڪيون ويون جيڪي غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج سان لاڳاپيل آهن. جوابدار برآمد ٿيل رقم ۽ سامان بابت اختيارين کي مطمئن نه ڪري سگهيو. ايف آءِ اي طرفان جوابدار خلاف مقدمو داخل ڪري تحقيقات شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته سندس ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 19 — ملاقات

ملاقات ۾ مذهبي هم آهنگي رواداري، تعليم ۽ صحت جي واڌاري تي بحث ڪيو ويو گورنر سنڌ ڪيٿولڪ ادارن ۽ سماجي خدمت لاءِ رابرٽ ميڪ ڪلڪ جي خدمتن جي تعريف ڪئي گورنر سنڌ چيو ته سنڌ صوبي جي ماڻهن لاءِ صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ سندس ڪوششون هڪ قابل تعريف قدم آهن گورنر سنڌ حيدرآباد ۾ سينٽ الزبٿ اسپتال جي پنهنجي ايندڙ دوري جو اشارو ڏنو

بقايا 20 — الطاف ڪوسو

ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبيلٽيز (DEPD) جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فرهاد گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ معذورن لاءِ تعليمي سهولتن ۽ حقن بابت قانونن تي مڪمل عملدرآمد نه ٿيڻ انتهائي تشويشناڪ ۽ افسوسناڪ عمل آهي پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ايمپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبيلٽيز ايڪٽ 2018ع ۽ اقوام متحده جي ڪنوينشن براءِ حقوق معذور شخصيتون (UNCRPD) تحت معذورن کي تعليمي صحت ۽ روزگار ۾ برابر موقعا ڏيڻ لازمي آهي پر عملي طور تي ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽين ۾ معذورن لاءِ داخلا ڪوٽا ۽ سهولتون موجود نه آهن انهن چيو ته حڪومت پاران مختص ڪيل فنڊز جو شفاف استعمال نٿو ٿئي جڏهن ته اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ معذورن لاءِ ريسورس سينٽر خاص تربيت وارا پروگرام ۽ رسائيءَ جا انتظام به ناهن ڪيا ويا، جنهن سبب هزارين معذور ٻار تعليم کان محروم آهن قانون موجب معذورن لاءِ 10 هزار کان 5 لک رپين تائين اسڪالرشپ ۽ مالي سهائتا ڏيڻ لازمي آهي پر انهن رقمن تي به عمل نٿو ٿئي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ڊائريڪٽوريٽ آف انڪلوسو ايجوڪيشن (IESU) ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي فوري طور فعال بڻايو وڃي معذورن لاءِ داخلا ڪوٽا تي مڪمل عمل ڪيو وڃي ۽ مختص فنڊز جو تفصيلي آڊٽ ڪرايو وڃي الطاف ڪوسو سلما حبيب پلو ۽ فرهاد چيو ته سنڌ حڪومت جو رويو معذورن جي تعليم ۽ حقن بابت غيرسنجيده آهي جيڪو اقوام متحده جي عالمي معاهدي جي ڀڃڪڙي آهي جيڪڏهن فوري قدم نه کنيا ويا ته معاملو عدالت ۾ کڻي وڃبو آخر ۾ اعلان ڪيو ويو ته پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ پلس سوسائٽي (پلس) ۽ DEPD گڏجي معذورن جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکنديون

بقايا 21 — فيصلو

ڪاليجن بابت هڪ اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز نويد رب صديقي ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد مصطفيٰ ڪمال ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي حيدرآباد علائقي جي مختلف ڪاليجن جي پرنسپلز وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ جديد گهرجن مطابق ڪاليجن جي نصاب جو جائزو وٺڻ ۽ جديد بنيادن تي سڌارا آڻڻ ڪاليجن ۾ روزاني جي بنياد تي "لائبريري ڪلاس" شروع ڪرڻ ۽ تعليم جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جا اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس دوران ٻڌايو ويو ته حيدرآباد علائقي جي 72 سرڪاري ڪاليجن ۾ 1 لک 4 هزار 326 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جن ۾ 27 ڇوڪرا 25 ڇوڪريون ۽ 20 ڪو ايجوڪيشنل ڪاليج شامل آهن انهن ڪاليجن ۾ انٽرميڊيٽ، ايسوسيئيٽ ڊگري ۽ چار سالن جا ڊگري پروگرام ڪيا پيا وڃن. جن ۾ ڪمپيوٽر سائنس، آئي ٽي، حياتيات، ڪيمسٽري، ڪامرس ۽ انگريزي جهڙا مضمون شامل آهن سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ اجلاس دوران هدايتون ڏيندي چيو ته برسات ۽ ٻين سببن جي ڪري متاثر ٿيل 12 ڪاليجن جي انفراسٽرڪچر کي بحال ڪرڻ لاءِ فوري طور تي قدم کنيا وڃن هن زور ڏنو ته ڪاليجن ۾ چارديواري، ڪلاس روم ۽ ليبارٽريون مڪمل طور تي فعال ڪيون وڃن ته جيئن تعليمي سرگرميون بهتر طريقي سان جاري رهي سگهن سيڪريٽري ڪاليجز چيو ته حيدرآباد علائقي ۾ گهڻا شاگرد سرڪاري ڪاليجن تي ڀاڙين ٿا، تنهن ڪري داخلا جي انگن اکرن مطابق حاضري برقرار رکڻ تمام ضروري آهي شاگردن جي دلچسپي ۽ وابستگي کي برقرار رکڻ لاءِ نصابي سرگرمين سان گڏ هم نصابي سرگرمين تي خاص ڌيان ڏنو وڃي اجلاس ۾ استادن جي پوسٽنگ، گهٽتائي ۽ ترقي جي معاملن تي به غور ڪيو ويو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته 82 استادن جي پروموشن ڪيس لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪليا ويا آهن جڏهن ته هدايت ڪئي وئي ته سڀني ڪاليجن ۾ استادن جي مقرري گهربل مضمونن جي بنياد تي ڪئي وڃي ته جيئن ڪاليجن جو تدريسي عمل متاثر نه ٿئي هن اها به هدايت ڪئي ته ڪاليجن جي ايس اين اي کان علاوه ٻين استادن جي ٽرانسفر جو عمل مڪمل ڪيو وڃي

بقايا 22 — ڳالهيون

تازي علائقائي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ٻنهي اڳواڻن علائقائي امن استحڪام جي لاءِ گڏيل ارادن جو اظهار ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي رابطا برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو ياد رهي ته هڪ هفتو اڳ به ٻنهي پرڏيهي وزيرن جي وچ ۾ رابطو ٿيو هو جنهن ۾ فيصل بن فرحان خطي ۾ امن سلامتي جي لاءِ پاڪستان جي ارادن جي تعريف ڪندي امن استحڪام جي لاءِ گڏيل ڪوشش جي اهميت تي زور ڏنو هو اسحاق ڊار سعودي عرب جي پاڪستان جي لاءِ مسلسل حمايت تي ٿورو ادا ڪيو هو علائقائي ۽ عالمي مسئلن تي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ سعودي عرب سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي ارادن جو اظهار ڪيو

بقايا 23 — صحيح

جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون اربع ڏينهن وزيراعظم يوٿ پروگرام سان جاري بيان مطابق چيئرمين رانا مشهود احمد خان چيو ته آذربائيجان پهريون ملڪ آهي جنهن سان وزيراعظم يوٿ پروگرام ايم او يو تي صحيح ڪئي آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي موجودگي ۾ آذربائيجان جي يوٿ اينڊ اسپورٽس واري وزارت ۽ وزيراعظم يوٿ پروگرام وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيح ڪئي وئي هئي رانا مشهود چيو ته بهتري ۽ ترقي لاءِ اسان کي ايم او يو جيڪو گڏيل هدفن تي هم آهنگي ۽ نوجوانن تي ٻڌل قدمن تي ٻڌل آهي ان تي وڌيڪ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. ٻئي ملڪ هڪ ٻئي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم تي قائم آهن ۽ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ترقي طرف گامزن آهن ان موقعي تي سفير چيو ته اسان کي خوشي آهي ته وزيراعظم يوٿ پروگرام ۽ نوجوانن جي وزارت پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن اسان جي نوجوانن کي اسان جي دوستي بابت وڌيڪ آگاهه ڪرڻ گهرجي هن چيو ته ٻنهي ملڪ جي گڏيل يوٿ ڪلچر ۽ خاص تعليم جي موقعن کي نظر ۾ رکندي نوجوانن کي گڏيل رابطن کي مضبوط ڪيو وڃي، وڌيڪ نوجوانن لاءِ موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن

بقايا 24 — شهيد

ڇڏيس جنهن جي نتيجي ۾ 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا پوليس ذريعن موجب اهو واقعو انهي وقت پيش آيو جڏهن اهلڪار معمول جي گشت تي هئا ته اوچتو فائرنگ جو نشانو بڻجي ويا. پوليس آفيسرن ٻڌايو ته غريب آباد جي علائقي ۾ هٿياربند اهلڪارن جي گاڏي تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ سپاهي رزاق ۽ سپاهي عبدالله ٿڌي تي ٿي مارجي ويا، حملو ڪندڙ فائرنگ کان پوءِ فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته اهو حملو امڪاني طور تي دهشتگردي يا ذاتي دشمني جو نتيجو ٿي سگهي ٿو جاچ شروع ڪئي وئي آهي ته جيئن جوابدارن کي گرفتار ڪري سگهجي پوليس موجب شهيد اهلڪار معمول جي ڊيوٽي تي هئا جيڪي غريب آباد جي حساس علائقي ۾ گشت ڪري رهيا هئا جڏهن اهو افسوسناڪ سانحو پيش آيو فائرنگ کان فوري بعد ٻيا پوليس اهلڪار پهچي ويا جن لاشن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن انهن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

بقايا 25 — پهتو

سيڪريٽري جنرل بئريسٽر سلمان اڪرم راجه ڪراچي پهتو جتي هن پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سان سندن وڏو ڀاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي بئريسٽر سلمان اڪرم راجه پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان اهم ملاقاتون پڻ ڪيون ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر سلمان اڪرم راجه چيو عمران خان جي آزادي لاءِ پارٽي مڪمل طور متحد ۽ سرگرم آهي قومي اسيمبلي ۾ محمود اچڪزئي خان ۽ سينيٽ ۾ راجه ناصر عباس کي اپوزيشن ليڊر مقرر ڪيو ويو آهي خيبرپختونخوا ۾ تبديلي آندي وئي آهي ۽ سهيل آفريدي کي وزيراعليٰ بڻايو ويو آهي هن چيو ته انهن فيصلن سان هڪ نئين لهر ايندي.

بقايا 26 — هٿيار ڦٽا

پيپلزپارٽي جي صوبائي وزير يا ايم پي اي امتياز احمد شيخ اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي،سردار تيغو خان تيغاڻي،ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شڪارپور جي چيئرمين سردار ذوالفقار ڪماريو چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور فياض محمود شيخ گل محمد جکراڻي،ايم پي اي محمد عارف مهر،ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب،ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ،ايس ايس پي جيڪب آباد ڪليم امام،ايس ايس پي ڪشمور مراد گهانگرو،ايس ايس پي سکر اظهر مغل،ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل،ڊي ايس پي ميڊم پارس بکراڻي،ڊي جي رينجرس سنڌ سميت مختلف آفيشلز شرڪت ڪئي،تقريب ۾ ڪچي جي 72 ڌاڙيلن کي پيش ڪيو ويو جن مان 30 ڌاڙيلن مٿان مجموعي طور 7 ڪروڙ 65 لک رپيا انعام رکيل آهن،پيش پيل ڌاڙيلن ۾ تيغاڻي،بداڻي،سبزوئي ڌاڙيگروهن جا 72 ڌاڙيا شامل آهن،تقريب ۾ صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار،آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ،ڊي جي رينجرس، سيڪٽر ڪمانڊر ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب، ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ،ايس ايس پي ڪشمور گهانگرو،ايس ايس پي جيڪب آباد سميت مختلف آفيسر ۽ اهلڪار موجود آهن،هٿيار ڦٽا ڪندڙ ڌاڙيلن ۾ ياسين تيغاڻي،شهداد تيغاڻي،معشوق علي تيغاڻي،جان محمد تيغاڻي،جمال الدين تيغاڻي عبداللطيف تيغاڻي،علي مراد سبزوئي ستار سبزوئي، نادر بنگلاڻي، عبدالعزيز بنگلاڻي حميد جوليائي،پورل سبزوئي،نياز عرف ٻاٻن سبزوئي،حضور بخش تيغاڻي،ستار،اريلو،گلشير،سونارو تيغاڻي، مختيار تيغاڻي، باسط سبزوئي،پير بخش تيغاڻي، يعقوب سبزوئي، خدا بخش تيغاڻي، شهمير تيغاڻي،ڪرم الله تيغاڻي،لال بخش تيغاڻي،شبير سبزوئي،واحد تيغاڻي،سڪيو تيغاڻي،نورو تيغاڻي،يونس تيغاڻي،سراج سبزوئي، هيرو بخت الله سبزوئي، تاجن تيغاڻي نور محمد،مجيد تيغاڻي،فريد تيغاڻي، بگن تيغاڻي گلزار تيغاڻي غازي تيغاڻي،ڪرم الله تيغاڻي،نور حسن،امداد،پلو تيغاڻي،نواز بنگلاڻي،علي جان تيغاڻي،نور الدين تيغاڻي،الله وسايو تيغاڻي شامل آهن،شڪارپور پوليس جو ڪچي واري علائقي ۾ گذريل ستن سالن کان آپريشن هلندڙ آهي شڪارپور جي پوليس لائين گرائونڊ تي منعقد ڪيل تقريب ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو ته هميشه پوليس جديد هٿيار نه هجڻ سبب نقصان ڪاڙو اسين پوليس جي شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا،هي سڄو ڪجهه شهيدن جي قربانين جو نتيجو آهي جو آهي 72 ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪيا آهن،هي شروعات آهي اڳتي به ڌاڙيا قانون تي اعتماد ڪري پيش پوندا،هن چيو ته 2012 کان وٺي هرڪجهي اغوا ٿيڻ جي روايت قائم ٿي جيڪا اڄا تائين هلندڙ آهي هن وقت اغوا مڪمل طور تي ختم ٿي چڪو آهي،پوليس ڪاروائين ۾ 171 ڌاڙيل مارجي ويا آهن 421 زخمي ٿيا آهن ۽ اڄ 72 ڌاڙيل پيش پيا آهن جن وٽان 209 هٿيار رڪور ڪيا ويا آهن جن ۾ ايس ايم جي،ايل ايم جي،اينٽي ايئر ڪرافٽ گنز سميت مختلف رائيفلس شامل آهن،اها پوليس رينجرس جي ڪاميابي آهي،هن چيو ته جيڪي به ڌاڙيل پيش پيا آهن آهي قانون مطابق عدالتن ۾ ڪيسن کي منهن ڏيندا،هن چيو ته ڌاڙيلن لاءِ بهترين موقعو آهي ته پاڻ کي پيش ڪن پنهنجي زندگي سڪون ۽ امن سان گذارين پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيارين عزت سان جيئن ته جيئن سماج ۾ امن قائم ٿي سگهي

بقايا 27 — مارجي ويا

سيڪيورٽي ذريعن موجب بلوچستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ امن امان جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون انٽيليجنس بنيادن ڪارروائيون جاري آهن، دالبندين بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪامياب ڪارروائي ڪندي فتنۃ الهندستان سان تعلق رکندڙ 6 دهشتگردن کي جهنم پهچائي ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق دهشتگردن جابلو غار ۾ پناهه ورتي هئي جن تي فضائي نگراني ذريعي مسلسل نظر رکي وئي. سيڪيورٽي فورسز طرفان موزون وقت تي ٺڪاڻي کي انتهائي طريقي سان نشانو بڻايو ويو اها اهم ڪاميابي سيڪيورٽي فورسز ۽ ٻين ادارن جي بهترين هم آهنگي ۽ انٽيليجنس رابطي جو نتيجو آهي بلوچستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي تائين فورسز طرفان سيڪيورٽي قدم جاري رهندا.

بقايا 28 — ملاقات

رومانيه جي فضائيه جي سربراهه ليفٽيننٽ جنرل ليونارڊ گيبريل سان ملاقات ڪئي ان دوري ۾ ٻه طرفي دفاعي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ٻنهي فضائي فوجن وچ ۾ سهڪار وڌائڻ جا موقعا ڳولهڻ تي ڌيان ڏنو ويو گڏيل ڏينهن آءِ ايس پي آر مان جاري بيان مطابق رومانيه جي فضائيه جي هيڊڪوارٽر پهچڻ تي رومانيه جي فضائيه جي چيف جي ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو بعد ۾ ايئر چيف ليفٽيننٽ جنرل ليونارڊ گيبريل سان گڏيل فضائي مشقن، مٽا سٽا جي پروگرامن ۽ فضائي ۽ زميني عملي جي تربيت سميت آپريشنل سهڪار کي اڳتي وڌائڻ تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون هن علائقائي سلامتي جي صورتحال تي به ڳالهيون ڪيون

بقايا 29 — تجربا ڪيا ويا

ميزائلن جا وڌيڪ تجربا ڪيا آهن جون جي شروع ۾ ڏکڻ ڪوريا جي صدر لي جي ميونگ اقتدار سنڀالڻ بعد اتر ڪوريا طرفان اهي پهريان ميزائل تجربا آهن ڏکڻ ڪوريا جي خابرو اداري جوائنٽ چيفس آف اسٽاف (جي سي ايس) جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته اتر ڪوريا جاپان سمنڊ طرف ڪيل بيليسٽڪ ميزائل فائر ڪيا آهن هن وڌيڪ چيو ته اتر ڪوريا اهي ميزائل هوانگ هاءِ صوبي ۾ واقع جنگوا نالي جاءِ تان فائر ڪيا آهن. هن چيو ته اسان جي فوج اتر ڪوريا طرفان وڌيڪ ميزائل تجربن جي تياري جي نگراني کي تيز ڪري ڇڏيو آهي ۽ آمريڪا ۽ جاپان سان لاڳاپيل معلومات جي شراڪتداري ڪندي ڪنهن به امڪاني جوابي ڪارروائي جي مستقل تياري جي پوزيشن کي برقرار رکيو آهي

بقايا 30 — مثالي قرار

آهي ته پاڪستان نيوي جو اهو ڪارنامو قومي فخر ۽ پيشيوارانه مهارت جو روشن مثال آهي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران ڪالهه اربع ڏينهن جاري بيان موجب صدر پاڪستان نيوي جي جهاز يرموڪ جي ڪامياب منشيات جي خاتمي واري ڪارروائي تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته يرموڪ جي ڪاميابي پاڪستان نيوي جي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي عزم جو اظهار آهي صدر آصف علي زرداري چيو ته منشيات جي خاتمي واري اها وڏي ڪارروائي عالمي امن ۽ سامونڊي سلامتي جي لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي اجاگر ڪري ٿي صدر سعودي قيادت ۾ گڏيل ميري ٽائيم ٽاسڪ فورس تحت ڪيل ڪارروائي کي گڏيل تعاون جو عمده مثال قرار ڏنو هن نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف ۽ يرموڪ جي عملي کي شاندار ڪاميابي تي خراج تحسين پيش ڪيو صدر چيو ته پاڪستان نيوي جو ڪردار عالمي سطح تي پاڪستان جي ساک ۽ مثبت تشخص کي مضبوط بڻائي رهيو آهي

بقايا 31 — يورپي يونين

تيار آهيون پرڏيهي خابرو اداري مطابق اها ڳالهه روم سمنڊ جي خطي جي معاملن بابت يورپي ڪمشنر دوبرافڪاسوئسڪا گذريل ڏينهن هڪ بيان ۾ چئي هن چيو ته يورپي يونين غزه ۾ ملبو هٽائڻ ڳولا ۽ صفائي جي آپريشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪري رهي آهي سندس چوڻ هو ته گڏيل قومن جي امدادي ڪارروائين جي بحالي ۽ نئين سر تعمير جي عمل ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو يورپي ڪمشنر چيو ته جيڪڏهن ڪو حقيقي سياسي عمل شروع ڪيو ويندو ته يورپي يونين غزه ۾ هٿيارن جي خاتمي جي عمل ۾ به سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهي

بقايا 32 — ملاقات

شهباز شريف سان اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي سيڪريٽري عنبرين جان ڪالهه اربع ڏينهن الوداعي ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پڻ ملاقات ۾ موجود هو وزيراعظم محمد شهباز شريف عنبرين جان جي پاڪستان حڪومت جي لاءِ خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي معرڪه حق دوران پاڪستان جو بيانيو عالمي سطح تي ڀرپور طريقي سان اجاگر ڪرڻ جي حوالي سان سندس بطور اطلاعات ۽ نشريات واري سيڪريٽري ڪارڪردگي کي خاص طور تي ساراهيو. وزيراعظم سندس مستقبل جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو عنبرين جان اربع ڏينهن پنهنجي ملازمت جو مدو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ سول سروس تان رٽائر ٿي وئي آهي

بقايا 33 — شرجيل انعام ميمڻ

راجپوت، سينئر نائب صدر زاهد حميد، جنيد نقي خالد تواب، زبير چايا، فراز الرحمان ۽ ٻين عهديدارن سندس استقبال ڪيو ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جو خاص مددگار فراز عابد لاکاڻي پڻ موجود هو اجلاس ۾ سنڌ ۾ صنعتي ترقي ڪاروباري ماحول جي بهتري، انفراسٽرڪچر جي مسئلن، ٽرانسپورٽ جي سهولتن ۽ صنعتي زونز کي درپيش چئلينجن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت هر شعبي ۾ قابل ذڪر ڪم ڪيو آهي هن چيو ته ملڪ جو ڦيٿو صنعتڪارن جي ڪري هلي رهيو آهي ۽ حڪومت انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي رهيون آهن گذريل سال آءِ ايم ايف جي پابندين جي ڪري، هارين کي امدادي قيمتون نه ملي سگهيون جڏهن ته پيپلز پارٽي جي مطالبي تي وفاقي حڪومت ڪڻڪ جي امدادي قيمت مقرر ڪئي جيڪڏهن هاري کي مناسب قيمت ڏني وڃي ته هو ڪڻڪ جي پوک ڪندو هن ياد ڏياريو ته پاڪستان پهريون ڀيرو صدر آصف علي زرداري جي دور ۾ ڪڻڪ برآمد ڪئي سينئر وزير چيو ته صدر زرداري چين جي دوري دوران وڏن صنعتڪارن سان ملاقات ڪئي ۽ يقين ڏياريو ته حڪومت جيڪو به صنعت قائم ڪندو ان کي مفت زمين فراهم ڪندي هي ڪامياب سيڙپڪاري پاليسي جو مکيه رخ آهي

بقايا 34 — واکاڻ

شهباز شريف عرب سمنڊ ۾ سعودي قيادت ۾ اهم ڪمبائنڊ ميري ٽائيم فورسز جي ڪمبائنڊ ٽاسڪ فورس تحت پي اين ايس يرموڪ جي وڏي ڪارروائي دوران اربين رپين جي ماليت جي منشيات اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ تي پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي ساراهيو آهي

بقايا 35 — مبارڪباد

آصفه ڀٽو زرداري جاپان جي نئين چونڊيل وزيراعظم سنائي تاڪائچي کي ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم بڻجڻ تي مبارڪباد ڏني آهي ڪالهه اربع ڏينهن ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته سنائي تاڪائچي جو وزيراعظم جي عهدي تي چونڊجڻ قيادت جي ميدان ۾ عورتن جي لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل ۽ جاپان جي لاءِ فخر جوڳو لمحو آهي

بقايا 36 — جسٽس مندوخيل

ڪئي ته 26هين آئيني ترميم کان اڳ واري 16 رڪني فل ڪورٽ جوڙي وڃي جسٽس جمال مندوخيل چيو ته جيڪڏهن بينچ ڪيس ٻڌي نٿي سگهي ته آرڊر ڪيئن ٿي ڏئي سگهي؟ جسٽس عائشا ملڪ ريمارڪس ڏنا ته آرٽيڪل 191 اي ۾ ڪا پابندي ناهي هي پروسيجرل آرٽيڪلز آهن اهي آرٽيڪل بينچن تي به پابندي لڳائيندا آهن پر سپريم ڪورٽ تي نه اسان انهن آرٽيڪلز کي آئين پڙهي رهيا آهيون جن مڪمل طور پابندي لڳائيندا آهن

بقايا 37 — جائزو

وزير بلديات کي منصوبو بابت موجوده پيش رفت ۽ پهرين اسٽيئرنگ ڪاميٽي جي فيصلا تي عملدرآمد جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. سيد ناصر حسين شاهه خطاب ڪندي چيو ته سڀني لاڳاپيل ادارن جي سهڪار سان گريٽر ڪراچي ريجيونل پلان 2047 ڪراچي جي شهري، ماحولياتي ۽ اقتصادي ڍانچي ۾ انقلابي تبديليون آڻيندو. هن چيو ته منصوبابندي سڀني اسٽيڪ هولڊرز، زمين جي مالڪي رکندڙ ادارن ۽ يوٽيلٽي ايجنسين سان مشاورت سان مڪمل ڪئي وڃي. منصوبي ۾ مختصر وچولي ۽ ڊگهي مدي واري منصوبابندي شامل هئڻ گهرجي جيڪا عملي طور قابل عمل هجي. چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته ڪراچي ۾ ڪيترائي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪو به ادارو اڪيلو ڪم نٿو ڪري سگهي. هن زور ڏنو ته آخري رپورٽ مڪمل سڌائي سان تيار ڪئي وڃي، جنهن ۾ KDA، MDA، LDA، ڪنٽونمينٽ بورڊن ۽ DHA جا ان پٽ شامل هجن. هن چيو ته ٽريفڪ جي رش ۽ پيڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ فوري ايڪشن پلان جي ضرورت آهي جنهن لاءِ 2027ع جي حتمي رپورٽ جو انتظار نٿو ڪري سگهجي.

بقايا 38 — دعوت

واري وزير محمد اورنگزيب سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ناڻي واري وزير پاڪستان جي معاشي استحڪام ۽ اصلاحاتي پاليسي تي روشني وڌي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جي معيشت هاڻ مضبوط بنيادن تي استحڪام طرف آهي، ملڪي ناڻي جي مٽاسٽا جا ذخيرا اڍائي مهينن جي درآمدات جي برابر ٿي چڪا آهن مالي سال جي اختتام تائين اهي 3 مهينن تائين پهچڻ جي اميد آهي اهڙي طرح ناڻي جي مٽاسٽا جي شرح 5 کان 7 سيڪڙو جي وچ ۾ اڳڀرائي آهي جڏهن ته پاليسي ريٽ ۾ گهٽتائي سان ڪاروباري لاڳت ۾ نمايان گهٽتائي جو امڪان آهي هن چيو ته ٽنهي عالمي ريٽنگ ايجنسين فچ ايس اينڊ پي ۽ موڊيز پاڪستان جو ريٽنگ آئوٽ لڪ بهتر ڪيو آهي آءِ ايم ايف جي تازي اسٽاف ليول ايگريمينٽ به پاڪستان جي پاليسين تي ڀروسي جي نشاني آهي

بقايا 39 — طلب

ڪوڙ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻن شاهه محمود قريشي، ڊاڪٽر ياسمين راشد ۽ ميان محمود الرشيد سميت ٻين جوابدارن خلاف 9 مئي جي ٽن ڪيسن جي جيل ٽرائل ۾ وڪيلن کي گواهن جي بيانن تي جرح لاءِ طلب ڪندي ٻڌڻي 29 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 40 — ڪهرام

عورت فهيما زال مشاهد سهاڳ موٽرسائيڪل تان ڪري سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي ڳنڀير حالت سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو پر هو اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي فوت ٿي وئي واقعي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي

بقايا 41 — گرفتار

ايس ايس پي ايسٽ فرخ رضا جي اڳواڻي ۾ هڪ پوليس پارٽي اڱاري جي رات دير سان سهراب ڳوٺ اےصف اسڪوائر ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ سرچ آپريشن ڪيو جنهن ۾ اعليٰ پوليس آفيسرن سميت هڪ وڏي نفري شرڪت ڪئي جڏهن ته عورت پوليس اهلڪار ۽ انٽيليجنس آفيسر پڻ آپريشن ۾ موجود هئا ڊي ايس پي اورنگزيب خٽڪ موجب، آپريشن غير قانوني طور تي رهائش پذير افغاني شهرين خلاف ڪيو پيو وڃي. ان دوران ڪيترن ئي غير قانوني طور تي رهائش پذير افغاني شهرين کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. جن خلاف اعليٰ آفيسرن جي هدايتن موجب قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 42 — قتل

ڪٿين ياثر رجب چانڊيو اتان پيجي جان بچائي مارجي ويلن کي گوليون هڻڻ بعد ڪوڏر جا وار پڻ ڪيا ويا واقعي بعد علائقي ۾ خوف و هراس پکڙجي ويو ۽ ياڃ پنجي رئي اهي ڪئي ياثر ڳوٺ سجڻ چانڊيو ڏمبرلو جا رهواسي ۽ ٿرنبي سر ٿر ڪول پراجيڪٽ تي مزدوري ڪندا هئا مزدوري تي وڃڻ کان اڳ هوٽل تي چانهه پيئڻ لاءِ ويا ته موت جو ڪاچ بڻجي ويا واقعي جي اطلاع تي سندن وارث ۽ نبي سر پوليس واقعي واري هنڌ پهتي پر ايمبولينس نه ملڻ سبب مزدا ۾ ڪٿائي تعلقه اسپتال ڪنري آندو

بقايا 43 — زخمي

ڪکر سبب ملاح برادري جام جٽا زخمي زخمين ۾ سڪندر ملاح ۽ سندس معصوم پٽ ڏهه سالا آصف ملاح زخمي زخمين کي وارثن پنهنجي مدد پاڻ تحت سول اسپتال پنگريو ڪٺي آيا جتان شديد زخمي معصوم آصف ملاح کي حيدرآباد جڏهن ته سندس والد کي ملم پٽي بعد انڊس اسپتال بدين ريفر ڪري ڇڏيو آهي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، اقليتي امور، سنڌ
شهباز بلڊنگ، بلاڪ-اي، گرائونڊ فلور، حيدرآباد
ڪيمپ آفيس بيرڪ نمبر.17، بلاڪ-04 سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي

نمبر: XEN/MA/M&R/Sindh/1038 — تاريخ 21-10-2025 — فون نمبر: 022-9200677، 021-99239669

ٽينڊر نوٽيس

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 تحت تازين ترميمن سميت هيٺين ڪمن جي خريداري لاءِ سيني دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کان سنگل اسٽيج ٽو اينولپ طريقيڪار جي ذريعي سمورن دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کان مهربند واڪ طلب ڪري ٿو، جيڪو هيٺ ڄاڻايل اهليتي معيار، شرط ۽ ضابطن تي پورو لهندڙ هجن.

1-لازمي قابليت جو معيار:

i. لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ هڪ (PEC) رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۽ خاص ڪوڊ، جيڪڏهن لاڳو ٿين ٿا، ته سال 2026 ۽ ان کانپوءِ لاءِ ڪارگر هجن. فرم کي گهٽ ۾ گهٽ 02 کان 05 سالن جو تجربو هجڻ لازمي آهي.

ii. ساڳئي قسم جي ڪم جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم آرڊر جنهن جي قيمت ڪم جي ڪٿيل قيمت جو گهٽ ۾ گهٽ 80% هجي يا ٻه ڪم جيڪي ڪٿيل قيمت جو 50% هجن. گذريل 3 سالن اندر مڪمل ڪيا ويا هجن ۽ لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو ايجنسي جي سربراهه کان ڪامياب مڪمل ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ گڏ هجي. ان کان علاوه، انهن ڪمن جو SPPRA ID جيڪو واڪ جي تشخيص جي رپورٽ ڏيکاري ٿو ۽ هر ڪم جون چار رنگين تصويرون پڻ شامل ڪيون وڃن. انهن دستاويزن جي تصديق لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو ايجنسي جي سربراهه طرفان پڻ ڪئي ويندي.

iii. گهٽ ۾ گهٽ 01 ڪم زير تڪميل جيڪو انهيءَ تفصيل ۽ نوعيت جو هجي ۽ جنهن جي لاڳت مساوي هجي، جنهن سانگڏ مصدقه تفصيلي ورڪنگ ڪٿيل ۽ ايس پي پي آر اي آئي ڊي ۾ واڪ جي تشخيص جي رپورٽ ظاهر هجي، منسلڪ ڪئي وڃي.

iv. ڪم/اسڪيم جي بروقت مڪمل ٿيڻ تي ايگزيڪيوٽو اٿارٽي پاران توهان جي فرم جي حق ۾ جاري ڪيل بهترين ڪارڪردگي لاءِ تعريف جو سرٽيفڪيٽ. (اسڪيم جو نالو واضح طور تي ذڪر ڪيو وڃي).

v. گذريل ٻن سالن دوران ساليانو مالي ٽرن اوور ڪم جي برابر قيمت کان گهٽ نه هجڻ گهرجي.

vi. بينڪ پاران جاري ڪيل هڪ ڪريڊٽ ليٽر جنهن ۾ ڪم جي اندازي مطابق قيمت جو 30% ڪريڊٽ ورٿنيس کي ظاهر ڪري، جنهن سان گڏ 2025-09-30 تي ختم ٿيندڙ گذريل 12 مهينن جو بينڪ اسٽيٽمينٽ به شامل هجي.

vii. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ)/ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) ۾ فعال حيثيت سان گڏ رجسٽريشن.

viii. تازو حلف نامو جنهن ۾ هي بيان ڪيو ويو آهي ته سمورا فراهم ڪيل دستاويزات/ مشينري جي معلومات صحيح ۽ درست هجي، بوگس/ ٽيمپرڊ يا غلط معلومات/ سرٽيفڪيٽس فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ ڪمپني/ فرم ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ٿيڻ جي ذميوار هوندي.

ix. مالڪ جي تفصيل قومي شناختي ڪارڊ (CNIC) سان گڏ 100 رپين جي تازي جوڊيشل اسٽامپ پيپر تي ۽ نمائندي جي مالڪ طرفان جوڊيشل اسٽامپ پيپر تي اختيار نامو (Authority) ڏنو ويو هو

x. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هر صفحي تي نمبر هجڻ گهرجي ۽ ان تي فرم جي مالڪ جي صحيح ۽ مهر هجڻ گهرجي.

xi. مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي تشخيص لاءِ معيار ۽ ذيلي معيار ها/نه يا پاس/فيل تي ٻڌل هوندا. جيڪڏهن ڪو واڪ ڏيندڙ ڪنهن به ذيلي معيار ۾ ها يا پاس ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته ان کي نااهل سمجهيو ويندو.

xii. سيني درخواست ڪيل ڪم لاءِ هڪ الڳ ٺيڪيدار پروفائل گهربل آهي.

xiii. بجلي جي ڪم لاءِ بجلي جو لائسنس (لاڳاپيل علائقي لاءِ).

xiv. ICAP سان رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل 01 سال جي ساليانو آڊٽ رپورٽ. ICAP رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان سواءِ ٻين پاران جاري ڪيل آڊٽ رپورٽون قبول نه ڪيون وينديون.

xv. ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ واڪ ڏيندڙن جا ڪال ڊپازٽ پي آرڊر جيڪي وڌيڪ شرح جي ڪري رد ڪيا ويا آهن، ڪم آرڊر جاري ٿيڻ ڪانپوءِ ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي واپس ڪيا ويندا.

xvi. جيڪڏهن خريداري ڪميٽي جو چيئرمين ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر آهي يا جيڪڏهن حڪومت طرفان ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي، ته پوءِ هن شيڊيول مطابق ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي واڪ جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا.

xvii. فنانشل واڪن ۾ واڪ ڏيندڙن جي طرفان ادا ڪيل پريميئم جي شرح واڪن ۾ انگن ۽ لفظن ٻنهي ۾ ذڪر ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ مالي واڪ ايس پي پي ضابطن جي مطابق رد ڪئي ويندي. ان کان علاوه، ٽينڊر جي دعوت نامي ۾ مذڪوره سوڙي رقم جي فوٽو ڪاپي مالياتي پروپوزل سان لازمي شامل هجي.

xviii. ٽيڪنيڪل پروپوزل تي ٻڌل لفافو جنهن تي درخواست ڏنل ڪمن جا سيريل نمبرز داخل ٿيل هجن جنهن ۾ گهربل دستاويزن اصل شامل هجن.انهيءَ ڏينهن تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ واڪ ڏيندڙ يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا، واڪ ڏيندڙ جي مالي تجويزون واڪ ڏيندڙن جي کولڻ جي تاريخ ٽيڪنيڪل تجويز جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ٻڌائي ويندي. هر واڪ سان گڏ ٽيڪنيڪل تجويز سان گڏ ايگزيڪيوٽو انجنيئر، اقليتي معاملن، سنڌ جي حق ۾، ٽيڪنيڪل تجويز سان گڏ، ٽيڪنيڪل تجويز ۾ اڳ ۾ ئي ذڪر ڪيل رقم جي بيان جي صورت ۾ هڪ ڪال ڊپازٽ پي آرڊر (اصل) شامل هوندو.

2- هيٺ ڏنل حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:

1. واڪ ۾ گهربل ضمانت شامل ناهي.
2. مخصوص تاريخ ۽ وقت کان پوءِ مليل واڪ.
3. نامڪمل واڪ، اوور رائٽنگ يا مشروط واڪ.
4. بليڪ لسٽ ڪيل ڪمپنين پاران جمع ڪرايل واڪ.
5. مُهر ۽ صحيح کانسواءِ واڪ.
6. خواهشمند واڪ ڏيندڙ يا مجاز نمائندي جي غير موجودگي ۾.

3-تخميني قيمت جي رقم ٽينڊر دستاويزن سان گڏ ڪٿيل لاڳت جو 5% سوڙي رقم ڪنهن به شيڊيول بينڪ مان پي آرڊر يا ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ هيٺ صحيح ڪندڙ جي نالي تي گروي رکڻ گهرجي.

4- ٽينڊر دستاويز اشاعت جي تاريخ کان رجسٽرار جي آفيس، بيرڪ نمبر 17، بلاڪ 4-اي، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي مان حاصل ڪري سگهجن ٿا. فهرست ۾ ذڪر ڪيل ٽينڊر جي قيمت جي آڌو هڪ پي آرڊر جمع ڪرائي (جيڪو ناقابل واپسي هوندو). ٽينڊر دستاويز هيٺ ڏنل شيڊيول مطابق ويب سائيٽ تان پڻ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا: https://ppms.pprasindh.gov.pk

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون پيرو	ٻيون پيرو (موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ٽينڊر)
01	اخبارن ۾ NIT جي اشاعت کانپوءِ درخواستون جمع ڪرائڻ ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ شام 5:00 وڳي تائين.	17-11-2025	02-12-2025
02	ٽينڊر جي واپسي جو وقت صبح جو 9:30 وڳي تائين آهي ۽ انهيءَ ڏينهن صبح 10:00 وڳي کوليو ويندو.	18-11-2025	03-12-2025

جن ڪامياب ٺيڪيدارن جا ٽينڊر منظور ڪيا ويندا انهن کي سڪسٿ فنانس ايڪٽ 1996 ترميم ٿيل رول 2015 ۾ مقرر ڪيل شيڊيول جي مطابق اسٽامپ فيس جي ادائگي اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ آف اسٽامپس حڪومت سنڌ ڪراچي وٽان چسپان ڪرڻ وارا اسٽامپس (Adhesive Stamp) حاصل ڪرڻا پوندا ۽ معاهدي تي صحيح ڪرڻي پوندي

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين ۾)	پي آرڊر/ ڪال ڊپازٽ (5%)	ٽينڊر فيس	تڪميل جو مدو
01	مهاراج منارا آشرم پيرومل سيٺو پير رائي تعلقو ۽ ضلعو سانگهڙ جا جا مختلف ڪم (سول ورڪ)	4.0000	2000000	3000	24 مهينا
02	مهاراج منارا آشرم پيرومل سيٺو پير رائي تعلقو ۽ ضلعو سانگهڙ جا جا مختلف ڪم (اليڪٽرڪ ورڪ)	10.000	500000	3000	24 مهينا

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
اقليتي امور، سنڌ

I WORK FOR SINDH — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT — www.iwork4sindh.com

INF-KRY.NO.3469/2025

سليمان ٻلائي ذوالفقار مگسي جبار مگسي اسلم ٽالاڻي يعقوب چانڊيو صحافي حاجي خان سيال ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته هي شهر ڄامشورو علم جي روشنين جو شهر آهي جتي سڄي ملڪ توڙي صوبن جا نوجوان تعليم پرائين ٿا اتي امن جو نالو نشان ناهي شهري ننڊڪا ٻڌيل آهن

بقايا	34	فوت

شخص کي طبي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا	35	افتتاح ڪيو ويو

ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد صالح چنه ۽ ايم ايس اختيار ميراڻي چيو ته

ويا. جيڪڏهن پوليس سيدياري نڪلواڻي ڏاڙن جي وڏيڪ جيو فينسنگ ڪري ها ته اغوا ڪندڙن جو سچو ٽولي پڪڙيو وڃي ها ۽ منهنجو پٽ وقت تي بازياب ٿي وڃي ها، پوليس اهو نه ڪيو

بقايا	28	حملي زخمي

فائرنگ ۽ هٿاپائي ڪئي ۽ گاڏي جا شيشا به ٽوڙي ڇڏيا آهن. هن چيو موٽر وي انسپيڪٽر اڪرم ڪلوڙ خلاف ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي پاسي ميرپور ماٿيلو پوليس پاران اڪرم ڪلوڙ ۽ ٻين مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا	29	6 ڄڻا زخمي

طور شرڪت ڪئي

بقايا	20	انصاف جو مطالبو

اختيارين کان انصاف جي اپيل ڪئي سکر سبزي منڊي جي رهواسي غلام قادر ابڙو مائيڪرو فنانس بينڪ پاران مقرر تاريخ کان اڳ سون جي مبينا نيلامي خلاف احتجاج ڪيو آهي ۽ اعليٰ اختيارين کان فوري انصاف جي اپيل ڪئي آهي

بقايا	21	ملهائي ويئي

آجيان ڪئي ۽ چيو ته هندو ڌرم جو وڏي ۾ وڏو تهوار ديوالي آهي ۽ بنيادي طور امن جو ڏينهن آهي ان ۾ سڀني جي شرڪت اسان لاءِ باعث مسرت آهي

جنهن ۾ تعليمي ماحول کي بهتر بڻائڻ ۽ حقن جي تحفظ لاءِ آواز بلند ڪيو ويو وڃي وڏيڪ چيو ويو ته ايسوسيئيشن سرڪار کان مطالبو ڪري ٿي ته يونيورسٽي لاءِ ڪل وقتي وائيس چانسلر جو جلد کان جلد تقرر ڪيو وڃي ۽ تعليمي ادارن جي خودمختياري ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ قانوني اصلاحات تي به غور ڪيو وڃي هن تصريح ۾ استادن جي ٽريننگ، ريسرچ جي سهائتا ۽ يونيورسٽي کي جديد تعليمي دور جي تقاضائن مطابق بهتر بڻائڻ لاءِ حڪومتي مالي ۽ انتظامي امداد تي خاص زور ڏنو ويو آخر ۾ ايسوسيئيشن پنهنجي استادن شاگردن ۽ تعليم دوست

...

ٻ ڪجهه شڪايتڪندڙن جي پينشن رڪيل پگهارڻ ٽيون سڪر ڪاٺون شپ ۾ مالڪاڻا حق، صفائي ستٿرائي پارڪ جي تعمير تعليمي ادارن ۽ ٻين بنيادي سهولتن بابت شڪايتن تي لاڳاپيل آفيسرن کي آن بورڊ رکي مسئلن جي فوري حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون.

بقايا	19	تقريري مقابلو

بينظيرآباد شهمير خان پٽو خاص مهمان

PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT) LIMITED

(WHOLLY OWNED SUBSIDIARY OF STATE BANK OF PAKISTAN)

Dated: October 13, 2025

Invitation for Bids

(Single Stage – One Envelope Procedure)

Pakistan Security printing Corporation (Pvt.) Limited (PSPC) invites electronic bids from eligible bidders registered with relevant tax authorities and are **active tax payers** for following items on **F.O.R.** basis.

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job / Items	Qty/ Job
LP/T-2310/25	11-11-2025 11:00 A.M.	11-11-2025 11:30 A.M.	Rs. 130,000/- Fixed	1) Supply of Process Chiller with Spares 2) Hiring Services for Installation, Commissioning, Test Run and Training of Process Chiller for Note Screen	As Per BOQ
Specification / BOQ / Detail attached with relevant tender document.					

=> Bids will be opened using EPADS in presence of the bidder(s), who desire to attend. Conditional/ incomplete bid document will not be considered. Other terms & conditions as per tender document.

=> Tender advertisement can be viewed on both the PPRA and PSPC websites (www.ppra.org.pk and www.pspc.gov.pk), whereas the complete tender document containing a detailed description of the assignment and other terms and conditions is available on EPADS at www.eprocure.gov.pk

=> Electronic bids prepared in accordance with the instruction provided in tender document must be submitted by using EPADS on or before above-mentioned date & time. Manual bids will not be accepted. The e-bids will be opened on the given date and time by using EPADS.

Deputy General Manager
Purchase Department
Pakistan Security Printing Corporation (Pvt) Ltd
Jinnah Avenue Malir Halt, Karachi - 75100
Ph: 021-99248511 (Ext - 2202-19) / www.pspc.gov.pk

PID (K) 1326/25

HESCO حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو)

”واڪن جي دعوت“

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (HESCO)، هڪ پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپني آهي هن جو بنيادي ڪم صوبي سنڌ جي 13 ضلعن ۾ بجلي (اليڪٽرڪ سٽي) جي فراهمي ورهاست ۽ وڪرو ڪرڻ آهي اين سي بي جي بنياد تي سنگل اسٽيج سنگل لفافي جي طريقيڪار جي تحت اهل واڪ ڏيندڙن (مينوفيڪچررز، مجاز ڊسٽريبيوٽرز/ سپلائرز) کان مهربند ٽينڊرز گهرائجن ٿا. اجازت نامو گهربل سلسلي ۾ صحيح طور تي اڳوات ڪواليفائيڊ/ رجسٽرڊ ۽ غير رجسٽرڊ/ نان پريڪواليفائيڊ/ مينوفيڪچررز/ سپلائرز واڪ جي دستاويز ۾ بيان ڪيل اهليت ۽ تجربي جي معيار جي تعميل، واپڊا/ پيپڪو/ اين ٽي ڊي سي تصريحات جي تصديق ڪرڻ وارن گرڊ اسٽيشنن مٽيريل جي فراهمي لاءِ مقامي ايڪسچينج جي شرح ۾ تبديلي ڪانسواءِ (تاريخ ۾ ترميم) ريجنل اسٽور حيسڪو حيدرآباد تي ايف سي ايس جي بنياد تي سمورن ٽيڪسن ۽ ڊيوٽيز سميت ۽ جنرل سيلز ٽيڪس ڪانسواءِ هن خريداري جي مالي سهڪار HESCO پنهنجي وسيلن سان ڪري ٿو تفصيل هيٺ ڏنل آهي.

Sr #	Tender No.	Lot No.	Item #	Description of Material	Unit	Required Qty	Date & Time of bid submission	Date & Time of bid opening
1	PMU-189/25-26	I	1	132KV D/C ZM-1 Type Tower	NO.	55	11.11.2025 10:30 AM	11.11.2025 11:00 AM
			2	Stubs & Cleats for ZM-I Tower	SET	55		
			3	3-M Leg Extension for ZM-I	NO.	72		
		II	1	132KV D/C ZM-30 Type Tower	NO.	17		
			2	Stubs & Cleats for ZM-30 Towet	SET	17		
		III	1	132KV D/C ZM-60 type Tower	NO.	4		
			2	Stubs & Cleats for ZM-60 Tower	SET	4		
			3	Additional Cross arm for ZM-60	NO.	4		
2	PMU-190/25-26	I	-	220KV EG type tower	NO.	32	11.11.2025 11:00 AM	11.11.2025 11:30 AM
		II	1	4-M Leg Extension for EG type tower	NO.	8		
			2	6-M Leg Extension for EG type tower	NO.	120		
			3	4-M Leg Extension for EA type tower	NO.	4		
3	PMU-191/25-26	I	-	ACSR Lynx Conductor	KM	202	12.11.2025 10:30 AM	12.11.2025 11:00 AM
		II	-	ACSR Rail Conductor	KM	162		
		III	-	AL: CONDUCTOR 600mm2	MTR	5749		
4	PMU-192/25-26	I	-	GROUNDING CONDUCTOR 95mm2	MTR	5425	12.11.2025 11:00 AM	12.11.2025 11:30 AM
		II	-	Earth Wire 9 mm	Km	52		
5	PMU-193/25-26	I	-	Disc Insulator 80 KN (fog type)	NO.	35462	12.11.2025 11:30 AM	12.11.2025 12:00Noon
		II	-	132 KV Non Ceramic Polymer Insulators (Specs as per NTDC)	NO.	1429		
6	PMU-194/25-26	I	1	Single Suspension Fitting for Cairo Cond.	SET	30	13.11.2025 10:30 AM	13.11.2025 11:00 AM
			2	Single Suspension Fitting for Lynx Cond.	SET	300		
			3	Single Suspension Fitting for Hawthorn Cond.	SET	27		
			4	Single Tension Fitting for Lynx Cond	SET	60		
			5	Single Tension Fitting for Greeley Cond	SET	12		
			6	Double Tension String assembly for 600mm Al: Conductor (HAWTHORN)	SET	48		
			7	Double Suspension String assembly for 600mm Al: Conductor (HAWTHORN)	SET	27		
			8	Mid Span Joint for Rail Conductor	NO.	10		
			9	Mid Span Joint for Cairo Cond.	NO.	30		
			10	Mid Span Joint for Lynx Conductor	NO.	30		
			11	Mid Span Joint for Greeley Conductor	NO.	20		
			12	Stock Bridge Damper for Greeley Conductor	NO.	567		
			13	CONNECTORS TYPE TM75F	NO.	6		
			14	CONNECTORS TYPE TDMHH	NO.	93		
			15	PG Clump for Lynx Cond	NO.	900		
		II	-	SF6 Gas cylinder 40 kg	NO.	10		
7	PMU-195/25-26	I	1	Steel Structure 58ft	NO.	413	13.11.2025 11:00 AM	13.11.2025 11:30 AM
			2	Steel Structure 45ft	NO.	150		
		II	1	Steel Cross Arm 24ft (With Through Bolt 12")	NO.	60		
			2	Steel Cross Arm 34ft (With through Bolt 20")	NO.	400		
8	PMU-196/25-26	I	1	Power Cable 500MCM	MTR	12076	13.11.2025 11:30 AM	13.11.2025 12:00 Noon
		II	1	In Door T.Kits 500MCM	NO.	333		
			2	Out Door T.Kits 500MCM	NO.	321		
			3	In Door T.Kits 1000MCM	NO.	80		
			4	Out DoorT.Kits1000MCM	NO.	80		

1. قاعدن ۽ ضابطن جي مطابق E-واڪ جي دستاويزن ان ۾ تفصيلي شرطن ۽ ضابطن، وضاحتون ۽ گهرجون وغيره شامل آهن EPADS تي رجسٽر واڪ ڏيندڙن لاءِ (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهن.
2. اليڪٽرانڪ واڪ مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS جو استعمال ڪندي جمع ڪرايا وڃن. هٿوهٿ موڪليل واڪ قبول نه ڪيا ويندا. اليڪٽرانڪ واڪ انهيءَ ڏينهن کوليا ويندا.
3. سمورن E-واڪن سان گڏ واڪ جي واڪ سيڪيورٽي رقم سان گڏ هجڻ ضروري آهي جيڪا واڪ دستاويز ۾ چيف انجنيئر PMU(DEV)، حيسڪو حيدرآباد جي حق ۾ بينڪ گارنٽي/ CDR/ بينڪر چيڪ جي شڪل ۾ ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان مان واڪ جي درستگي ڪانپوءِ 28 ڏينهن لاءِ درست هجڻ ضروري آهي. E-واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت تي يا ان کان اڳ اصل واڪ سيڪيورٽي کي پروڪيورنگ ايجنسي وٽ جمع ڪرائڻ گهرجي. اهڙو نه ڪرڻ جي صورت ۾ E-واڪ کي رد ڪيو ويندو
4. واڪ ڏيندڙن کي لازمي ۽ حتمي قيمتن جو حوالو ڏيڻ گهرجي ۽ واڪ کولڻ ڪانپوءِ لاڳت ۾ اضافي جي ڪابه درخواست قبول نه ڪئي ويندي.
5. HESCO ٽينڊرز کي رد ڪرڻ جي حوالي سان پنهنجن سمورن حق کي محفوظ رکي ٿو جيئن ته PPRA رولز 2004 جي فقري (1) 33 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.
6. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ: www.ppra.org.pk ۽ حيسڪو جي ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk تي به دستياب آهي.

نوٽ:

i. PPRA رولز 2004 جي رول 48 تحت GRC جو نوٽيفڪيشن EPADS تي www.eprocure.gov.pk تي فراهم ڪيو ويو آهي.
ii. مستقبل ۾ حيسڪو ۾ سمورا ٽينڊرز اِي پيڊز جي ذريعي جاري ڪيا ويندا ان لاءِ امڪاني واڪ ڏيندڙن/ سپلائر/ مينوفيڪچررز کان درخواست ڪئي وڃي ٿي ته هو EPADS (www.eprocure.gov.pk) تي رجسٽريشن ڪرائين

فون:022-9260070 اي ميل: cedevhesco@gmail.com

ڊائريڪٽر جنرل (پروڪيورمينٽ)
پروجيڪٽ مئنيجمينٽ يونٽ
بنگلو نمبر A-1 حيسڪو ڪالوني
حسين آباد حيدرآباد

PID(H) 150/2025

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 444 سال 2025

مسمات ارشاد خاتون ڌيءُ عبدالجبار رهندڙ اڪرو-02 بي.او چام صاحب تعلقو دوڙ ...پلينٽف...خلاف غلام قادر پٽ اعتبار شر مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ ٻڍل شر بي.او ورڪشاپ سانگهڙ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-I ڪوٽڙي
(روبرو جناب عمران)
ايف سي سوٽ نمبر 150 سال 2025

مسمات غلام زهره ڌيءُ علي گوهر لاشاري زال اعجاز رحمت الله لاشاري رهندڙ پاڙو ايم سي بي واپڊا ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو...پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) ڊسٽرڪٽ مئنيجر/ انچارج نادرا ڄامشورو ايٽ ڪوٽڙي. (3) غلام مرتضيٰ پٽ محمد صالح رهندڙ خورشيد ڪالوني ڪوٽڙي سيل نمبر: 0311-4208270 (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سينئر سول ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر493 سال 2025

مسمات مهوش سلطانه ڌيءُ محمد علي پرهڙي رهندڙ اماميه ڪالوني نوابشاهه تعلقو نوابشاه ...پلينٽف...خلاف: امتياز حسين پٽ علي حسن ناريجو مسلم بالغ رهندڙ پلاٽ نمبر 04 محلا 19، Connesale اسٽريٽ فيز-II ڊي ايچ اي ڪراچي سيل نمبر: 03012332486 ۽ 0300-2907075....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ...

عام اطلاع

هر عام و خاص ماڻهن کي اطلاع ٿو ڪجي ته عرضدار نالي عيب ولد عارب جاڪرو درخواست ڪئي آهي ته سنڌس والد نالي عارب ولد الهڏنو جاڪرو جيڪو تاريخ 09-12-2022 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جي تعلقي ٺٽو ۾ سروي زمين سروي نمبر 603/5-1 حصو 1/2 79-0 پئسا ايراضي جملي موجب 4-00 ديهه تاريجا تپو ڪڪر هالا تعلقو ٺٽو ضلعو ٺٽو ۾ VII فارم جي داخلا نمبر 31 ۽ 32 مطابق سنڌس نالي تي آهي جنهن جي فوتي ڪاتي بابت مختيارڪار آفيس ٺٽو ۾ ٻهتل آهي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺيان حقيقي وارث ڇڏيا آهن: (1) عيسب ولد عارب جاڪرو (2) محمد ياسين ولد عارب جاڪرو (3) سليم ولد عارب جاڪرو (4) آچار ولد عارب جاڪرو (5) امام ڏنو ولد عارب جاڪرو (6) ظفر ولد عارب جاڪرو (7) ذوالفقار ولد عارب جاڪرو (8) گلزار ڌيءُ عارب جاڪرو (9) گلشن ڌيءُ عارب جاڪرو (10) زينت زال عارب جاڪرو. مٿين وارثن کان علاوه ٻيو ڪو به وارث هجي ته هن اشتهار جاري ٿيڻ ڪانپوءِ 07 ڏينهن جي اندر اسان جي آفيس مختيارڪار آفيس ٺٽو ۾ اهڙو پنهنجي قانوني ثبوتن سميت اعتراض پيش ڪري، اعتراض پيش نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڄاڻايل وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو ٺٽو ضلعو ٺٽو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي ممتاز علي ولد محمد رمضان رهندڙ ڳوٺ حاجي احمد ڏيٿو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي محمد رمضان ولد ڏني بخش تاريخ 23-01-2013 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 39/1to4 ،387/1to4 ايراضي حصي موجب ديهه ڇڇا ڏيٿا تپو ٽنڊو حيدرآباد تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) محمد حيات (پٽ) (2) ممتاز علي (پٽ) (3) جمشير علي (پٽ) (4) مسمات حميرا (ڌيءُ) (5) مسمات سميرا (ڌيءُ) (6) پناڻي (ڌيءُ)، (7) مسمات هير (ڌيءُ) (8) مسمات بي بي (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي اسد علي ولد محمد يوسف ڪوسو رهندڙ ڳوٺ جهنڊو ڪوسو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي محمد عالم ولد احمد ڪوسو فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ...

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ڇا ڪڇي جا ماڻهو هاڻ سُک جو ساهه کڻي سگهندا؟ صفحو 4
ڊاڪٽر رميش ڪمار — ڏياري، هڪ عالمي تهوار..! صفحو 4
اڄ تہ فيچر لکڻ سکون! — بشير ميمڻ صفحو 4
مختيار آنڙ — اڄوڪو ڏينهن .... 23 آڪٽوبر صفحو 4

مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ٻن ڏينهن واري ميلي ميوٽ گالا جو افتتاح

ڄامشورو جي تعليمي ادارن ۾ ميوٽ گالا شاگردن پاران ڪرايل وڏي ۾ وڏو ميلو آهي: ڊاڪٽر طحه حسين علي

مهراڻ يونيورسٽي جا شاگرد ڪافي ذميوار ۽ سمجهدار آهن انهن مثبت روايتون وجهڻ جا مثال قائم ڪيا آهن

ڄامشورو جي ماحول ۾ هي ميلو شاگردن جي جشن لاءِ بهترين موقعو آهي: پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري جو خطاب

ڄامشورو(پ ر)مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران انٽري ٽيسٽ گرائونڊ مهراڻ يونيورسٽي ۾ منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري ميلي ميوٽ گالا جو افتتاح مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ربن ڪٽي ڪيو. ميوٽ گالا جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو تہ ڄامشورو جي تعليمي ادارن ۾ ميوٽ گالا شاگردن پاران ڪرايل وڏي ۾ وڏو ميلو آهي ٽن سالن بعد ميوٽ گالا ٿي رهيو آهي آخري ڀيرو ميوٽ گالا 2022 ۾ ٿيو هو پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو تہ مهراڻ يونيورسٽي جا شاگرد ذميوار ۽ سمجهدار آهن انهن مثبت روايتون وجهڻ جا مثال قائم ڪيا آهن وائيس چانسلر چيو تہ مهراڻ يونيورسٽي جي سگهہ ۽ ساک ان جا شاگرد آهن تقريب کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري چيو تہ ڄامشورو جي ماحول ۾ هي ميلو شاگردن جي جشن لاءِ بهترين موقعو آهي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اهڙن موقعن کي نظم ۽ ضبط سان ملهائڻ گهرجي هي ميلا خوشين جو سبب بڻجن ٿا. مهراڻ يونيورسٽي نہ صرف مهراڻ جي شاگردن پر ڄامشورو جي تمام تعليمي ادارن لاءِ هي بهترين ميلو منعقد ڪيو آهي ميوٽ گالا ۾ نادرا، موٽروي پوليس، ريسڪيو لائسنس برانچ بلڊ بئنڪ سميت کاڌي پيتي جي شين راندين فن ڪتابن ثقافتي ڪپڙن رلين اجرڪن ۽ ٻين شين جا اسٽال لڳايا ويا آهن جڏهن تہ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران تيار ڪيل تحقيقي ماڊلس جي پڻ نمائش ڪئي وئي آهي ميوٽ گالا ۾ ٻنهي ڏينهن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي رش نظر آئي افتتاحي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي پبلڪ اسڪول جي شاگردياڻين پاران نغما پيش ڪيا ويا، مهراڻ يونيورسٽي جي ڊينز پروفيسر ڊاڪٽر رضوان احمد ميمڻ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار لاڪ، پروفيسر ڊاڪٽر اشفاق هاشمي رجسٽرار مهراڻ يونيورسٽي لڇمڻ داس سوٿهڙ ۽ استادن شرڪت ڪئي.

ڄامشورو: وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي ۽ وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ربن ڪٽي ميوٽ گالا جو افتتاح ڪندي

خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز ۾ داخلائن جي تاريخ ۾ واڌ

خيرپور (ع ر) خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز (KCAMS)، جيڪا سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي هڪ الحاق يافتہ ڪاليج آهي، اعلان ڪيو آهي تہ بي ايس سطح جي داخلا فارم ڀرڻ جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي جيڪو هاڻي اڪاڊمڪ سيشن 2025—26 لاءِ لاڳو ٿيندو ڊائريڪٽر ايڊميشن سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، نئين آخري تاريخ اڄهوں 5 نومبر 2025 مقرر ڪئي وئي آهي اميدوارن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ هو پنهنجو آن لائين داخلا فارم يونيورسٽي جي سرڪاري پورٽل http://applyonline.sau.edu.pk تي ڀرين ان سان گڏ، پري-ايڊميشن انٽري ٽيسٽ سڀني اميدوارن لاءِ يعني SAU ٽنڊوڄام KCAMS خيرپور ميرس ۽ SAU ڪيمپس عمرڪوٽ لاءِ ايتوار 23 نومبر 2025 تي منعقد ڪئي ويندي اهو فيصلو شاگردن جي درخواستن کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويو آهي جيئن ڪين فارم ڀرڻ لاءِ وڌيڪ وقت ملي سگهي پرنسپل خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز هن فيصلي کي ساراهيندي چيو تہ اها سهولت سڄي سنڌ ۽ ملڪ جي شاگردن لاءِ هڪ بهتر موقعو آهي جن کي گهرجي تہ نئين تاريخ کان اڳ پنهنجي داخلا فارم مڪمل ڪن وڌيڪ معلومات لاءِ شاگرد سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي جي ويب سائيٽ (www.sau.edu.pk) تي يا خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جي داخلا ڪائونٽر سان آفيس جي وقت دوران رابطو ڪري سگهن ٿا.

گهوٽڪي ۾ حوا فائونڊيشن ۽ آئي آر سي جي معاونت سان اجلاس

حوا فائونڊيشن ۽ آئي آر سي پاران غذائي منصوبن تي تفصيلي پريزنٽيشن

پروگرام دوران گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ايندڙ وقت لاءِ گڏيل رٿابندي ڪرڻ تي زور ڏنو ويو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ۾ حوا فائونڊيشن ۽ آئي آر سي جي معاونت سان "غذائي چيمپيئنز ۽ سرڪاري اسٽيڪ هولڊرن سان رابطن نيٽورڪنگ ۽ هم آهنگي" جي عنوان سان هڪ اهم اجلاس رائل بئنڪٽ هال ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ مختلف سرڪاري ادارن سماجي تنظيمن ۽ ڪميونٽي نمائندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. پروجيڪٽ مئنيجر مير مرتضيٰ سيلرو محمد اعظم رحيم ملڪ اياز احمد لاکو ميڊم سدرا مغل ميڊيم ڪرڻ ميڊم شاهين مهر ماجد کلوڙ پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مهمانن کي ڀليڪار ڪيو. اجلاس جو مقصد غذائي چيمپيئنز ۽ لاڳاپيل سرڪاري کاتن جي وچ ۾ رابطن کي مضبوط ڪرڻ غذائيت بابت گڏيل حڪمت عملي ناهڻ ۽ ڪميونٽي جي صحت بهتر ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششن کي تيز ڪرڻ هو پروگرام دوران حوا فائونڊيشن ۽ آئي آر سي پاران غذائي منصوبن تي تفصيلي پريزنٽيشن ڏني وئي جڏهن تہ غذائي چيمپيئنز ميدان مان پنهنجا تجربا، مسئلا ۽ ڪاميابيون ونڊيائون ان موقعي تي صحت، تعليم، پي پي ايڇ آءِ، سوشل ويلفيئر سرس پاپوليشن ويلفيئر هينڊز جي نمائندن ظهور احمد چاچڙ ڊاڪٽر مدن لال ڊاڪٽر نعمت الله رڪ، عبدالجبار وسير، عمران چاچڙ طفيل احمد، ڊاڪٽر رياض احمد رڪ، صدام حسين مظهر سيال مداح حسين سڪندر علي انصاري، پڻ موجود هئا جن گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ايندڙ وقت لاءِ گڏيل رٿابندي ڪرڻ تي زور ڏنو اجلاس دوران هڪ انٽريڪٽو سيشن پڻ ٿيو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن غذائيت سان لاڳاپيل چئلينجن موقعن ۽ تجويزن تي ڪليل بحث ڪيو آخر ۾ حوا فائونڊيشن ۽ آئي آر سي جي نمائندن شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا ۽ ادارن وچ ۾ هم آهنگي کي برقرار رکڻ جي واعدي کي ساراهيو اجلاس جي نتيجي ۾ اسٽيڪ هولڊرن وچ ۾ رابطن جو نئون سلسلو شروع ٿيو ۽ گڏيل ايڪشن پوائنٽس تي بہ اتفاق ڪيو ويو جن ذريعي غذائيت جي بهتري لاءِ گڏيل قدم کنيا ويندا.

سپاف ضلعي مٽياري جي نائب صدر حسنين ميمڻ جو والد فوت ٿي ويو

هالا(ن ع)مٽياري ضلعي پي پي جي ذيلي تنظيم سپاف جو ضلعي نائب صدر حسنين ميمڻ انجنيئر تحسين ميمڻ جو والد معروف واپاري اڳواڻ شبير باقري ميمڻ تنظيم سليم جو پيٽرو ضلعي سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ عمير ميمڻ جو سهرو گذرڻ جي تڪليف ۾ مبتلا ٿي فوت ٿي ويو جنهن کي مٽياري اباڻي قبرستان ۾ سوين شهرين معززين جي موجودگي ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو مرحوم جي مٽياري ۾ سيد ڏنو پير درگاهہ ۾ ٽيجهي جي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ قرآن خواني بعد مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا ڪئي وئي. مرحوم جي پوٽيرن ۾ حسنين ميمڻ انجنيئر تحسين ميمڻ شبير باقري ۽ ٻين سان تعزيت ڪئي وئي، تعزيت ڪندڙن ۾ هالا، مٽياري جي معززين شهرين ۾ آبادگار بورڊ جو صدر خالد ميمڻ گدي نشين فقير ولي محمد نوح هوٿياڻي فقير ولي محمد نوحپوٽو ناصر شهزاد ميمڻ مفتي سهيل نعمان ميمڻ امام علي ميمڻ مفتي سهيل سهيل ميمڻ جميل ميمڻ ڪاشف ميمڻ راشد ساجد خنيد عثمان شهاب نصرالله ميمڻ نمائندہ عبرت عبدالرحيم ميمڻ بشير پٺاڻ نثار لغاري، اعجاز بگهيو اياز هاشماڻي خداڏنو لاکو سميت وڏي تعداد ۾ ڪيترائي معززين شامل آهن

ساناپاران ڀهريون ٽيڪنالاجي آن لائين سيمينار 25 آڪٽوبر تي ٿيندو

ورجينيا(رپورٽ:ضياء قريشي)سنڌي انجنيئرز آف نارٿ آمريڪا، جيڪا سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جي هڪ ذيلي ڪميٽي آهي جنهنجو چيئرمين اقبال ترين آهي. ان طرفان اعلان ڪيو ويو آهي تہ ڀهريون ٽيڪنالاجي تي ٻڌل آن لائين سيمينار ڇنڇر 25 آڪٽوبر تي صبح يارهين وڳي (سنڌ وقت مطابق شام آٺين وڳي) منعقد ڪيو ويندو هن پروگرام جي ميزباني پروفيشنل انجنيئرز ڪميٽي ڪندي، جنهن ۾ انجنيئرن، آءِ ٽي ماهرن مصنوعي ذهانت جي ڄاڻ رکندڙن گريجوئيٽ شاگردن ۽ ٻين ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل ماهرن کي شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي. هي ويبنار آمريڪا مان سڌو سنئون نشر ڪيو ويندو جيڪو سانا جي سوشل ميڊيا صفحن تي ڏسي سگهجي ٿو.پروگرام ۾ پروفيسر ڊاڪٽر گل آغا مگسي تقرير پيش ڪندا، جڏهن تہ ڊاڪٽر صغير شيخ سيشن جي صدارت ڪندا. سيمينار جو موضوع سمارٽ انفراسٽرڪچر ان جو اثر ۽ عملي استعمال آهي سينا جو ليڊ ڪوآرڊينيٽر مسلم ٻڌڙي هن پروگرام جي سموري تياري ۽ انتظام جو ذميوار هوندو . هن جو مقصد دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي انجنيئرن شاگردن ۽ ٽيڪنالاجي ماهرن تائين پهچڻ آهي خاص طور تي اتر آمريڪا، يورپ ۽ سنڌ ۾ جيڪو پروفيشنل لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ڄاڻ جي ورهاست وڌائڻ ۽ دنيا جي ٽيڪنالاجي ميدان ۾ سنڌي ماهرن کي اڳتي آڻڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي. سينا طرفان سنڌ ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ شاگردن ماهرن انجنيئرن ۽ آئي ٽي ماهرن کي هن ۾ شرڪت لاءِ اپيل ڪئي وئي آهي

يوسي غلام حيدر گوڏڙيا جي چيئرمين سڪندر شر پيپلز پارٽي ۾ شامل

پيپلز ليڊيز ونگ سنڌ جي صدر، ايم پي اي فريال ٽالپر وٽ اعلان ڪيو

پيپلز پارٽي ٺري ميرواهہ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندي: فريال ٽالپر

ٺري ميرواهہ(ن ع)ٺري ميرواهہ جي معزز ۽ معروف شخصيت، يوسي غلام حيدر گوڏڙيا جي چيئرمين ۽ گادي نشين درگاهہ غلام حيدر گوڏڙيہ، فقير سڪندر علي شر سائين سميت باقاعدہ طور پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو ڪراچي ۾ زرداري هائوس تي پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ سنڌ جي صدر ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جي هٿ تي سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري ۽ ايم پي اي بئريسٽر شيراز شوڪت راڄپر پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقہ فيض گنج جي صدر رئيس حسيب الرحمان راڄپر ۽ پي پي پي ضلع خيرپور جي جنرل سيڪريٽري اعجاز کهڙو جي موجودگي ۾ فقير سڪندر علي شر سائين محمد علي شر جي ڊي اي ڪي الوداع ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ سنڌ جي صدر ۽ ايم پي اي فريال ٽالپور جي هٿ تي شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي فريال ٽالپور نون شامل ٿيندڙ اڳواڻن کي ڀليڪار ڪندي چيو تہ پيپلز پارٽي عوامي خدمت ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هر ميدان ۾ سرگرم آهي هن وڌيڪ چيو تہ فقير سڪندر علي شر جهڙين معزز شخصيتن جي پارٽي ۾ شموليت سان پيپلز پارٽي ٺري ميرواهہ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندي

ٺري ميرواهہ: يوسي غلام حيدر گوڏڙيا جي چيئرمين سڪندر شر پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ بعد فريال ٽالپر کي گلدستو پيش ڪندي

ايف ايف سي سونا پبلڪ اسڪول ۽ ڪاليج ميرپور ماٿيلو ۾ وڻڪاري تقريب

وڻ لڳائڻ ئي ماحولياتي تبديلي ۽ آلودگي جي خاتمي جو پائيدار حل آهي: اڳواڻ

ماحولياتي ذميواري اسان سڀني جو گڏيل فرض آهي ايف ايف سي وڻن جي واڌ لاءِ پرعزم آهي

گهوٽڪي(ن ع) ايف ايف سي سونا پبلڪ اسڪول ۽ ڪاليج ميرپور ماٿيلو ۾ گڏيل وڻ پوکڻ جي هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جيڪا فوجي فرٽيلائزر ڪمپني ميرپور ماٿيلو ۽ سوشل فاريسٽري ڊويزن گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو (فاريسٽ اينڊ وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ،حڪومت سنڌ) جي سهڪار سان منعقد ٿي. تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي جنرل مينيجر (M&O) ايف ايف سي خرم سليم مينيجر ايف ايف سي بريگيڊيئر (ر) عرفان ظفر يونٽ مينيجر (CSR) ليفٽيننٽ ڪرنل (ر) عبد الخالق، يونٽ مينيجر (سيڪيورٽي) ليفٽيننٽ ڪرنل (ر) عامر اقبال پي آر او امان الله شر سيڪيورٽي انچارج ميجر مسعود، ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سيد عامر حسين شاهہ سميت استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن پاران اسڪول جي احاطي ۾ وڻ لڳائي ماحولياتي تبديلي، گرمي پد ۾ گهٽتائي ۽ سرسبز سنڌ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو هن موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ڪنراڻي چيو تہ وڻ لڳائڻ ئي ماحولياتي تبديلي ۽ آلودگي جي خاتمي جو پائيدار حل آهي شجرڪاري هڪ صدقو جاريہ آهي جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ فائدي مند ثابت ٿيندو. ايف ايف سي جي جنرل مينيجر خرم سليم چيو تہ "ماحولياتي ذميواري اسان سڀني جو گڏيل فرض آهي ايف ايف سي ضلع ۾ سرسبز رستن ۽ وڻن جي واڌ لاءِ پرعزم آهي." ڊويزنل فارسٽ آفيسر سوشل فارسٽري ڊويزن گهوٽڪي سيد عامر حسين شاهہ چيو تہ هي قدم ايف ايف سي جي ماحولياتي ذميواري جي تسلسل جي علامت آهي جيڪو مقامي آب هوا کي بهتر ۽ ڪاربان فوٽ پرنٽ کي متوازن بڻائي ٿو. هن ايف ايف سي ميرپور ماٿيلو جي ان مسلسل سهڪار کي ساراهيو جيڪو اسڪولن ڪاليجن ۽ ٻين ادارن ۾ گڏيل ۽ مربوط شجرڪاري جي تصور کي فروغ ڏيڻ لائق تحسين عمل آهي جيڪو ماحول دوست سماج جي تشڪيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. تقريب جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن پاران شجرڪاري مهم جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو

ٽنڊوالهيار جي تعليم کاتي ۾ انڌير نگري جو راڄ، 6 جعلي استاد ڀرتي ٿيڻ جو انڪشاف

ڊي او پرائمري، ٽي اوز، اڪائونٽس ايم او جي ملي ڀڳت سان ٽنڊوالهيار، چمبڙ ۽ جهنڊومري تعلقن ۾ ڀرتيون

اين سي ايڇ ڊي مان تعليم کاتي ۾ ضم ڪيل 43 استادن مان 6 استاد جعلي هئڻ جو انڪشاف، بائيوميٽرڪ رڪارڊ بہ گم

جعلي ڀرتي ڪيل استاد کي خارج ڪري ملوث آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي: ساڃاهہ وندن جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجه ساجد خانزادہ) ٽنڊوالهيار جي تعليم کاتي ۾ انڌير نگري جو راڄ 6 جعلي استاد ڀرتين جو انڪشاف بائيوميٽرڪ رڪارڊ بہ گس پاس اميدوار ڊريدن ڊي او پرائمري، ٽي اوز اڪائونٽس ايم او جي ملي ڀڳت سان ٽنڊوالهيار چمبڙ ۽ جهنڊومري تعلقن ۾ ڀرتيون ڪرايون ويون . سيڪريٽري بہ ڊي آر سي تصديق جي زحمت نہ ڪئي . اي جي آفيس بہ جعلي ڀرتين کي واڪو ڪري ڇڏيو ۽ ٻيا انڪشاف خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ اين سي ايڇ ڊي مان تعليم کاتي ۾ جعلي استادن واري لسٽ تي ڊي او پرائمري، اڪائونٽس ايم او، ٽي اوز، صحيحون ڪيون ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد ۽ سيڪريٽري ايجوڪيشن جي هدايتن تي سمورن ضلعن ۾ اين سي ايڇ ڊي ملازمن جو فهرستون تعليم کاتي ۾ ضم ڪرڻ لاءِ گهرايون هيون جڏهن تہ ضلعي جي 43 استادن مان ارباب علي پي ايس ٽي ٿيو . مجتبيٰ حسين جي ايس ٽي ٿيو . نظيران ايل ايڇ وي جوائن ڪئي . 2 استاد عبدالحئي ۽ لال محمد رٽائرڊ ٿيا ۽ هڪ استاد غلام ۾ اماڻيا ويا جعلي ڀرتي ٿيل استادن مان هڪ تعلقي چمبڙ 4 تعلقي جهنڊومري ۽ هڪ تعلقي ٽنڊوالهيار مان استاد ڀرتي ڪيو ويو آهي جعلي ڀرتي ٿيل 6 استادن کي ضلعي جي مختلف اسڪولن ۾ پڻ اماڻيو ويو جنان سندن بائيوميٽرڪ نہ هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ٻي پاسي تعليم کاتي لسٽ جي بغير چند ڄاڻ جي انهن 6 جعلي استادن سميت 43 ملازمن کي تعليم کاتي ۾ ضم ڪري ڇڏيو آهي اهڙي صورتحال تي هتي جي سڄاڻ ڌرين تعليم جي صوبائي وزير سيد سردار شاهہ

سڪرنڊ ۾ ڊرائيونگ جي لرننگ ۽ رنيو لائسنس بابت ڪئمپ

ڪئمپ تي سوين ماڻهن پنهنجا ڊرائيونگ لائسنس لرننگ ۽ رنيو ڪرايا

اسين هن ڪئمپ کي شهري اتحاد سڪرنڊ جو بهتر عمل سمجهون ٿا: شهري

سڪرنڊ (ن ع) شهري اتحاد سڪرنڊ جي الڳ ڳالهائيندي چيو تہ اسين هن آفيس ۾ ڊرائيونگ جي لرننگ ۽ رنيو ڪئمپ کي شهري اتحاد سڪرنڊ جو ...

سڪرنڊ: ڪئمپ تي سوين ماڻهن پنهنجا ڊرائيونگ لائسنس لرننگ ۽ رنيو ڪرايا

سڪرنڊ ۾ سنڌ پيراوينٽس (سپواهہ) جي اهم گڏجاڻي

سپواهہ جي نئين باڊي جي اليڪشن يا سليڪشن بابت غور ويچار

نوابشاهہ ضلعي ۾ شهباز پينل جي مقابلي ۾ ڪوبہ فارم داخل نہ ٿيڻ ڪري بنا مقابلي ڪامياب قرار

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ پيراوينٽس (سپواهہ) جي اهم گڏجاڻي مرڪزي صدر خادم نبي ڪوسو جي صدارت هيٺ نوابشاهہ ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سرپرست اعليٰ محمد اسماعيل لاکو منصور علي مگريو ۽ منظور ٻالادي پڻ خصوصي شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ سانگهڙ ضلعي ۽ نوابشاهہ ضلعي لاءِ سپواهہ جي نئين باڊي جي اليڪشن يا سليڪشن بابت غور ويچار ڪيو ويو جنهن ۾ گڏيل صلاح مشوري بعد نوابشاهہ ضلعي ۾ شهباز پينل جي مقابلي ۾ ڪوبہ فارم داخل نہ ٿيڻ ڪري بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو جن ۾ صدر امير الدين مگسي، س ن صدر پرويز احمد ميمڻ ن ص جاويد علي انصاري، جنرل سيڪريٽري لياقت علي پٽي، جوائنٽ س محمد بخش جماڻي خزانچي حبيب الله شاهہ پريس سيڪريٽري محبوب خاصخيلي آفيس سيڪريٽري محبوب علي ڪيريو ۽ ايڊوائيزر لاءِ زاهد پٽي شامل آهن جڏهن تہ سانگهڙ ضلعي لاءِ صدر عزيز الله لاڪن جنرل سيڪريٽري امير بخش ٻرڙي، خزانچي محمد اسلم ٻدوهي ۽ پريس سيڪريٽري لاءِ غلام ڪريم ٻگٽي کي مقرر ڪيو ويو مقرري جي اعلان بعد مرڪزي باڊيءَ پاران ڪائن حلف ورتو ويو ان موقعي تي سپواهہ جي مرڪزي صدر خادم نبي ڪوسو ڳالهائيندي چيو تہ سڀ کان پهرين تہ ڪامياب ٿيندڙ عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪيون ٿا ان اميد سان تہ هو پنهنجن عهدن سان وفا ڪندا ذاتي مفادن بجاءِ ملازمن ۽ اداري جي بهتري لاءِ ڪردار ادا ڪندا جنهن بعد ضلعي صدر نوابشاهہ امير الدين مگسي ۽ ضلعي صدر سانگهڙ عزيزالله لاڪن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو تہ اسين مرڪزي عهديدارن سميت سمورن ملازمن کي يقين ٿا ڏياريون تہ جنهن اميد سان اوهان اسان کي ڪامياب ڪيو آهي ان شاءَ الله ڀرپور ڪوشش ڪنداسين تہ اوهان جي اعتماد تي پورو لهون ملازمن جي مسئلن ۽ اداري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيون آخر ۾ نون چونڊجي آيل عهديدارن کي اجرڪون ۽ هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون

سڪرنڊ: سڪرنڊ ۾ سنڌ پيراوينٽس (سپواهہ) جي اهم گڏجاڻي ٿي رهي آهي

فريدآباد ۾ سيٺ سڪندر خاصخيلي جي گهر مان ڌاڙي وارو مامرو

پوليس پاران واقعي ۾ ملوث هڪ جوابدار عبدالوحيد گاڏيهڙو گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڌوهارين جي شهرن ڳوٺن ڏانهن ايندڙ ويندڙ اچ وڃ جا لنگهہ بند ڪيا آهن: پوليس

فريدآباد(ن ع) فريدآباد شهر مان 3 ڏينهن اڳ سيٺ سڪندر خاصخيلي جي گهر ۾ لڳل لکين روپين جي ڌاڙي بابت ڊي ايس پي ميهڙ ايس ايڇ او فريدآباد جي گڏيل پريس ڪانفرنس ڊي ايس پي ميهڙ معشوق ڪيريو ايس ايڇ او فريدآباد منور چانڊيو پاران واقعي ۾ ملوث هڪ جوابدار عبدالوحيد گاڏيهڙو کي پسٽل،ڌاڙي واقعي ۾ استعمال ٿيل موٽرسائيڪل هڪ لک روڪ رقم سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي.فريدآباد سميت سموري تعلقي جي عادي ڌوهارين انهن جي سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ پوليس ڪارروايون جاري آهن ڌوهارين جي شهرن ڳوٺن ڏانهن ايندڙ ويندڙ اچ وڃ جا لنگهہ بند ڪيا آهن تمام جلد ڊاڪٽر ديدار عباسي جي گهر لڳل ڌاڙي صحافي لطيف بروهي ۽ ٻين کان ڦرلٽ ٿيڻ واري واقعي سميت ٻين ٿيل ڏوهن جي واپسي لاءِ ڪوششون جاري آهن پوليس ٻي طرف سيٺ سڪندر خاصخيلي جي گهر لڳل ڌاڙي واقعي بابت داخل ڪيس ۽ ان ۾ چاڙهيل ٻين جوابدارن کي ظاهر نہ ڪيو ويو

فريدآباد: پوليس پاران ڌاڙي جا گرفتار ڪيل جوابدار

هالا ويجهو ٻن گهرن کي چلهہ مان مڪمل باهہ وڪوڙي ويئي

وڏي مشڪل سان عورتن ٻارڙن ۽ مردن ڀڄي پنهنجي جان بچائي

مال متاع، ڪڻڪ، قيمتي سامان سڀ ڪجهہ سڙي رک ٿي ويو

هالا(ن ع)هالا ويجهو ڳوٺ قاسر بگهيو پرسان ماڇي برادري جي ٻن ڪچن جڳهين گهرن ۾ پراسرار طور چلهہ ۾ ٻرندڙ باهہ مان اوچتو باهہ جي شعلا تيزي سان وڌي آسمان کي ڇهڻ لڳا، جنهن سبب مڪڻ ماڇي سميت ٻن ڇڻن جي گهرن ۾ مڪمل باهہ وڪوڙي ويئي وڏي مشڪل سان عورتن ٻارڙن ۽ مردن ڀڄي پنهنجي جان بچائي ان دوران غريب مسڪينن جي گهرن ۾ مال متاع، ڪڻڪ، قيمتي سامان سڀ ڪجهہ سڙي رک ٿي ويو.اطلاع باوجود يوسي ڪرم خان نظاماڻي چيرمين،سيڪريٽري يونين ڪائونسل ڪرم خان نظاماڻي متاثرين جي ڪابہ بہ مالي جاني مدد نہ ڪئي ۽ نہ ئي باهہ وسائڻ لاءِ ڪو ڀهس متاثرين ڪلئي آسمان هيٺان بي يارو مددگار ويٺل آهن متاثرين احتجاج ڪندي چيو تہ يوسي ڪرم نظاماڻي جو چيرمين سيڪريٽري ۽ ڪلارڪ آفيس مان غائب رهي بجيت ڪلئي عام ڪرپشن ڪري رهيا آهن عوامي مسئلن جي حل لاءِ هنن وٽ ٽائيم نہ آهي.هنن صوبائي وزير لوڪل گورنمينٽ،سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

هالا: جي ڀرپاسي قاسر بگهيو ڳوٺ ۾ لڳل باهہ جو منظر ۽ متاثرين احتجاج ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي ۾ فقير سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر رح جو عرس

ميلي جو افتتاح درگاهہ عاليہ جي سجادہ نشين درگاهہ عاليہ تي چادر چاڙهي ڪيو

صوفياءَ جون درگاهون جتي امن پيار ۽ محبت پائيچاري جو درس ڏنو وڃي ٿو: سجادہ نشين

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جي ڳوٺ جلال خان گهوٽڪو ۾ فقير سخي بابا نماڻو سائين صوفي قادري قلندر رح جو يارهون ساليانو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ميلي جو افتتاح درگاهہ عاليہ جي سجادہ نشين فقير سخي بابا نوراني سائين صوفي قادري قلندر ۽ فقير سائين محمد شاڪر شڪور نماڻا درگاهہ عاليہ تي چادر چاڙهي ڪيو ميلي ۾ غسل مهندي ۽ چادر چاڙهڻ جون رسمون ادا ڪيون ويون ميلي ۾ پنجاب لاهور درگاهہ راضي سائين امن پور شريف کان فقير نيڪ سيرت سائين قصور کان فقير ذوالفقار علي سائين ملتان کان ناصر عباس چيڙ ۽ استاد نور محمد پٽي پنهنجي فقراءَ سميت شرڪت ڪئي جڏهن تہ گهوٽڪي کان راڻو علي بهادر سائين جان محمد وسيم راڻو علي، راڻو مزمل راڻو مدثر سيد ذاڪر حسين شاهہ، فقير محب علي وسيم راڻو محمد ناصر سائين استاد نور محمد، مسافر سومرو شڪور نماڻا جن پنهنجي خطاب ۾ فرمايو تہ سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي صوفياءَ جون درگاهون جتي امن پيار ۽ محبت پائيچاري جو درس ڏنو وڃي ٿو ۽ مين مارڻ ۽ پاڪ سچائي جو رستو وٺڻ جي ترغيب ڏني وڃي ٿي اسان کي بزرگن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي پيغام کي عام ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سماج ۾ پيار ۽ ڀائيچارو قائم ٿي سگهي ان موقعي تي سنڌ جي نالي وارن ويراڳين درگاهہ جي فقراءَ فقير علي حسن سائين محمد ياسين سائين ۽ عمران علي ميلي جي ويراڳ جي شروعات ڪئي ان کان علاوہ مشهور فنڪار بختاور علي، لعل بخش ٽڪڙ غلام نبي لولائي، عبدالحميد ميتلو بشير احمد سمون، ڪومل راڻي جونيئر موڙ شاهہ منير گل سجل فقير ياسر علي ۽ ٻين صوفيانہ ڪلام ڳائي محفل ۾ موجود ماڻهن تي وجد طاري ڪري ڇڏيو ميلي جي منتظمين ۾ فقير بلال سائين

محرابپور پرسان بي بي پاڪتي قبرستان تي قبضي جي ڪوشش،وڻن کي باڻن باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو

بي بي پاڪتي قبرستان جي زمين تي مبينہ قبضو ڪرڻ لاءِ قبرستان تي پوکيل قيمتي وڻن کي باڻن باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو

رفيق آرائين عباس عمران سجاد ارسلان عرفان آرائين قبرستان ۾ پوکيل قيمتي وڻن کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي:فقير عبدالله گهانگهرو

محرابپور: باڻن قبرستان جا وڻ ساڙي ڇڏيا معلومي ڏيکاريندي

يوسي چيئرمين زبير صديقي جي ڌاڙائين جو نوٽيس ورتو وڃي: ناصر ابڙو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي ٽنڊو ولي محمد جي رهواسي ايڊووڪيٽ ناصر ابڙو ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪاٿي سنڌ سوڌو اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي پ پ جي ٽڪيٽ تي چونڊيل يونين ڪائونسل 21ٽنڊوولي محمد جي چيئرمين زبير صديقي جي علائقي ۾ جاري اجارا داري ۽ ڌاڙائين جو فوري نوٽيس وٺي علائقي واسين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هن چيو تہ يونين ڪائونسل ٽنڊو ولي محمد جو چيئرمين زبير صديقي پيپلز پارٽي جي ڀليرائي تي منهنجو ۽ منهنجي گهرڀاتين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي گهر تي هٿياربند ٿي ڪري حملو ڪرڻ،موتمار ڌمڪيون ڏيڻ ۽ منهنجي فليٽ مٿان منهنجي پينٽ هائوس کي زبردستي تالو هڻي قبضي جي ڪوشش ڪئي. هن چيو تہ 3مهينا اڳ جوابدارن ظفر مگريو بلال مگريو،شهزاد مگريو ڌر سان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ منهنجو ڀاءُ آصف ابڙو زخمي ٿي پيو جن خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي مارڪيٽ ٿاڻي تي ڏوهہ نمبر 211/25تحت ڪيس داخل ڪرايو جنهن ۾ جوابدارن گرفتاري کان اڳ واري ضمانت ڪرائي ورتي جنهن تان پ پ جي سيٽ تي چونڊيل يوسي 21ٽنڊوولي محمد جو باٿر چيئرمين منهنجي خلاف مجرجي پيو ۽ چيو تہ هي منهنجو علائقو آهي توهان ڪهڙي طرح منهنجي ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي مان توهان کي نہ ڇڏيندس. هن الزام هڻندي چيو تہ يوسي چيئرمين زبير صديقي علائقي ۾ منشيات فروشن ۽ جوارين سوڌو ڌوهارين جو سرپرست بڻيل آهي ۽ پارٽي جي ڀليرائي سبب پوليس بہ زبيرصديقي خلاف ڪارروائي نہ ٿي ڪري. هن چيو تہ گذريل 3مهينن کان جاري چڪتاڻ ۽ ناانصافي خلاف پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو درخواست موڪلي ۽ ميئرحيدرآباد ڪاشف شورو کي بہ آگاهہ ڪيو پر ڪير بہ زبيرصديقي خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ بلديات کاتي سنڌ جي وزير،ڊي آئي جي حيدرآباد،ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ماسري جو فوري نوٽيس ورتو وڃي

سائڪو گراسپ پروجيڪٽ تحت امداد جو چوٿون مرحلو شروع ڪري ڇڏيو

ٽن ٽون ڪاروباري ادارن کي پهرين قسط ۾ اڍائي ڪروڙ کان وڌيڪ رقم ڏني وئي

امداد جي صحيح استعمال سان ڪاروبار وڌندو ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا: سليمان جي ابڙو

حيدرآباد (پ ر) سافڪو پاران يورپي يونين جي فنڊ انٽرنيشنل ٽريڊ سينٽر، خوراڪ ۽ زراعت بابت اقوام متحدہ جي تنظيم فائو سمال اينڊ ميڊيم انٽرپرائيزز ڊولپمينٽ اٿارٽي، پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ جي شراڪت سان هلندڙ پروجيڪٽ 'گروٿ فار رورل ايڊوانسمينٽ اينڊ سسٽينيبل پروگريس' (گراسپ) تحت ميون، پلجين ۽ چوپائي مال سان لاڳاپيل ننڍن ۽ وچولن ڪاروباري ادارن ۽ فردن کي هٿي ڏيارڻ لاءِ مالي امداد ڏيڻ جو چوٿون مرحلو شروع ڪيو ويو آهي. هن نئين مرحلي ۾ وڌيڪ ٽن ٽون ڪاروباري ادارن کي مجموعي طور 5 ڪروڙ روپين جي امداد مان پهرين قسط 2 ڪروڙ 20 لک 66 هزار 500 روپين جي رقم ڏني وئي سافڪو هيڊ آفيس حيدرآباد ۾ ٿيل تقريب دوران گراسپ پراجيڪٽ تحت جن ٽون ڪاروباري ادارن کي اها رقم ڏني وئي انهن ۾ فريش اينڊ روشن کي 42 لک 35 هزار 500، ايڇ ايم فوڊ کي 93 لک 31 هزار ۽ بائيو انرجي سالئيوشن کي 85 لک روپيا شامل آهي ان موقعي تي سافڪو جي باني ۽ سربراهہ ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو اميد ظاهر ڪئي تہ امداد جي درست استعمال سان نہ رڳو هي ادارا ترقي ڪندا پر ٻين ماڻهن لاءِ بہ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا، ۽ اهڙي طرح ملڪي معيشت خاص ڪري ٻهراڙي جي معيشت ۾ بهتري ايندي. سافڪو جي ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذيشان ميمڻ تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ هن امداد ذريعي ننڍن ۽ وچولن ڪاروبارن کي هٿي ڏئي انهن جي ملي حالت بهتر بڻائڻ ۽ ڪاروباري صلاحيت وڌائڻ سان گڏوگڏ ڪاروبار ڪندڙن کي وڏن مارڪيٽن تائين رسائيءَ ۾ بہ مدد فراهم ڪئي ويندي.

حيدرآباد: سافڪو چيڪ ڊسٽريبيوشن سيريمني ۾ ورتل گروپ فوٽو

ميهڙ ميونسپل ۾ اسٽاف جي کوٽ سبب ڏکيائيون آهن: ايڊمنسٽريٽر

حد دخلين وڏڻ جي ڪري نالين جو پاڻي صحيح نموني ڪراس نٿو ٿئي: بابر مگسي

رستو نہ ملڻ جي ڪري نتيجي ۾ پاڻي بازارن گهٽين ۾ اچي ٿو شهري سهڪار ڪن

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ميونسپل ڪاميٽي جي ايڊمنسٽريٽر مير بابر مگسي چيو آهي تہ ميهڙ شهر ۾ حد دخلين وڌڻ جي ڪري نالين جو پاڻي صحيح نموني ڪراس نٿو ٿئي پاڻي کي رستو نہ ملڻ جي ڪري نتيجي ۾ پاڻي بازارن گهٽين ۾ اچي ٿو شهرين کي گذارش ٿو ڪيان تہ دڪانن جي مٿان اضافي دڪا، ڏاڪڻيون نہ ڏاهيو تہ جيئن نالين جي پاڻي کي رستو ملي اهڙن خيالن جو اظهار هن آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو تہ مان تسليم ڪيان ٿو تہ اسٽاف جي کوٽ سبب ڏکيائيون آهن ۾ شهر جا ڪراس حدخلين جي ڪري بند ٿي وڃن ٿا جنهن سبب گندگي وڌي وڃي ٿي هن چيو تہ 33 سالن کانپوءِ دادو ضلعي ۾ صرف ميهڙ شهر کي ايم پي اي فياض علي ٻٽ جي ڪوششن سان نئين گيس پائيپ لائين ملي آهي ان سان شهرين کي وڏو فائدو ملندو ماضي جون لائينون پراڻيون ٿي ويون هيون گيس پريشر ۾ نہ پيو اچي هن چيو تہ گيس انتظاميا کي چيو آهي تہ جن گهٽين ۽ رستن تي لائينون کليل آهن اتي پائيپ لڳائي ان کي بند ڪيو وڃي جيئن شهرين کي تڪليف نہ ٿئي هن وڌيڪ چيو تہ شروع ۾ واٽر سپلاءِ جا 6 ڪان 7 موٽر هيا هاڻي 10 موٽر آهن مون کي چارج سنڀاليندي تقريبن اڍائي سال ٿيا آهن ڪجهہ ڪمي پيشي آهي انڊسٽري لائين گهٽي قدر بند هجڻ سبب شهرين کي پاڻي جي تڪليف آهي شهر ۾ پاڻي جي بهتري لاءِ ڪوششون جاري آهن

ميهڙ: ميونسپل ڪاميٽي جي ايڊمنسٽريٽر مير بابر مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي

سپيڪر راڻيپور جي ملازم ملوڪ سولنگي جي والدہ لاڏاڻو ڪري وئي

ڳڙهيجي(ن ع)سپيڪو راڻيپور جي ملازم محمد ملوڪ سولنگي جي والدہ ۽ پروفيسر غالب رضا،احمل مهدي،انجنيئرمنير،عباس سولنگي جي ڏاڏي شاهہ جي مشين جي پرسان ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ وڏي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري وئي جنهن جي جنازا نماز ۾ يونين ڪائونسل سيدارجا بالا جو چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي،صحافي عبدالرحيم سولنگي،سردارزادہ رياض حسين سهتوسميت مختلف ڳوٺن جي رهواسين وڏي تعداد ۾شرڪت ڪئي جنهن کي شاهہ عبدالرشيد جي قبرستان ۾مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو تعزيت جو سلسلو جاري آهي

ايس ايس پي نوشهروفيروز سان صحافي اتحاد جي وفد جي ملاقات

گهر مان چوري ٿيل سامان بابت ايس ايس پي کي آگاهہ ڪيو ويو

صحافي مولابخش ٿيٻو جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل جي شڪايت ڪئي وئي

ايس ايڇ او هالاڻي کي چوري ٿيل سامان ۽ موٽر سائيڪل بابت هدايتون جاري

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل کوسو سان صحافي اتحاد نوشهروفيروز جي وفد سائٽس آفيس ۾ ملاقات ڪئي وفد ۾ سيد جاني شاهہ مولابخش ٿيٻو سيد سجاد شاهہ شفيق قريشي ۽ مسعود سهتو شامل هئا ملاقات دوران ايس ايس پي کي مولابخش ٿيٻو جي بہ مهينا اڳ چوري ٿيل موٽر سائيڪل شفيق قريشي ۽ مسعود سهتي جي گهر مان بہ چوري ٿيل سامان بابت ڪيس کي آگاهہ ڪيو ويو ۽ ايس ايڇ او هالاڻي پاران مسلسل ڪوڙا دلاسا ڏيڻ بابت بہ ڪيس کي ٻڌايو ويو ان دوران ايس ايس پي صحافين کي مان ڏيندي يقين ڏياريو تہ توهان جون شڪايتون جائز آهن شڪايتون ٻڌڻ بعد پاڻ فون ڪري ايس ايڇ او هالاڻي کي سختي سان هدايت ڪندي چيائين تہ مولابخش ٿيٻو شفيق قريشي ۽ مسعود سهتي جي ٿيل چوري رڪوري ڪرائي ڏي، وري ٻيهر شڪايت مون وٽ نہ اچي جنهن بعد اسان سان مخاطب ٿيندي چيائين تہ انشاءَالله توهان جو چوري ٿيل سامان ۽ چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي ڏبي، توهان بي فڪر ٿي وڃو ۽ مون تي ڀروسو ڪري ڇڏيو اهڙي يقين ڏياني بعد صحافين ڪيس جا ٿورا مڃيا، ان موقعي تي سيد جاني شاهہ ٻڌايو تہ روحل کوسو هڪ برجستو آفيسر آهي غريبن جو مددگار آهي. درخواست آئيندڙ جا موقعي تي لاڳاپيل ايس ايڇ اوز يا ڊي ايس پيز کي فونون ڪري مسئلا حل ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري پيو ٿو انشاءَ الله اسان جي شڪايت جو بہ ضرور ازالو ٿيندو

ڪوٽڙي ڪبير: ايس ايس پي نوشهروفيروز سان صحافي اتحاد جي وفد جي ملاقات دوران ورتل فوٽو

قاضي احمد جي چانڊيہ برادري وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو، ڏريون کير کنڊ

فيصلي جي امين حاجي علي نواز چانڊيو الزام هيٺ آيل ڌر کي ڏوهي قرار ڏئي مٿن ڏنڊ جي رقم مقرر ڪرڻ جي فتويٰ ٻڌائي

صلح نہ صرف ٻن ڌرين جي فتح آهي، پر سڄي سنڌي سماج لاءِ امن ۽ ڀائيچاري جي علامت پڻ آهي: حاجي علي نواز چانڊيو

اسين ننڍين ننڍين ڳالهين تي جذبات ۾ اچي هڪٻئي جو وڏو نقصان ڪري ويهندا آهيون ڪوشش ڪري درگزر کان ڪم وٺجي

سڪرنڊ (ن ع) قاضي احمد جي چانڊيہ برادري وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو ۽ فيصلو سنڌ جي نالي واري امين پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ حاجي علي نواز چانڊيو جي سرپرستيءَ ۾ چانڊيہ هائوس سڪرنڊ تي ٿي گذريو جنهن ۾ فريادي ۽ الزام هيٺ آيل ڌرين جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن تہ ضلع شهيد بينظيرآباد جون معتبر شخصيتون پڻ فيصلي ۾ مشاورت ۽ صلح ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ شريڪ ٿيون جن ۾ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ٽائون ڪاميٽي قاضي احمد جو چيئرمين سردار چاڪر چنگيز خان اڙو بهار خان مري، سيد انور علي شاهہ، ڪمال خان جتوئي، غلام شبير چانڊيو، نور محمد چانڊيو ۽ سيد اشرف شاهہ شامل هئا فيصلي ۾ ٻنهين ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد فيصلي جي امين حاجي علي نواز چانڊيو الزام هيٺ آيل ڌر کي ڏوهي قرار ڏئي مٿن ڏنڊ جي رقم مقرر ڪرڻ جي فتويٰ ٻڌائي جنهن بعد هن ڳالهائيندي چيو تہ صلح نہ صرف ٻن ڌرين جي فتح آهي، پر سڄي سنڌي سماج لاءِ امن ۽ ڀائيچاري جي علامت پڻ آهي اڄ ڪوشش ڪري درگزر کان ڪم وٺجي اها ئي اصل زندگي آهي اسين ننڍين ننڍين ڳالهين تي جذبات ۾ اچي هڪٻئي جو وڏو نقصان ڪري ويهندا آهيون ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ ٻين کي نقصان پهچائڻ بجاءِ هر وقت پلي ۽ فائدي جو سوچجي فتويٰ بعد ٻنهي ڌرين ڀاڪر پائي کير کنڊ ٿي ويون جڏهن تہ فريادي ڌر پاران الزام هيٺ ڌر کي خون جي چٽي واري رقم پڻ معاف ڪري ڇڏي ۽ آئنده پيار محبت ۾ رهڻ جو وچن ڪيو آخر ۾ ٻنهين ڌرين جي ڀلائي ۽ امن لاءِ دعا گهري وئي

ذيشان رند قتل جي جوابدار کي گرفتار ڪري ايس ايڇ او کي هٽايو وڃي: بخشڻ رند

ورڪشاپ تي ٿيل جهيڙي دوران نوجوان ذيشان رند کي گولين هڻي قتل ڪيو ويو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)رند برادري اتحاد پاڪستان جي اڳواڻ بخشڻ خان رند ڪالهہ چيئرمين سردار خان رند جي هدايت تي رئيس نواب خان رند،رئيس حضوربخش رند،فداحسين رند،رنواز رند ۽ ٻين سان گڏ ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي تہ ڪراچي جي گلستان جوهر ٿاڻي جي حد ۾ بيدردي سان قتل ٿي ويل نوجوان ذيشان رند جي واقعي ۾ استعمال ٿيل هٿيار هٿ ڪري مک جوابدار کي گرفتار ڪري ايس ايڇ او يوسف ناريجو کي هٽايو وڃي هن چيو تہ گلستان جوهر ٿاڻي جي حد ۾ 12 ڏينهن اڳ ڪارن جي ورڪشاپ تي ٿيل جهيڙي دوران نوجوان ذيشان رند کي گولين هڻي قتل ڪيو ويو

ٽنڊو ولي محمد جا رهاڪو ايڊووڪيٽ محمد ناصر ابڙو ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪندي

سڪرنڊ تعلقي اسپتال ۾ چيسٽ پين يونٽ جي عمارت جو ڪم شروع

سڪرنڊ (ن ع) تعلقہ اسپتال سڪرنڊ ۾ فيڊرل گورنمينٽ جي اسڪيم تحت چيسٽ پين يونٽ جو ٽينڊر ٿيڻ بعد

ٽنڊو محمد خان پرسان تيز رفتار ڪيري جي ٽڪر ۾ 55 سالا عورت فوت

ٽنڊوسائينداد پرسان حيدرآباد روڊ تي تيز رفتار ڪيري عورت کي ٽڪر هڻي ڪڍيو

زخمي حالت ۾ اسپتال پهچائڻ دوران عورت رستي ۾ ئي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو

سجاڳ ٿيڻ سبب لاش مرده خاني حوالي، پوليس ڪيري جي مالڪ کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: سيبن طور خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش

رمضان پور ۾ نوجوان ميبيد پاڻ مٿان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پشاور: هڪ نمائش ۾ ڇوڪريون اسٽال ڏسي رهيون آهن

خيرپور ۾ مارجي ويل 4 ٻارڙن سميت 5 ڄڻن جي تدفين، قتل ڪندڙ عورت جو لاش وارث سرگودا کڻي ويا

جنازي نماز ۾ پ پ اڳواڻ نواب وسان، ايس ايس پي، امجد مهيسر ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور: ٻارن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ٻاندي لڳ ٻن گهرن کي باهه، الهه تلهه سڙي رک

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ اغوا ٿيل معصوم علي اصغر منگرير جي بازيابي لاءِ وارثن جو 748 ڏينهن کان احتجاج جاري

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: الفلاح بئنڪ جي مينيجر حملي ۾ زخمي، ڪيس داخل

مينيجر پون ڪمار کي زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو

موٽروي انسپيڪٽر اڪرم ڪلوڙ حملو ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

عثمان شاهه هڙي ويجهو ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 6 ڄڻا زخمي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: زخمي ٿيل بئنڪ مينيجر پون ڪمار ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

خيرپور ۾ مختلف علائقن ۾ جهيڙن دوران هڪ عورت قتل، اهلڪار سميت 10 ڄڻا زخمي

ڳوٺ عبدالل قلبوڙو ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي ۾ ڏنڊا لڳڻ سبب مسمات شرمان قتل ۽ سليم ۽ منور قلبوڙو زخمي ٿي پيا

سڪ پل وٽ قلبوڙا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙي ۾ اهلڪار چنل شهزور ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٺلهار ۾ ڪالو ڪوسو ڳوٺ واسين جو احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد جي مقامي صحافي محب جوڻو جي زال جي اغوا خلاف احتجاج

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ آيوڊين جي ڪمي سان ٿيندڙ پيچيده بيمارين جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان تقريب جو انعقاد

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: آيوڊين جي کوٽ بابت نڪتل واڪ جو ڏيک

سگهڙن جي ڪچهري ۾ پراڻي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

اطلاع تي پوليس لاش کڻي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو لنڊ برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا رتورت

مورو (ن ع) مورو مٺي اسٽيڊيم وٽ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي ۾ لٺيون ڪهاڙيون ۽ سروٽا لڳڻ سبب چار ڄڻا زخمي مورو اسپتال منتقل پوليس پڻ پهچي وئي جهيڙي تي ڪنٽرول ڪيو زخمين جي ملهه پٽي پوليس ڪجهه ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوآدم ۾ نورمحمد عرف نورل جوڻيجو جي لاڏاڻي تي عذرخواهي جو سلسلو جاري

ٽنڊوآدم (ن ع) پ پ ضلعي سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري جهانگير جوڻيجو جي والد ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو جي چاچي ۽ وڏيري محمد خان جوڻيجو جي پاءُ نورمحمد عرف نورل جوڻيجو جي لاڏاڻي تي عذرخواهي جو سلسلو جاري آهي اڳوڻي صوبائي وزير فراز ڏيرو، ناليواري صحافي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ باهه لڳڻ جا واقعا، سامان سڙي رک

فيڪٽري روڊ تي ڪباڙي دڪان کي باهه سبب ٻه رڪشا ۽ موٽرسائيڪل به سڙي ويا

ديهه 294 حاجي شفيع ۾ هرچند ۽ پيرو ميگهواڙ جي گهرن کي به باهه وڪوڙي وئي

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڪوٽ غلام محمد جي فيڪٽري روڊ تي عمر چوهاڻ جي ڪباڙي واري دڪان کي اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن سبب دڪان ۾ رکيل ڪباڙي جو سمورو سامان، ٻه رڪشا ۽ هڪ موٽرسائيڪل سڙي رک ٿي ويا، جنهن سبب لکين رپين جو نقصان ٿيو. اطلاع ملڻ بعد ٽائون ڪميٽي ڪوٽ غلام محمد جو پاڻي وارو ٽينڪر ۽ عملي واقعي واري هنڌ پهچي ويا، جتي شهرين سان گڏجي وڏي جاکوڙ بعد باهه تي ضابطو آندو ويو. باهه لڳڻ جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو، جڏهن ته علائقي ۾ ڏک ۽ پريشاني جي لهر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد ۾ فينسي فليش لائٽن سبب حادثا معمول بڻجي ويا، شهري پريشان

موٽرسائيڪلن ڪارن ۽ رڪشائن ۾ تيز لائٽن جي استعمال سان رات جو گهمڻ ڏکيو ٿي پيو

سجاڳ ڌرين جو ايس ايس پي مٽياريءَ کان نوٽيس ۽ فينسي لائٽن خلاف آپريشن جو مطالبو

نيوسعيدآباد (ت ر) نيوسعيدآباد شهر ۾ موٽرسائيڪلن ڪارن، چنگچي رڪشائن ۽ لوڊر ڦِٽن ۾ فينسي فليش لائٽن استعمال سبب حادثا روز جو معمول بڻجي ويا، رات جي ٽائيم اوباش نوجوان گاڏين ۾ فينسي لائيٽون لڳائي هلائڻ ڪري سامهون ايندڙ گاڏيءَ واري کي تيز روشنيءَ سبب ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه اچڻ ڪري حادثا پيش اچي رهيا آهن اهڙي عمل خلاف شهر جي سجاڳ ڌرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ايس ايس پي مٽياريءَ محمد عارف اسلم راٺو کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته نيوسعيدآباد پوليس کي پابند ڪيو وڃي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: مرحوم نورل جوڻيجو جي لاڏاڻي تي اڳوڻو صوبائي وزير فراز ڏيرو، گل محمد جکراڻي، چاهر ذوالفقار ۽ ٻيا عذرخواهي ڪندي

ڪراچي ۾ پوليس جون ڪارروايون، ڊڪيٽ گينگ جا ڪيترائي ميمبر گرفتار، هڪ ڦورو مارجي ويو

گلاب، فيروز آباد ۽ شريف آباد ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران پنج ڦورا زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار، موٽرسائيڪلون ۽ چوري ٿيل ڪار هٿ

ڪورنگي ۾ شهرين ٻن ڦورن کي پڪڙيو ويو، هڪ موقعي تي مارجي ويو، ٻيو زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل

ساحل پوليس ڊيفنس فيز 8 مان پنج رڪني ٽولي جا چار ڪارڪن گرفتار، قيمتي گهڙيون، نقد رقم ۽ غيرقانوني پسٽول هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پوليس پاران مختلف ڪارروائين ۾ ڊڪيٽ گينگ جا ڪيترائي ميمبر گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته هڪ ڦورو مارجي ويو پوليس ڪارروائين دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار، چوري ٿيل موبائل فون، نقد رقم، قيمتي گهڙيون، موٽرسائيڪلون ۽ هڪ چوري ٿيل ڪار هٿ ڪئي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ بدامني خلاف شهرين جو ٽيون ڏينهن به احتجاج، ڌرڻي جو اعلان

مظاهرين عرفان برفت، ساگر عالماڻي، مدثر عباسي ۽ ٻين احتجاج جاري رکيو

ڦر ۽ چوري ٿيل سامان نه مليو ته سومر ڏهاڙي انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو لڳايو ويندو

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو شهر اندر هر روز رستي تي ڦرون ڌاڙن ۽ پوليس لاقانونيت ۽ ڊي ايس پي ڪوٽڙي جي ڪيل ڪوڙي واعدي خلاف شهري سياسي سماجي ڪاروباري شخصيتن صحافيين طرفان احتجاج کي جاري رکندي اڄ ٽيون ڏينهن به ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي شهر ۾ وڌندڙ بدامني پوليس نااهلي خلاف سخت تعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب صدر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پشاور: هڪ ناري تصويرن جي نمائش دوران پينٽنگ جي تصوير ڪيئي رهي آهي

ڄامشورو: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪيرو ويجهو ڳوٺ لوڻ ڪاڻ واسي نوجوان روڊ حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڳوٺ لوڻ ڪاڻ اسٽاپ واسي انٽر ڪلاس جو شاگرد رجب علي ولد عيسي سمون ڪيرو عمرڪوٽ روڊ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو جڏهن ته الطاف چانڊيو زخمي ٿي پيو فوتي نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ٽنڊوڄام مان ڪنٽيبل امير ميراڻي اجا تائين گم، سنڌ سڀا ۽ وارثن جو احتجاج

ميان واڪي پارڪ ۾ نوجوان جي وارثن ۽ سنڌ سڀا ڪارڪنن 48 ڪلاڪن لاءِ ڪئمپ لڳائي

پوليس وردي ۽ سادي ڪپڙن وارا اهلڪار ريگو ۾ سوار ٿي امير ميراڻي کي کڻي ويا: شبير سنڌي

ٽنڊوڄام (ت ر) ٻه مهينا اڳ مبينه ڪنهي گم ڪيل نوجوان امير ميراڻي جو پتو نه پيو سنڌ سڀا تنظيم جي ڪارڪنن ۽ گهر ڀاتين پاران احتجاجي ڪيمپ قائم امير ميراڻي کي بازياب ڪرائڻ جي گهر خبر موجب ٻه مهينا اڳ نامعلوم ماڻهن پاران ٽنڊوڄام ويجهو ٽنڊو قيصر مان مبينه طور ڪنهي گم ڪيل نوجوان امير ميراڻي جي بازيابي لاءِ سنڌ سڀا جي ڪارڪنن ۽ سندس وارثن پاران ٽنڊوڄام جي ميان واڪي پارڪ ۾ 48 ڪلاڪن واري احتجاجي ڪئمپ لڳائي وئي انهي موقعي تي سنڌ سڀا اڳواڻ شبير سنڌي ڳالهائيندي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پرياسڪي لڳ پٽي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ست ڄڻا زخمي

ڳوٺ نيپوڙو پٽي واسي پائر ۽ پائندا گهڻي جي معاملي تان پاڻ ۾ وڙهي پيا

زخمي قلندر بخش، فيضان، خادم، مظفر، شرعلي، عاقب ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

پرياسڪي (ن ع) پرياسڪي پرسان ڳوٺ نيپوڙو پٽي ۾ پائر ۽ پائندا پاڻ ۾ وڙهي پيا لٺيون ۽ سروٽا لڳڻ سبب ست ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي علاج لاءِ اسپتال آندو ويو جتي طبي امداد ڏني وئي ڻالٽي تي پهچي ڌرين جي اين سي داخل ڪري زخمين کي علاج لاءِ ليٽر جاري ڪيو ويو زخمين ۾ قلندر بخش پٽي ،فيضان پٽي ،خادم حسين پٽي ،مظفرپٽي، شيرعلي پٽي ،عاقب پٽي ،اشفاق پٽي ۽ معشوق پٽي شامل آهن اسپتال ۾ ڊاڪٽرن موجب زخمين کي فوري طبي امداد ڏني وئي آهي سندن حالت سڌرندڙ آهي ان سلسلي ۾ زخمين جو چوڻ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

پرياسڪي: جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

سنڌ جو وفاق کان پي ايس بي ڪوچنگ سينٽر صوبائي حڪومت حوالي ڪرڻ جو مطالبو

18هين ترميم بعد صوبن کي اختيار ملڻ گهرجن، راندين جا ادارا صوبائي حڪومتن جي ماتحت ٿيڻ گهرجن: سردار محمد بخش

نيشنل گيمز لاءِ تياريون مڪمل، 14 ٽيمون شرڪت ڪنديون، 11 هزار رانديگرن لاءِ جديد سهولتون ۽ سيڪيورٽي انتظام مڪمل

افتتاح آصف علي زرداري ڪندو، اختتامي تقريب ۾ شهباز شريف کي دعوت، بلاول ڀٽو پاران اي-گيمز تقريب ۾ شرڪت جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر وفاق کان پي ايس بي ڪوچنگ سينٽر ڪراچي صوبي جي حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته "18 هين ترميم کان پوءِ سنڌ کي هي مرڪز ملڻ گهرجي" هن چيو ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ راندين جي فروغ لاءِ سڀني دستياب وسيلن کي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

لياري ۾ فائرنگ، پٺو هوٽل جو مالڪ گولي لڳڻ سبب فوت، ڇوڪري زخمي

اولڊ حاجي ڪيمپ ۾ هوٽل مالڪ ۽ گراهڪن ۾ غلط فهمي سبب فائرنگ، 24 ورهين جو مصطفيٰ ڪڇي مٿي ۾ گولي لڳي فوت

هوٽل مالڪ ثناءُ الله کي گرفتار ڪري پسٽول قبضي ۾ ورتو ويو، واقعي جي جاچ جاري آهي: پوليس

نظامي روڊ تي فائرنگ جو ٻيو واقعو، 15 ورهين جي ڇوڪري ثنا کي نامعلوم گولي لڳڻ سبب زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياري ۾ اولڊ حاجي ڪيمپ پٺو هوٽل جي مالڪ جي مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب هڪ شخص فوت ٿي ويو تفصيل موجب اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات لياري اولڊ حاجي ڪيمپ جي ڪالاڪوٽ علائقي ۾ اسٽريٽ نمبر 1 جيڪو پٺو هوٽل جي نالي سان پڻ مشهور آهي، ۾ هڪ شخص زخمي ٿي پيو زخمي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سکر سول اسپتال ۾ جديد مشينري سان هڪ نئين ليبارٽري جو افتتاح ڪيو ويو

اسان جو فرض آهي جو ايندڙ غريب مريضن لاءِ سهولتون فراهم ڪرائيون: ايم ايس

سول اسپتال الله پاڪ کان بعد غريب عوام جو هڪ واحد سهارو آهي: ڊاڪٽر محمد صالح

سکر(بيورو رپورٽ) سول اسپتال سکر ۾ ايم آن آءِ، سٽي اسڪين جي مشينري جي صحيح ٿيڻ بعد انتظاميه جو هڪ ٻيو قدم جديد مشينري سان هڪ نئين ليبارٽري جو افتتاح ڪيو ويو ان سلسلي ۾ سکر سول اسپتال جي نئين ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر محمد صالح جي اچڻ بعد سول اسپتال ۾ هڪ ٻيو سٺو قدم کڻندي جديد مشينري سان ليبارٽري جو افتتاح

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ مزدور ٽرڪ مان ٻوريون لاهي رهيو آهي

صحافي غلام حسين لغاري جي عدالتي فيصلي تي عملدرآمد لاءِ روينيو عملدارن سان ملاقات

غلام حسين ڪمشنر حيدرآباد، ڊي سي ۽ اي ڊي سي ڏاڏو سميت ٻين عملدارن کي عدالتي ڪاپيون پيش ڪيون

ڪجهه اڳوڻن عملدارن نقلي تشدد، بليڪ ميلنگ ۽ الزام تراشيءَ باوجود انصاف تي پورو اعتماد آهي: غلام حسين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌجي ناميارِي زرعي ماهر ڪالم نگار سينئرصحافي غلام حسين لغاري انصاف ۽ حق جي فراهمي خاطر ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن، ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد علي مرتضي شاهه، ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون دادو زاهد جوڻيجو اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه جوهي عدنان هڪڙو اسسٽنٽ مختيارڪار تعلقه جوهي سان پنهنجي زمين جي مسئلي تي روبرو ملاقات ڪري ڪين جڊيشنل ميمبر ٽو بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد سيد محسن علي شاهه جي عدالت جو ديهه قبو قلندر ون جوهي جي مالڪي بابت سندس

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ سماجي تنظيم پاران مستحق عورتن ۾ مفت سلائي مشينون ورهايون ويون

هنگورجا (ن ع) هنگورجا ۾ ايل سي ايف مفت نياڻين لاءِ سلائي هنر سکيا مرڪز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مستحق عورتن ۾ سلائي مشينون ورهايون ويون عمل جو مقصد عورتن کي فني تربيت ۽ ڪين معاشي خودمختياري ۽ باعزت زندگي ڏانهن وڌائڻ آهي هي سماجي ڀلائيءَ جو قدم مقامي ڪميونٽي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ايس ٽي پي قاسم آباد جي نئين باڊي چونڊجي وئي، جبار راهو صدر مقرر

منظور پليپوٽو نائب صدر، شاهد ابڙو جنرل سيڪريٽري، تعمير ابڙو پريس سيڪريٽري منتخب

ڊاڪٽر قادر مگسي جي قيادت هيٺ سنڌي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي قاسم آباد جي چونڊن نئي باڊي چونڊجي وئي سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي قاسم آباد جون چونڊون ضلعي صدر حيدرآباد ايس ٽي پي جان محمد جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ ٿيون جن ۾ جبار راهو تعلقو قاسم آباد جو نئون صدر منظور پليپوٽو نائب صدر شاهد ابڙو جنرل سيڪريٽري، محمد اسلم عرف ڪامريڊ لالو لاکو جوائنٽ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ عورتن ۽ ٻارڙي جي مبينا اغوا واري ڪيس ۾ عابد علي سندراڻي جي ضمانت

دادو عدالت ۾ ٻڌڻي جج طارق علي سانگرو پاران 50 هزار مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي

فريادڻ حميده ڏهر پاران اڳ ۾ عدالت ۾ بيان ۽ قسم نامو جمع ڪرايل هو

دادو(ڊ-ر) ميهڙ مان مبينا طور 2 عورتن سميت هڪ ٻارڙي جي اغوا ۽ ڀنگ طلب ڪرڻ وارو معاملو جوابدار پ پ ايم پي اي عابد علي سندراڻي جي پڪي ضمانت واري درخواست تي دادو جي عدالت ۾ ٻڌڻي پ پ ايم پي اي ڪشمور/ ڪنڌڪوٽ عابد علي سندراڻي پنهنجي وڪيل معرفت عدالت پهتو ٻڌڻي ايڊيشنل سيشن جج 4 دادو طارق علي سانگرو جج جي عدالت ۾ ٿي گذري، گذريل تاريخ تي ڪيس جي فريادڻ مسمات حميده ڏهر پاران پڪي ضمانت جي درخواست قسم نامون عدالت ۾ جمع ڪرايو هيو اغوا جاٿايل

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي ٽيچرز ايسوسيئيشن جو صدر طارق حسين جلباڻي نيچرل سائنس فيڪلٽي جي ڊين ڊاڪٽر عبدالمنان شيخ کي گلدستو ڏئي رهيو آهي

حيدرآباد: ايس ٽي پي تعلقي قاسم آباد جي چونڊ ۾ ڪامياب ٿيندڙ اميدوار

جي سي يونيورسٽي حيدرآباد ٽيچرز ايسوسيئيشن پاران ڊاڪٽر روشن صديقي کي ڊين مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد

حڪومت جي هيءُ قدم يونيورسٽي جي انتظامي ۽ تعليمي ميدان ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندو: طارق حسين جلباڻي

حيدرآباد(پ ر) صدر گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد ٽيچرس ايسوسيئيشن طارق حسين جلباڻي جي اڳواڻي هيٺ ڊين فيڪلٽي آف نيچرل سائنس ڊاڪٽر عبدالمنان شيخ، انگريزي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز حسين سومرو، سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر احسان الحق، اردو شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالقدوس حسن راشد، ايجوڪيشن شعبي جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شاهاڻي برادري جي چيف سردار رئيس چاڪر خان شاهاڻي جا عمرڪوٽ ۾ دورا

ڳوٺ محمد موسيٰ شاهاڻي ۾ ريلي جي صورت ۾ آمد، گلن جي ورکا ڪئي وئي

پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ پنهنجو پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪيو: چاڪر خان شاهاڻي

سامارو (ن ع) سامارو روڊ شاهاڻي قوم جو چيف سردار رئيس سردار چاڪر خان شاهاڻي ضلعي عمرڪوٽ جي مختلف هنڌن جا دورا ڪيا شاهاڻي قوم پاران مختلف هنڌن تي ڀرپور استقبال ڪيو ويو خبر موجب شاهاڻي قوم جي چيف سردار رئيس چاڪر خان شاهاڻي پاران ضلعي عمرڪوٽ جي مختلف ڳوٺن جا دورا ڪيا شاهاڻي قوم پاران چيف سردار چاڪر خان شاهاڻي جو مختلف هنڌن تي پهچڻ تي ڀرپور استقبال ڪيو مٿس گلن جي ورکا پڻ ڪئي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جو مائيڪرو فنانس بينڪ جي انتظاميا جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) مائيڪرو فنانس بينڪ جي مبينا غلط استعمال خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون شهري احتجاج، جمع ٿيل سون جي وقت کان اڳ نيلامي تي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار پاران عوامي شڪايتن لاءِ کليل ڪچهري

سکر(بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سهيل راجپوت جي خاص هدايتن تي، محتسب اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار سيد علي ممتاز زيدي پاران سکر سرڪٽ هائوس ۾ عوامي شڪايتن جي ٻڌڻي لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سکر ۽ پرياسي جي مختلف علائقن مان آيل شڪايتڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ مختلف کاتن بابت زباني ۽ لکت ۾ شڪايتون پيش ڪيون کليل ڪچهري دوران عوام پاران پڳهارون نه ملڻ سالن کان

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

يو اين ۽ آءِ او ايم جي سهڪار سان صحافين لاءِ هيومن ٽريفڪنگ ۽ مائيگرنٽ اسمگلنگ تي ورڪشاپ

هيومن ٽريفڪنگ ۽ مائيگرنٽ اسمگلنگ ٻه الڳ جرم آهن، پر ادارن ۾ اڃا به الجهن موجود آهن: عون صاحي

رياست کي غير قانوني ڊنڪي ڪلچر جي خاتمي لاءِ وڌيڪ سخت قدم کڻڻ گهرجن، ۾ جعلي روزگار جي آڇ ڪندڙ ايجنٽن جي جال ۾ ڦاسي رهيا آهن

يونان ۽ لبيا ۾ پيش آيل ٻوڙن جي حادثن ڪانپوءِ به هي غير قانوني ڪاروبار بند نه ٿيو آهي بلڪ ايجنٽن پنهنجا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن

مري(اپ ر) يو اين ۽ آءِ او ايم جي سهڪار سان صحافين لاءِ هيومن ٽريفڪنگ ۽ مائيگرنٽ اسمگلنگ تي ٽن ڏينهن جي ورڪشاپ مري — اقوام متحده (يو اين) جي سهڪار سان انٽرنيشنل آرگنائيزيشن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪوهه مري: انساني اسمگلنگ بابت ورڪشاپ ۾ حصو وٺندڙ صحافي ويٺل آهن

نوابشاهه واسي جو گهرواري سان گڏجي سالن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

نوابشاهه(س.ر)نوابشاهه جي ڪمالا ڪالوني جي رهواسين مردن ۽ عورتن اڪمل آرائين ۽ سندس زال نسرين آرائين جي اڳواڻي ۾ نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي اڪمل آرائين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو سهرو محمد اقبال آرائين اسان

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ اسٽال تي مڇي وڪري لاءِ رکيل آهي

چونڊن بعد ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف نئين منظم تحريڪ شروع ڪبي: سرفراز ميتلو

ڪئنالن واري معاملي تي سوچ پر فارمنگ وارو معاملو اختلافن سبب رولڙي ۾ پئجي ويو

ٺٽو(ڊ ر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڪراچي جي صدر ايڊووڪيٽ سرفراز ميتلو هڪ دفعو ٻيهر بار جي چونڊن ڪانپوءِ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف وڪيلن جي منظم تحريڪ شروع ڪرڻ جو اشارو ڏيندي چيو آهي ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ واري معاملي تي هلندڙ تحريڪ دوران

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز جي بابا جمناداس اداسين مندر ۾ ديوالي، وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي وئي

نوشهرو فيروز(ڊ ر) نوشهرو فيروز جي بابا جمناداس اداسين مندر ۾ ديوالي، وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي وئي جنهن ۾ ايس ايس پي روحل خان کوسو به شرڪت ڪئي دربار جي گادي نشين سائين رام داس سنڌس

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه بختاور ڪيڊٽ ڪاليج پاران ڇوٿون آل پاڪستان انٽر ڪاليج تقريري مقابلو

تقريب ۾ مختلف ڪيڊٽ ڪاليجن جي شاگردياڻين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اڄوڪين علمي ۽ تخليقي تقريبون نوجوان نسل لاءِ حوصلي ۽ حوصله افزائي جو ذريعو آهن: ڪمشنر

نوابشاهه(رپورٽ مشرف پٽي)بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلز شهيد بينظيرآباد پاران ڇوٿون آل پاڪستان انٽر ڪاليج تقريري مقابلو ۽ سمارٽ نمائش شاندار نموني سان منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف ڪيڊٽ ڪاليجن جي شاگردياڻين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت ڪاليج جي پرنسپل ڊاڪٽر فريده شيخ ڪئي جڏهن ته ڪمشنر شهيد

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: بختاور پٽو ڪيڊٽ ڪاليج ۾ لڳايل سائنسي ميلي ۾ ڪمشنر ۽ پرنسپال اسٽال ڏسي رهيا آهن

ارڙيءَ ۽ روبيلا ويڪسينيشن لازمي آهي، والدين هر ٻار کي ويڪسين لڳرائين: عذرا پيچوهو

ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ گذريل مهم جي حڪمت عملي، انتظامي تيارين ۽ سيڪيورٽي بندوبست جو جائزو

6000 ٽيمون مقرر، هر ويڪسينيٽر روزانو 50 ٻارن کي ويڪسين ڏيندو، نجي اسڪولن لاءِ لازمي شرڪت جو حڪم

والدين لاءِ ويڪسين لازمي قرار، تعاون نه ڪندڙن ۽ غلط ڄاڻ پکيڙيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت ۽ آباديءَ جي ڀلائيءَ واري وزير سنڌ ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جي صدارت هيٺ ارڙي ۽ روبيلا ويڪسينيشن مهم بابت ڀرپور صوبائي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ 17 کان 29 نومبر 2025 تائين پوري صوبي ۾ ارڙيءَ ۽ روبيلا (ايم آر) کان بچاءَ لاءِ هلندڙ مهم جو جائزو ورتو ويو ۽

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

موري واسي جو ڌيءَ جي اغوا خلاف احتجاج، واپسي جو مطالبو

مورو(ن ع) مورو شهر جي گجيرو روڊ جي رهواسي پورهيت علي خان پنهور پنهنجي پٽ پورو پنهور جاني پنهور بيمار معصوم سان گڏ قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي مورو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو هن پنهنجي هٿ ۾ قرآن پاڪ کڻي دانهون ڪندي چيو ته سندس نوجوان ڌيءَ راڻي پنهور کي بااثر ماڻهن دلي جان دلمراد ۽ ذاڪر ٻوڏي اغوا

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

بدين لڳ نياڻي جي اغوا خلاف وارثن جو احتجاجي مظاهرو

هٿيارٻند جوابدار گهر ۾ گهڙي نياڻي کي زوري اغوا ڪري ويا: مظاهرين

پوليس کي اطلاع ڏيڻ باوجود ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو، انصاف ڪيو وڃي

بدين (ڊ ر) ٽنڊو شهر لڳ گهر مان نياڻي اغوا متاثره خاندان طرفان بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو نياڻي جي بازيابي جو مطالبو تفصيل موجب بدين پرسان ٽنڊو شهر لڳ ڳوٺ محمد سومار پنهور ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

بدين: عورتون مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پيرڳوٺ جي پرائمري اسڪول تي قبضي خلاف ٻڌڻي، ڪمشنر تي ناراض

جسٽس ذوالفقار علي سانگي ۽ جسٽس رياضت علي ساهڙ تي مشتمل آئيني بئنچ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

ڪمشنر سکر، ڊي سي خيرپور جو نمائندو اي سي ۽ تعليم کاتي جا لاڳاپيل آفيسر ۽ ٻيا واسطيدار پيش ٿيا

ڪمشنر سکر عملدارن جي جاچ رپورٽن کي پاسيرو رکي خانگي ماڻهن جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي: عدالت

مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏيڻ تي عدالت ڪمشنر سکر مٿان سخت ڪاوڙ ۽ ناراضگي جو اظهار ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ) پيرجوڳوٺ شهر ۾ واقع گورنمينٽ پرائمري اسڪول ون جي 12 هزار اسڪوائر فوٽ ايراضي تي قبضي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ آفتاب خاصخيلي طرفان داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي وئي، عدالت جي طلب ڪرڻ تي ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي، ڊي سي خيرپور جو نمائندو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪي ڪي ماڻهو اهڙا، جهڙا بيت پڙائي
چاليهي جي خيرات
چانڊيا قوم جي اڳواڻ مشهور سياسي سماجي شخصيت، ڪچهري جي مور، اوطاق جي خان
رئيس الطاف چانڊيو
جيڪو تاريخ 17 سيپٽمبر2025 اربع تي اسان کي سوڳوار ڇڏي هن فاني دنيا کان لاڏاڻو ڪري ويو.
جنهن جي ايصال ثواب لاءِ چاليهي جي خيرات في سبيل الله جي ماني تاريخ 24 آڪٽوبر2025 جمع جي ڏينهن بعد نماز جمع چانڊيه هائوس پڪرا پڙي ڪاري موري حيدرآباد ۾ رکي وئي آهي. جنهن ۾ شرڪت جو سڏ اوهان کي ڏجي ٿو. اچي دعائي خير ۾ شامل ٿيندا.
سوڳوار: امداد حسين چانڊيو، ڊي ايس پي ظفر چانڊيو، ڊاڪٽر خادم چانڊيو، فهد الطاف چانڊيو
نور احمد چانڊيو، عبدالرشيد چانڊيو، صمد چانڊيو، ايڊووڪيٽ رافع چانڊيو، ايڊووڪيٽ علي نواز چانڊيو، بلال چانڊيو، رياض چانڊيو، عامر چانڊيو، اسامه زين
قرآن خواني.........12-00 وڳي منجهند
دعا.........01-00 وڳي منجهند
خيرات.........01-30 وڳي منجهند
0312-0334995
0313-3050190

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.